# شهنشاهه لطيفؒ ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو

(شهنشاهه لطيف جي 273هين عرس مبارڪ جي موقعي تي پڌرو ڪيو ويو)

ترتيب ۽ تحقيق

غلام شبير پيراهين

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

Institute



شهنشاهه لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو






Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (329) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”شهنشاهه لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو“** تحقيق تي مبني ڪتاب آهي جنهن جو ليکڪ **غلام شبير پيراهين** آهي.

”شهنشاهه لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو“ ۾ جُملي (52) بزرگ شاعرن جي مواد کي جمع ڪرڻ ۾ ڪافي مستند ڪتابن ۽ (ph.d)ٿيسز کي سامهون رکيو ويو آهي. جيئن ڪٿي ڪا غلطي جي گنجائش نه رهي سگهي. ڪو به تحقيقي ڪم ”حرف آخر“ ناهي هوندو. پر پوءِ به ”راقم“ هر وجهه هر ممڪن ڪوشش ڪري صحيح ۽ مستند مواد ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن حيدر آباد** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست ساجد سنڌيءَ جا جنهن سمبارا پبليڪيشن پاران ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي، ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com





**ڪتاب نمبر 35**

**هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

ڪتاب جو نالو: شهنشاهه لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو
موضوع: تحقيق
ليکڪ: غلام شبير پيراهين
ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2016ع
ڪمپوزنگ/لي آئوٽ: شاهزيب ميمڻ/عبداللطيف ڪُڙيو
ٽائيٽل: رضوان گل
ڇپائيندڙ: پيراهين اڪيڊمي ميرپورماٿيلو
ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن
سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966
**مُلهه: 300 روپيا**

***SEHNSAHAH LATIF AIN BUZRIG SHAIRAN JO TAZKRO***
***(Reserch)***
***By: Ghulam Shabir Pirahin***
***Sambara Publication Hyderabad***
***03003513966***

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

پڻائي ڪتاب گهر حيدرآباد. فڪشن هائوس حيدرآباد، ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد، قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد، ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو. رابيل ڪتاب پڻائي ڪتاب گهر حيدرآباد. فڪشن هائوس حيدرآباد، ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد، قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد، ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو. رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گهر شڪارپور، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر. تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس، ٿر ڪتاب گهر مٺي. الفتح نيوز ايجنسي سکر.



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**ڪتاب نمبر 35**

**هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

ڪتاب جو نالو: شهنشاھ لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو
موضوع: تحقيق
ليکڪ: غلام شبير پيراهين
ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2016ع
ڪمپوزنگ/لي آئوٽ: شاهزيب ميمڻ/عبداللطيف ڪُڙيو
ٽائيٽل: رضوان گل
ڇپائيندڙ: پيراهين اڪيڊمي ميرپورماٿيلو
ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن
سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966

**مُلھ: 300 روپيا**

***SEHNSAHAH LATIF AIN BUZRIG SHAIRAN JO TAZKRO***
(***Reserch***)
***By: Ghulam Shabir Pirahin***
***Sambara Publication Hyderabad***
***03003513966***

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**



شهنشاھ لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو

# ”انتساب“

سنڌ جي عظيم تاريخدان مؤرخ ۽ محقق پير حسام الدين شاھ راشدي جي اسم گرامي سان پنهنجي هي تحقيق منسوب ڪريان ٿو. جنهن بنيادي ماخذن کي فارسي زبان مان سنڌي ۾ آڻي سنڌي ادب ۽ تاريخ ۾ بي پناھ واڌارو ۽ سڌارو آندو.

الله جِـن نـالـوءِ، تِـئـن مُـون وڏو آسـرو،
خالِق! تُنهنجي ڪانڊِ جو، پَرو پانڊُ نہ ڪوءِ،
نـالـو، رَبُ! سَـنـدوءِ، رَهِـيـو آهِـمِ روح ۾.
(سُر ڏهر)

**غلام شبير پيراهين**

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# فهرست


1. اداري پاران — ساجد سنڌي
2. ليکڪ پاران — غلام شبير پيراهين
3. مهاڳ — غلام رسول اڪرم سومرو
4. ٻہ اکر — ڪريم بخش چنا
5. تاثر — علي حسن سرڪي
6. ليکڪ جو تعارف — غلام فريد پيراهين


## باب پهريون:شهنشاهہ لطيفؒ


1. سوانح : ( شهنشاهہ لطيفؒ)
2. شاهہ حبيب جي شادي
3. شاهہ حبيب جو ڪوٽڙي ڪان لڏڻ
4. شهنشاهہ لطيفؒ جو اُستاد وٽ پڙهڻ
5. شهنشاهہ لطيفؒ جي دُعا ڪرڻ
6. شهنشاهہ لطيفؒ جو سير سفر دور وارو دور
7. شهنشاهہ لطيفؒ جي شادي
8. شهنشاهہ لطيفؒ جو ڀٽ تي رهڻ
9. شاهہ حبيب جي وفات ( والد شهنشاهہ لطيفؒ)
10. مخدوم محمد معين ٺٽويؒ جي جنازي نماز پڙهائڻ
11. شهنشاهہ لطيفؒ جي وفا


## شهنشاهہ لطيفؒ جا گادي نشين


1. سيد جمال شاهہ (پهريون گادي نشين)
2. سيد قائم شاهہ (ٻيون گادي نشين)
3. سيد قائم الدين شاهہ (ٽيون گادي نشين)
4. سيد لطف علي شاهہ (اول) (چوٿون گادي نشين)
5. سيد علي بخش شاهہ (اول) (پنجون گادي نشين)
6. سيد الله بخش شاهہ (ڇهون گادي نشين)
7. سيد لطف شاهہ علي شاهہ (ثاني) (ستون گادي نشين)
8. پير علي بخش شاهہ (علڻ سائين) (اٺون گادي نشين)
9. پير ميان شاهہ ڏنو : ( نائون گادي نشين)




www.sindhsalamat.com

شهنشاهہ لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو


10. غلام شبير شاهہ (ڏهون گادي نشين)
11. سيد نثار حسين شاهہ. (يارهون گادي نشين)
12. سيد وقار حسين شاهہ. (ٻارهون موجودہ گادي نشين)
13. شهنشاهہ لطيف جي رسالي جا ناياب بيت


## باب ٻيون:شهنشاهہ لطيفؒ کان اڳ جا بزرگ شاعر


1. حضرت خواجہ فريد الدين عطارؒ
2. حضرت خواجہ معين الدين چشتي " اجميريؒ
3. سلطان سخي سرورؒ
4. شيخ جلال الدين تبريزيؒ
5. حضرت بابا فريد (گنج شڪر)ؒ
6. حضرت شيخ جمال الدين ( هانسوي)ؒ
7. حضرت علاو الدين احمد "صابرؒ
8. حضرت شاهہ صدر الدين (عارف)ؒ
9. حضرت خواجہ نظام الدين (عارف)ؒ
10. حضرت سيد جلال الدين بخاري رح (مخدوم جهانيان)
11. حضرت سيد محمد گيسو درازؒ
12. قاضي قاضنؒ
13. حضرت شيخ سليم چشتيؒ
14. حضرت مخدوم نوح سرور "هالائي"ؒ
15. شاهہ خير الدين عرف " جيئي شاهہ"ؒ
16. حضرت ميان ميرؒ
17. سيد حيدر شاهہ " حقاني" رضويؒ
18. حضرت شاهہ عبدالڪريم "بلڙي وارو"ؒ
19. حضرت شاهہ حسينؒ
20. حضرت مجدد الف "ثاني"ؒ
21. شاهہ لطف الله قادريؒ


## باب ٽيون:شهنشاهہ لطيفؒ جي دؤر جا بزرگ شاعر


1. ٻُلا شاهہؒ
2. مخدوم محمد معين ٺٽويؒ
3. ميون محمد مبين چوٽياريؒ
4. ميان صاحبڏنو فاروقيؒ






www.sindhsalamat.com

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

5. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ؒ
6. شاهہ ولي الله ؒ (دهلوي)
7. سيد محمد صالح شاهہ (لوءِ صاحبان) ؒ
8. خواجہ محمد زمان لواري وارو ؒ
9. صوفي سلام الله شاهہ (ٺرڙٽي) ؒ
10. حضرت پير سيد وارث شاهہ ؒ
11. مخدوم عبدالله نرئي وارو ؒ
12. شهيد مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ؒ

## باب چوٿون:شهنشاهہ لطيف ؒ کان پوءِ جا بزرگ شاعر

1. سيد راضي شاهہ لڪياري ؒ
2. سيد محمد راشد (روضي ڌڻي ؒ)
3. سيد محمد حسن شاهہ جيلاني ؒ
4. پير محمد اشرف شاهہ (ڪاماري وارو)
5. حضرت بچل شاهہ ؒ
6. خوش خير محمد فقير هيسباڻي ؒ
7. قادربخش "بيدل ؒ"
8. حافظ محمد صديق ؒ (ڀرچونڊي شريف)
9. حضرت مولانا سيد تاج محمد "امروٽي ؒ"
10. خواجہ غلام فريد ؒ
11. صوفي رڪيل شاهہ ؒ
12. حضرت پير سيد مهر علي شاهہ ؒ
13. محمد "محسن" بيڪس رحہ
14. حضرت مولانا احمد سائين ؒ (خانگڙهہ شريف)
15. محمد فقير کتياڻ ؒ
16. محمد فقير گهوٽو ؒ
17. صوفي فقير جاڻ چن ؒ
18. چيزل شاهہ ؒ

## باب پنجون:مضمون ۽ مقالا





# پبلشر نوٽ

جتي شهنشاهہ لطيف جا پارکو ۽ پروانا اڄ بہ سنڌس بيتن ۾ موجود هزارهان لفظن جي گهرائي ۾ معنيٰ خيزي ماپڻ لاءِ ڪوشان آهن، اتي لطيف سرڪار جي فن ۽ فڪر جو ڇيد ڪرڻ جي سگهہ کان بي نياز نقاد هوائن ۾ هنبوشيون هڻڻ واري مشق ۾ اڄ بہ مصروف عمل آهن. شاهہ جي فڪري پهلوئن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ وارا ذهن ۽ متلاشي اکيون وقت آهر وندر طور سوچ ۽ ويچار سان پنهنجن خيالن جي خوشبوءِ کي پنن تي پٿارڻ جي جستجو ۾ مگن نظر اچن ٿا پر انهن مشڪل رستن کان نا آشنا ڪي عشاق لطيفي رمز ۾ رڱجي پنهنجو نانءُ چڙهہ تہ يوسف جي خريدارن ۾ لکرائي پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏيارين ٿا. لطيفي جي اهڙن سچن عاشقن ۽ پيروڪارن ۾ غلام شبير پيراهين جا پنڌ ۽ پيچرا بہ قابل داد ۽ عقيدتمندن جون اکيون ٺڏيون ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن.

شاهہ لطيف جي شاعري ۽ سنڌس زندگيءَ جي واقعن ۽ وارتائن کي مختلف حوالن سان گڏ سهيڙي غلام شبير پيراهين اڪيلي سر لطيفي ادب کي لڳاتار 3 ڪتاب ڏنا آهن، جيڪو سنڌس شهنشاهہ لطيف سان جنوني لڳاءَ ۽ عقيدت جو ڀرپور اظهار آهي، ڪتابن سان بي تحاشہ چاهہ رکندڙ هن فقير منش جاکوڙي ليکڪ فقط شاهہ جي شيدائي جو ئي ٿيڻ چو چاهيو، اهو بہ هڪ الڳ داستان ٿي سگهي ٿو، پر جهڙي نموني غلام شبير پيراهين پنهنجي ذات ۽ ڏانءُ آڌار شاهہ جي پيغام جي پرچار ڪري رهيو آهي، اها يقينن کيس اهڙي ماڳ تائين ضرور رسائيندي جتي متوالن لاءِ موکيءَ جا مٽ پلٽجندي ڪا ويرم نہ لڳندي آهي، اسان جي دعا جا گل بہ غلام شبير پيراهين لاءِ هميشہ جيان ٽڙندا رهندا تہ جيئن هو اسان کي اڃان بہ لطيفي رنگ جا نوان رخ پسائيندو رهي.

**ساجد سنڌي**
**سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد**
**03003513966**



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library - Admin:Ameer Adnan 00923337516944

# ليکڪ پاران

**پاچاھِي نہ پاڙيان، سَرتيونُ سُئيءِ ساڻُ**
**ڏِکي اُگھاڙن کي، ڪِينَ ڏِکيائِين پاڻُ،**
**پِيھَر جاپِي جاڻُ، اِبَر جي اوصاف کي،**

شروع پالڻھار جي نالي سان جنهن زمين ۽ آسمان کي جوڙيو. سج ۽ چنڊ کي روشني عطا ڪئي. ڏينهن کي انسان جو وسيلو بڻائي. رات کي سڪون جو مسڪن بڻايو. ڏينهن کي مهينن ۾ ۽ مهينن کي سالن ۾ سفر جو ساٿي بڻائي. هڪ اهڙي تاريخ کي جنم ڏنو. جو اها تاريخ قبل مسيح کان هجري سن ۽ عيسوي سالن جوويس ڏکي، اڄ تائين روشن مثال قائم ڪيو آهي. جو تاحيات قائم و دائم رهندو.

ترتيب ڏنل پهرين ڪتاب ”شاهہ لطيف تاريخ جي آئيني ۾“ بہ شهنشاهہ لطيف جي جمڻ کان وفات تائين. هم عصر بزرگ شاعرن سان روح رهاڻين تائين، سير تفريح جي سفر تائين ۽ چيل ڪلام جي ڪلياڻ کان بلاول تائين ترتيب ڏنل مواد. 2008 ع ۾ جيئن ئي ڇپجي منظر عام تي آيو. تہ دل وارن دوستن، ڏات ڏڌين، قلمڪارن شامل مواد کي ساراهيو. پسند ڪيو. ۽ نيڪ مشورن کان آگاهہ بہ ڪيو.

هن ڏکئي دور ۾ ڪتاب کي ترتيب ڏيڻ کان پوءِ ڇپرائڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. پورا ست سال گذرڻ بعد. دوستن جي پراسرار خواهش تي قلم کڻي ٻيڻ ڪتاب؛ ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، شخصيتون ۽ درسگاهون“ کي ترتيب ڏنو. جو 2015ع ۾ دوستن جي دعائن سان ڇپجي مارڪيٽ ۾ پهتو. تہ ڪافي دوستن، ڏات ڏيڻن، ليکڪن، اديبن شاعرن جي ملهيل مانائتي موٽ وڏيڪ اُتساهہ ڏنو. شهنشاهہ لطيف متعلق مواد. ۽ بزرگ ۽ هم عصر شاعرن تي شامل مواد کي تمام گهڻو ساراهيو ويو. ۽ ڪافي دوستن ”بزرگ شاعرن“ تي لکڻ لاءِ زور بہ ڀريو.

پهريان ڪتاب ۾ آيل بزرگ شاعرن ۾ حضرت عبداللطيف ڀٽائي (1102هہ_ 1165هہ) حضرت سچل سرمست (1152هہ _ 1242هہ) حضرت قلندر لعل شهباز (538هہ _ 673هہ) صوفي شاهہ عنايت شهيد ( 1065هہ _ 1130هہ) روحل فقير (1146هہ _ 1219هہ) سيد موسيٰ شاهہ (وفات 1173هہ) سيد حاجن شاهہ ( ماڙي



www.sindhsalamat.com



شڪارپور) 1367هہ _ 1434هہ) سيد شاهہ مردان شاهہ ثاني (ڇٽ ڌڻي) 1347هہ _ 1434هہ) سيد انور شاهہ ”جهان پور شريف“ ( 1324هہ _ 1381هہ) حضرت سلطان باهو (1038هہ _ 1103هہ) راضي فقير لاشاري (1317هہ _ 1384هہ) حضرت شاهہ عبداللطيف امام بري سرڪار (1026هہ _ 1119هہ) حضرت بهاوالدين ذڪريا ملتاني (566هہ ___ 661هہ) حضرت داتا گنج بخش علي هجويري ( 400 هہ _ 465هہ ) حضرت شاهہ شمس تبريز (584 _ 670هہ) حضرت مولانا جلال الدين رومي (604هہ _ 672هہ) حضرت بو علي قلندر ( 604هہ _ 724هہ) سر فهرست آيل آهن.

بزرگ شاعرن جي سن وار ڄاڻ معلوم ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي محنت ڪري مختلف ۽ مستند ڪتابن جو مطالعو ڪرڻو پئي ٿو. جو اسان جي مانوارن قلم ڌڻين: (بزرگ شاعرن) جي سن وار کي تمام گهٽ ڪنيو آهي. اگر جي بزرگ شاعرن جي پيدائش ۽ وفات وارو سن هجري کي ڪنيو ويو آهي. تہ عيسوي سال کي نذر انداز ڪيو يو آهي. ڪنهن حتمي سن تي پهچڻ جي ڪوشش نہ ڪيئي ويئي آهي. جي هجري سن درست ڏنل آهي، تہ اُهو عيسوي سن وري غلط آهي. پر جي عيسوي سن صحيح آهي. تہ هجري سن صحيح طرح مطابقت نہ ٿو رکي“.

هن ڪتاب ۾ تاريخي ڪتابن: تاريخي تقويم ۽ ”جُوهر تقويم“ جهڙن بنيادي ڪتابن کي سامهون رکي هر ”بزرگ شاعر“ جي سن وار کي صحيح نموني ڀيٽي منظر عام تي آندو ويو آهي. ۽ ڪوشش ڪري بزرگ شاعرن جي تاريخ ۽ مهيني کي بہ ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪيئي ويئي آهي. جيئن اصل تاريخ مهينو ۽ سال سامهون اچي سگهي.

هن تحقيقي ڪم ڪرڻ تي هڪ سئو جي لڳ ڀڳ ڪتابن ۽ مختلف رسالن کي سامهون رکي اصل تاريخ تي پهچڻ جي ڪوشش ويئي آهي. ڪتاب: ”شهنشاهہ لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو“ : کي پنجن بابن ۾ ورهايو ويو آهي.

**پهريون باب:** شهنشاهہ لطيف جي جمڻ، پڙهڻ، سير تفريح، شادي جي رسم ڀٽ کي وسائڻ. ۽ وفات ۽ سندس گادي نشينن تي مواد تي تحقيقي ڪتابن جا حوالا بہ سامهون رکيا ويا آهن.

**ٻيون باب:** ”شهنشاهہ لطيف“ کان اڳ جا بزرگ شاعر جيڪي 500 هجري کان 1100 هجري تائين جي دور جا گذريا آهن. انهن ۾ (21) بزرگ شاعرن جو مختصر تہ سهي. پر جامع احوال سن وار سر فهرست



www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

آندو ويو آهي. شامل ڪجهہ بزرگ شاعرن کان "شهنشاهہ لطيف" متاثر ٿو ڏسجي. جن ۾ : قاضي قاضن، شاهہ عبدالڪريم بُلڙي وارو، مخدوم نوح سرور، شاهہ لطف الله قادري ۽ ٻيا سر فهرست آهن.

**ٽيون باب** : سندس هم عصر بزرگ شاعرن جو احوال ڪتب آندو ويو آهي. جنهن ۾ شهنشاهہ لطيف رح ۽ هم عصر بزرگ شاعرن هڪٻئي وٽ اچي روح رهاڻيون ۽ قرب ڀريون ڪچهريون ڪيُون، جو اُهي ڪچهريون اڄ تائين قائم و دائم رهنديون پيون اچن.

**چوٿون باب** : "شهنشاهہ لطيف "کان پوءِ جا (18) بزرگ شاعر ڪتاب جي زينت بڻيل آهن جو گهڻي ڀاڱي "شهنشاهہ لطيف" جهڙي بزرگ شاعر کان متاثر ٿا ڏسجن. ۽ ڪن بزرگ شاعرن تہ "شهنشاهہ لطيف" جي چيل ڪلام کان متاثرٿي هُو بَهوُ شاعري ڪي "ڪلام جو روپ" ڏيئي سامهون رکيو آهي.

**پنجون باب** : مضمون ۽ مقالا شامل ڪيا ويا آهن، هي اُهي مضمون ۽ مقالا ڏنا ويا آهن. جيڪي ليکڪن، اديبن ۽ شاعرن. جنهن سِڪ منجهان "شهنشاهہ لطيف" کي لفظن سان ڀيٽا ڏيئي. مضمون ۽ مقالي جي روپ ۾ سارا هيو. تن کي سِڪ منجهان سانڍي آخري باب ۾ جاءِ ڏني ويئي آهي.

**ڪتاب:** "شهنشاهہ لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو" ۾ جُملي (52) بزرگ شاعرن جي مواد کي جمع ڪرڻ ۾ ڪافي مستند ڪتابن ۽ (ph.d)ٿيسز کي سامهون رکيو ويو آهي. جيئن ڪٿي ڪا غلطي جي گنجائش نہ رهي سگهي. ڪو بہ تحقيقي ڪم "حرف آخر" ناهي هوندو. پر پوءِ بہ "راقم" هر وجہ هر ممڪن ڪوشش ڪري صحيح ۽ مستند مواد ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

تاڃي توريائون، تہ عيب نِڪتا اڳيان،
ڪوڙي ڪاپائيتن ڪي، ڀَرِ ۾ پُڇيائون،
اَگلڙي آئون، مُون ڪان پِڙا ڀَڳا نہ ٿِيا.

مٿي ذڪر ڪيل اهڙي نوعيت جو هي پهريون ڪتاب آهي. جو "شهنشاهہ لطيف" کان اڳ، هم عصر ۽ پوءِ جي بزرگ شاعرن تي (سن وار) ترتيب کي سامهون رکي لکيو ويو آهي. ڪتاب ۾ "بزرگ شاعرن" کي شامل ڪيو ويو آهي. پو پوءِ بہ "شهنشاهہ لطيف" جهڙو بزرگ شاعر. مڙني بزرگ شاعرن کان "صف اول" ۾ شامل آهي.

تحقيقي طرح سان ڪتاب کي لکيو ويو آهي. جو هجري سال ۽ عيسوي سال کي بہ سامهون رکيو ويو آهي. ۽ شامل مواد تي بہ مڪمل



www.sindhsalamat.com



ڌيان ڏنو ويو آهي. ڪتاب کي هر طرح سان جامع ۽ مستند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تاجو (100) ڪتابن جو مواد. هڪ ڪتاب ۾ شامل ڪري "ادب" ۾ هڪ منفرد ڪتاب آندو ويو آهي.

آئون پنهنجي پيارن "ڏات ڌڻين" ۾ شهنشاهہ لطيف جي بيتن تي تحقيقي ڪم ڪندڙ صف اول جي تحقيقدان محقق نقاد: پروفيسر غلام رسول "اڪرم" سومرو. ڊاڪٽر ڪمال جامڙو، پروفيسر محمد پنهل ڏهر، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو، اُستاد لغاري. پروفيسر سرور سيف، ذوالقررنين شاهہ (پٽ شاهہ)، نور سنڌي، راهب علي لاڙڪ ۽ علي حسن سرڪي جهڙا "قلم ڌڻي" هن ادبي سفر جا ساٿي آهن. بيوس علي حسن چيڙ جهڙي پرين پياري جو قرب بہ وسارڻ جوڳو نہ آهي، جنهن سنا ڪتاب ڏيڻ جي عنايت ڪئي.

**ڪتاب:** "شهنشاهہ لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو" ۾ ڪريم بخش چنا" کي وساري نہ ٿو سگهان. جو سندس صلاح مشوار ۽ مستند ڪتابي مواد آڻڻ ۾ هن بزم جو حصو آهن. سندس جا لکيل "مهاڳ" سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن کي حيران ڪريو ڇڏين ...... پرين پياري سڀاجهڙي شاعر "ساجد سنڌي" جا ٿورا ڳڻڻ جهڙا آهن. جو اڳ جيئن. هن ڪتاب کي بہ بهترين نموني ڇپرائي. سنڌ واسين تائين پهچايو آهي........ آخر ۾ آئون وري بہ دعائن ۽ نيڪ مشورن جو طلبگار رهندس. ڪتاب کي پڙهڻ بعد ڪا غلطي نظر اچي تہ ٻڌائڻ جي عنايت ڪندا. جيئن آئيندا. اُن کي صحيح نموني سنواري ۽ سينگاري سگهجي. شهنشاهہ لطيف جي چند سِٽن سان ڪلي ڏيندا اجازت. سڪ سلامت ساٿ سلامت.

سَتُرُ ڪَر سَتَارَ، آءُ اُگهاڙِي آهِيان،
ڍَڪِين ڍَڪَڻهارَ، ڏيئِي پاندُ پَناهہَ جو.

**خادم العلم**
**غلام شبير پيراهين**
**(ميرپور ماٿيلو)**
**03003196297**



www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin:Ameer Adnan 00923337516944

# ٻه اکر

سئو سِرن پائي، جي تند برابر توريان،
اتل اوڏهين ٿئي، جيڏانهن پيچل پُرائي،
سڪڻو هڏ آهي، سِر ۾ سجڻ ناهِ ڪي.

هيستائين شهنشاهہ لطيف تي سوين ڪتاب لکجي ۽ ڇپجي چڪا آهن پر جڏهن موضوعاتي وچور جي ڳالهہ ڪجي تہ تشنگي اجان بہ باقي رهي ٿي. غلام شبير اهڙو باصلاحيت ماڻهو آهي. جنهن ڪي تحقيق ڪرڻ جو فن اچي ٿو. بي انتها مصروفيت، وسائل جي ڪمي ۽ مشڪلات ۾ فراواني هوندي بہ هن پاڻ ملهايو آهي ۽ هھڙو شاندار ڪتاب لکي شهنشاهہ لطيف رح جون دُعائون ڪٽيون آهن.

اردو ۾ مقولو آهي. "ذراهٽ ڪہ" يعني اهڙو ڪم ڪجي. جيڪو نرالو ۽ دل ڪي ڇهندڙ هُجي. غلام شبير ڪي اهو ادبي جذبو ۽ علمي چاهہ ويهڻ نہ ٿو ڏي. هي ڪتاب گواهہ آهي. تہ هُن هجري، عيسوي سن ڳولڻ، سُهي ۽ سچو مواد ڏيڻ ۾ ڪيڏي نہ محنت ڪئي آهي. اها سندس تحرير جي عظمت آهي. جو شخصيتون پاڻ ڳالهائين ٿيون. هن ڪين لفظن جو روح ڦوڪي امر بڻائي ڇڏيو آهي. اها ذات وسيع مطالعي ۽ فقط ادبي مشاهدي سان ئي حاصل ٿيندي آهي. جيڪا تمام ٿورن ماڻهن جي نصيب ۾ ايندي آهي. سندس محنت قابل قدر ۽ صد تحسين جي لائق آهي. جوهي ڪتاب "شهنشاهہ لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو" پنهنجي سيني خوبين سان لطيفي ادب ۾ هڪ بهترين واڌارو آهي. ڪتاب توهان جي هٿ ۾ آهي. پاڻ ئي فيصلو ڪريو تہ شهنشاهہ لطيف ۽ بزرگ شاعرن تي لکي جڻ صدين کان لطيفي ادب ۾ رهيل خال ڪي پورو ڪري غلام شبير پنهنجو ادبي فرض ۽ لطيف جي قرض ڪي چڪائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

الله تعاليٰ ڪيس عمر دراز جون سڀ خوبيون عطاءِ فرمائي ۽ اهڙا شاندار ادبي ماخذ لکڻ جي طاقت ڏي تہ جيئن وطن عزيز سنڌ جي علم ۽ ادب لاءِ هميشہ جاڪوڙيندو ۽ واڌارو ڪندو رهي.(آمين)

مٿي اُتي منهنجي، جي ڪوڙين هون ڪپار،
تہ واريو واريو واريان، سِسيءَ ڪي سئووار،
تہ پڻ تند تنوار، مونهان مٿانهون مڱڻا.

**ڪريم بخش چنا**
**(ميرپور ماٿيلو)**
03075816348



www.sindhsalamat.com

شهنشاهہ لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو

# لطيفي فڪر جو پيروڪار غلام شبير پيراهين

فقير طبع، سهڻي سلوڪ ۽ مٺڙي گُفتار وارو غلام شبير پيراهين علم ادب جي دنيا ۾ هڪ محقق ۽ جاڪوڙي ليکڪ آهي. هو علم ۽ ادب ۾ پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ رکي ٿو.

هي دوست شاهہ لطيف جي فن ۽ فڪر سان بي انتها درجي جي محبت ۽ عقيدت رکندڙ ۽ "لطيف" جو پانڌيئڙو پڻ آهي. هن لکڻ جي شروعات ريڊيو لسنر طور ڪئي. ڪيس ريڊيو جي لهر ئي ادبي دنيا ۾ روشناس ڪرايو. پوءِ غلام شبير هٿ ۾ قلم ڪنيو. ۽ تاريخ، پيرن، فقيرن، اولياءِ ڪرام ۽ شاعرن تي لکي مڃتا ماڻيندو ويو.

سندس سياءُ ۾ سيني سان خير خواهي ڪرڻ آهي. من ۾ ساڙ، حسد، دوکو ۽ ڪرود ناهي. ڪنهن شفاف ندي جيان هميشہ اڇو ۽ اجرو رهيو آهي. اڄ شمار بهترين ليکڪن ۽ محققن ۾ ٿئي ٿو.

غلام شبير پهريان بہ انمول ڪتاب سنڌي ادب جي جهول ۾ وڌا آهن. جن ۾: "شاهہ لطيف تاريخ جي آئيني ۾" ۽ "شاهہ عبداللطيف ڀٽائي شخصيتون ۽ درسگاهون" سرفهرست آهن. لطيفي فڪر تي هي ٽيون ڪتاب آهي. جنهن ۾ انهن بزرگن جو ذڪر ٿيل آهي. جيڪي لطيف سائين کان اڳ، پوءِ ۽ سندس حياتي ۾ موجود رهيا. ۽ انهن بزرگن ۽ شخصيتن جو ڀٽائي سائين جي زندگي ۽ ڪلام تي سڌي توڙي اڻ سڌي طرح اثر پڻ آهي. اهي پنهنجي دؤر ۾ لڪل ياقوت ۽ موتي گوهر پڻ آهن.

دُعا آهي تہ غلام شبير جو قلم ڪڏهن بہ جهيڻو نہ ٿئي. ۽ هُو اڳي کان بہ اڳرو لکندو رهي. (آمين)

**علي حسن سرڪي**
**لقمان خيرپور**
20 سيپٽمبر 2016
03083629021





www.sindhsalamat.com

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ليکڪ جو تعارف

**نالو:** شبير احمد
**ادبي نالو:** غلام شبير پيراهين
**والد صاحب جو نالو:** مرحوم ڏٽي بخش پيراهين
**پيدائش:** 20 محرم 1394هہ مطابق 13 فيبروري 1974ع
**پيدائش جو هنڌ:** ڳوٺ اختيارو سير (مچالي مسو واهہ) تعلقو ميرپور ماٿيلو. ضلعو (سکر) موجوده ضلعو گھوٽڪي
**تعليم:** پرائمري 1984ع، مئٽرڪ 1989ع، انٽرسائنس 1991ع، بيچلر آف سائنس 1994ع، ماسٽر آف آرٽ (سنڌي) 1997ع، بيچلر آف ايجوڪيشن 1998ع.
**وابستگي:** ضلع رابطہ سيڪريٽري: ريڊيو لسنر معلوماتي انجمن سنڌ ضلعو گھوٽڪي
**ميمبر:** ريڊيو پبليڪيشن. (ايڊيٽوريل بورڊ)
**آڊيٽر:** وڇڙوٽ ادبي ثقافتي سوسائٽي
**شادي:** سال 1992ع ۾ شادي ڪئي، ڪيس (7) پٽ: غلام فريد، غلام وحيد، غلام نويد، غلام سعيد، غلام رشيد، ياسر عرفات ۽ فرحان شبير ۽ نياڻي (بينظير) اولاد ۾ شامل آهن.
**مجتا ايوارڊ:**
1. مهرڻ معلوماتي انجمن سنڌ طرفان سال 1995ع ۾ (اعزازي سرٽيفڪيٽ)
2. ڀٽائي معلوماتي انجمن نئوپاران 1995ع ۾ (اعزازي سرٽيفڪيٽ)
3. ريڊيو پبليڪيسن (قلجي اسٽيشن) پاران 1997ع ۾ (اعزازي سرٽيفڪيٽ)
4. ريڊيو پاڪستان خيرپور جي پروگرام "نئون سج" پاران 1998ع ۾ (اعزازي سرٽيفڪيٽ)
5. "بيدار" سماجي فورم سنڌ پاران سال 2016ع جو (بهترين ليکڪ جو ايوارڊ (شيلڊ)

**ڇپيل ڪتاب:**
1. "شاهہ لطيف تاريخ جي آئيني ۾": سنڌي ادبي سنگت سنڌ پاران 2008ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو.





2. "شاهہ عبداللطيف ڀٽائي شخصيتون ۽ درسگاهون": سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ پاران 2015ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

**ڇپيل مضمون/مقالا:**
1. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (مضمون) 1997ع
2. حضرت شاهہ عبدالڪريم بلڙي وارو (مضمون) 1997ع
3. حضرت سچل سرمست (مضمون) 1997ع
4. حضرت قلندر لعل شهباز (مضمون) 1997ع
5. "شاهہ جا سُر" سال: 1997ع، ادبي صفحي "ٻارڙن جي بختور" ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا.
6. مقالو: ڀٽائي سائين جي پير موسيٰ شاهہ سان "لوءِ صاحبان" ۾ رهاڻ. سال 2015ع
7. مضمون "جو ڪيڙي سوڪائي": صوفين جو سرتاج: صوفي شاهہ عنايت شهيد سال 2015ع
8. مضمون: حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي سيد موسيٰ شاهہ (موسن شاهہ) سان (لوءِ صاحبان) گھوٽڪي ۾ رهاڻ: سال 2015ع
9. شاهہ سائين جو ترائي تان پيرو ۽ اوتارو: سال 2015ع

**نوڪري:** 5 آگسٽ 2002ع ۾ (ميرٽ) تي ڊسٽرڪٽ پوليس ۾ (ڪانسٽيبل) طور ڀرتي ٿيو جو مختلف ڪورس ڪرڻ بعد ڊيوٽي سرانجام ڏيڻ ۽ ادبي ڪم ۾ هميشہ اڳيرو رهيو آهي. گھر ۾ موجود "ڀٽائي لائبريري" ۾ جڏهن بہ ڪجهہ ٽائيم ملندو آهي تہ سدائين ڪتابن کي پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ مشغول نذر ايندو آهي. دُعا آهي. رب سائين کيس وڏي ڄمار عطا ڪري جو سندس "قلم" مان اسان سنڌ واسين لاءِ بهترين ڪتاب لکندو رهي.

**نيڪ دعائن سان**
**غلام فريد پيراهين**



Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## شهنشاهہ لطيف ؒ جو استاد وٽ پڙهڻ:

شهنشاهہ لطيف پنهنجي اُستاد آخوند نُور محمد ڀٽي وٽ (الف) پڙهڻ جو شروعاتي سبق ورتو. "منهنجي نظر ۾" : تہ شهنشاهہ لطيف الف جو اُچار واري. سڀ سبق ساهہ ۾ سانڍي "ي" تائين ياد ڪري ڇڏيا هئا." سُهٽي لطيف ڪي ظاهري ۾ هڪ اُستاد جي رهنمائي ونٽي هئي. باقي جاسبق مالڪ حقيقي طرفان اڳ ۾ ئي اندر سمائجي چڪا هئا. اهڙي طرح استاد جي رهنمائي نصيب ٿي.

شهنشاهہ لطيف جي استاد نور محمد ڀٽي جو شاهہ حبيب وٽ اچڻ هميشہ ٿيندو هو. ايتريقدر جو جڏهن سُهٽي لطيف "ڀٽ شاهہ" ڪي پنهنجو مَسڪن بڻايو. تہ پاڻ پنهنجي استاد نُور محمد ڀٽي ڪي گُهرائي. اوطاق ليڪي ڏنائين. ۽ ڀٽ تي پاڻ وٽ رهايائين. اهڙي ريت نوجواني واري دور ۾ توڙي پوءِ شهنشاهہ لطيف جو پنهنجي استاد سان ملڻ، ويهڻ ۽ صحبت ڪرڻ جو سلسلو جاري رهيو.

(شاهہ جو رسالو (ڇاپي ۽ قلمي نسخن سان ڀيٽيل) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ص ـ 8)

## "شهنشاهہ لطيف ؒ جي دُعا ڪرڻ:"

"ڪوٽڙي" : جتي شهنشاهہ لطيف جن رهندا هئا. مرزا مغل بيگ نالي هڪ سڪر ماٺهو رهندو هو. جنهن جو خانداني شجرو "چنگيز خان" سان ملي ٿو. هڪ ڀيري مرزا مغل بيگ جي نياڻي بيمار ٿي پيئي. دستور موجب تعويذ ڦل ۽ دُعا ڦيٽي لاءِ شاهہ حبيب ڪي سڏايو ويو. اتفاقا طبيعت صحيح نہ هئڻ ڪري سُهٽي لطيف ڪي روانو ڪيائين. مغل پردي جا پابند هئا. سُهٽي لطيف ڇوڪري جي آڱر ڪي وني. ڏٽي در دعا ڪئي. تہ "جنهن جي آڱر سيد هٿ ۾، تنهن ڪي نہ ڪو لهر، نہ ڪو لوڏو."

مغل شهنشاهہ لطيف جي چيل دُعا ڪي سمجهي نہ سگهيا. ۽ اسان جي ليڪڪن ۽ اديبن وري شاهہ سائين ڪي "عشق جي چوٽ" ڄاڻائي ڇڏيو. جيڪو سراسر غلط آهي.

شهنشاهہ لطيف مالڪ در دُعا عرض ڪيو تہ "لهر ۽ لوڏي ڪان پناهہ ۾ رک" پو سُتت ئي مرزا مغل بيگ جي نياڻي تندرست ٿي ويئي. پر مغلن مريدي وري واٽ ڪي ڇڏي. دشمن بڻجي پيا. اهڙي طرح شاهہ صاحب ڪي اُتان لڏٽو پيو.

هڪ ڏينهن اتفاقا مرزا مغل بيگ جي حويلي ۾ چورن حملو ڪيو. ۽



www.sindhsalamat.com



زالن ڪان زيور ڦري هليا ويا. اُن وقت گهر ۾ مرد موجود نہ هئا. شهنشاهہ لطيف ڳوٺ جونڱ سُڃاڻندي هنن سان وڃڻ جي لاءِ تيار ٿيو.پر مرزا مغل بيگ مدد ونڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو. ۽ پاڻ وڃي چورن سان مُنهن مقابل ٿيا. ويڙهہ هلندي هلندي مرزا مغل بيگ پنهنجي خاندان سميت مارجي ويو. هڪ صغير ٻار نالي "گولو" بچيو. جنهن ڪري "گولي" سميت عورتون شاهہ حبيب جي پناهہ ۾ اچي وينيون. ۽ مرزا مغل بيگ جي نياڻي جو شهنشاهہ لطيف سان شادي ڪرڻ جو راضپو ڏيڪاريو. ۽ شادي بعد ڇوڪرو نالي "گولو" بہ گذاري ويو.

**حوالو:**

شاهہ جو رسالو: علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي سال 2015ع . مهراڻ ايڪڊمي شڪارپور ص ـ 17)

ڪتاب : (قلم جنين جي هٿ ۾: مراد علي مرزا ص ـ 58)

ڪتاب: (مقدمہ لطيفي: پروفيسر هوتچند مولچند گر بخشاڻي. ص ـ 24)

## شهنشاهہ لطيف ؒ جو سير سفر واور دور

شهنشاهہ لطيف 18 سالن جي عمر ۾ (1120هہ ـ 1708ع) زندگي جو خاص الخاص "طلب، تلاش ۽ پروڙ وارو دور هو." پهريان پندرهن سال (1120هہ ـ 1135هہ) (1708ع ـ 1723ع) تائين. جنهن ۾ سندس سلوڪي طلب ۽ تحقيق وارا پنڌ پيچرا هئا. ۽ پوين پنجن ڪان ستن سالن (1135هہ ـ 1142هہ) (1723ع ـ 1730ع) جنهن ۾ ٻاهرين سفر ڪان علاوه (ڀٽ) تي توجهہ ڏيڻ هو. انهي ٻنهي دورن ۾ حق ۽ حقيقت جي طلب ۽ تلاش جا جيڪي نتيجا نڪتا. اُنهن جا اُهڃاڻ شهنشاهہ لطيف جي پوئين دور واري زندگي ۾ نمايان نظر آيا.

عملي ۽ فڪري ڪشالي جا (پنج) رخ جن ۾ (1) سير سفر ڪرڻ (2) شادي جي رسم ادا ڪرڻ (3) شاهہ ڪريم (وڏي ڏاڏي) جي طور طريقي ڪي سجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ.(4) سلوڪ ۽ معرفت جي اعلا فڪر ۽ ڄاڻ لاءِ شاهہ ڪريم جي بيان ڪيل نُڪتن. ۽ مولانا جلالدين رومي جي مثنوي ۾ سمايل رازن ڪي پروڙڻ. (5) پين جي تلقين لاءِ پنهنجي فڪر ڪي سنڌي بيتن ۽ والدين ذريعي ظاهر ڪرڻ هو پهہ ڪيائين.

(شاهہ جو رسالو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ . سال 2012 ص ـ 12)

شهنشاهہ لطيف پنهنجي سفر جي شروعات انهن ماڱن سان ٿي. جتي اڳ هو پنهنجي والد صاحب سان گڏجي ويندو هو. انهن ۾ مٽياري،



www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**حوالو:** شاهه جو رسالو : مولف : غلام محمد شاهواڻي ص _ 19)

ڊاڪٽر گربخشاڻي رسالي جي مقدمي ۾ چوي ٿو. ”تہ شاهه عربي ۽ فارسي جو عالم هو. پنهنجي مادري زبان تي ڪُلي ضابطو هو. نہ فقط ائين. پر ٻين ٻولين ۾ سان پڻ ڪي قدر واقفيت هُيس. جهڙوڪ: بلوچي، سرائڪي، هندي، پنجابي وغيره. سندس تاريخي معلومات بہ وسيع هئي. قرآن شريف، مثنوي مولانا روم ۽ شاهه ڪريم جو رسالو اڪثر ساڻس همراه هوندا هئا.“

جن لاءِ پاڻ چيو اٿس: تہ

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾.

## شهنشاهه لطيف ؒ جي شادي:

شهنشاهه لطيف جي شادي مرزا مغل بيگ جي نياڻي سان ٿي. شاهه لطيف جي ان وقت عمر 22 سال هئي. اِها شادي جي رسم 1124 هجري مطابق 1712 ع ۾ ”ڪوٽڙي مغل“ ۾ ٿي. جڏهن تہ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي 2 ڪتابن لطيف جو پيغام ص _ 31 ۽ ٻئي ڪتاب لطيفي لات ص _ 21) تي سُهڻي لطيف جي شادي وقت عمر 24 سال ڄاڻائي آهي. جيڪا غلط آهي. ڊاڪٽر صاحب هجري ۽ عيسوي سال تہ صحيح ڄاڻايا آهن. پر شهنشاهه لطيف جي عمر غلط ڄاڻائي آهي. ان وقت سهڻي لطيف جي عمر 22 سال هئي.

جيڪڏهن لطيف سرڪار جي عمر 24 سال هئي. تہ پوءِ هجري سال جو 1126هه هجڻ لازم هجي ها.

شهنشاهه لطيف جي شادي مرزا بيگ جي نياڻي نالي ” سعيده بيگم“ سان ٿي. جنهن کي شاهه جا مريد ۽ معتقد ادب وچان تاج المخدرات ( پردي وارين زالن جو ڇٽ يا سرتاج) سڏيندا هئا. بيبي صاحبہ پاڪدامن پرهيزگار ۽ روزي نماز جي سخت پابند هئي. ۽ گهر جو ڪم ڪار بہ خود پاڻ ڪندي هئي.

**حوالو:** شاهه جو رسالو: علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي سال 2015 مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور ص _ 17)

ڪوٽڙي مغل ويران ٿي رهيو هو. شهنشاهه لطيف شادي کان پوءِ اُتان لڏي. اچي (ڀٽ) وسائي. بيبي صاحبہ شاهه سائين جي حياتي ۾ ئي وفات ڪئي. پوءِ پاڻ ڪڏهن بہ شادي جو ارادو نہ ڪيو.

”تاج المخدرات“ مان شهنشاهه لطيف کي اولاد ڪو نہ ٿيو. ڪن مهينن کان پوءِ اُميد واري ٿي. جنهن تي حويلي ۾ سرهائي ٿي. ۽ خوشي جي



www.sindhsalamat.com

شهنشاهه لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو

لهر لڳي ويئي. هڪ ڏينهن هڪ فقير شهنشاهه لطيف جي خدمت ۾ تکو تکو پڄندو ۽ سهڪندو آيو. پاڻ تکي اچڻ جو پڇيو. جنهن تي فقير وراڻيو. تہ بيبي صاحبہ اُميد واري سان آهي. ۽ پَلي ڪائڻ جي خواهش ڏيکاري هوائون. شهنشاهه لطيف کي ان ڪم تي ڪاوڙ آئي. ۽ فرمايائين تہ ” اولاد اجا ڄائو ڪو نہ آهي. تہ فقيرن کي رُلائي ٿو. پوءِ جي ڄمندو تہ الائي ڪهڙا ڪلور ڪندو. اهڙي ٻار جي گُهرج ڪانہ آهي. الله الله ڪندڙ فقير سڀ منهنجو اولاد آهن.“ ٻار پيٽ اندر سُڪي ويو. شهنشاهه لطيف پنهنجي فقيرن کي ئي پنهنجو اولاد سمجهندا هئا. ۽ ”ابا“ ۽ ”ادا“ جهڙن لقبن سان سڏ ڪندا هئا.

**حوالو:** ڪتاب : ( لطف اللطيف : مولانا دين محمد وفائي ص _ 73).

مٿين حقيقت مان ظاهر ٿيو تہ شهنشاهه لطيف کي ليڪڪن هرويرو (عشق جي چوٽ لڳي) ڄاڻائي غلط ڪيو آهي، جيڪڏهن سُهڻو لطيف عشق جي شادي ڪري ها. تہ پنهنجي پيدا ٿيندڙ ٻار لاءِ اهڙي دُعا هرگز نہ گُهري ها. جو پيٽ اندر ئي سُڪي ويو. ڇو تہ سندس فقير ئي اولاد مثل هئا.

## ”شهنشاهه لطيف ؒ جو ڀٽ تي رهڻ:“

شهنشاهه لطيف (1140 هجري _ 28/1727ع) ڏاري ڀٽ تي سڪونت اختيار ڪرڻ جو ارادو ڪيو. اهڙي ريت سندس مستقل طور رهڻ ( 1142هه _ 30 /1729ع) آهي ۽ 1143هه 1730 ع ۾ جايون ٺهرائڻ آهي.

## ” شاهه حبيب جي وفات“ :

شهنشاهه لطيف جي والد شاهه حبيب جي وفات (ڀٽ شاهه) تي 1144 هجري 32/1731ع) ۾ ٿي. وفات جو سال ميان محمد صادق نقشبندي، هيٺين عربي ماده مان ڪڍي .

” آلموتُ جِسر يُوصِل الحبيبَ لِلِقاءِ الحبيبِ“ 1144هه

يعني: ”موت هِڪ پَل آهي. جيڪا هڪ دوست (حبيب) کي ٻئي دوست سان ملائي ٿي. پوءِ جڏهن شهنشاهه لطيف جڏهن والد صاحب جو قبو تعمير ڪرايو. تہ اِهو ساڳيو تاريخي فقرو سامهون در تي لکرايائين. جيڪو اجا تائين موجود آهي.

( شاهه جو رسالو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ : ص 31_ 21_ 17)

( لطيفي لات: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي _ ص _ 23).

شهنشاهه لطيف (42) سالن جي عمر جا هئا. تہ والد شاهه صاحب هن جهان مان موڪلاڻي ڪئي. ۽ پاڻ (21) سال زندگي جا (ڀٽ شاهه)





www.sindhsalamat.com

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جي بستي ۾ گذاريا.(1161 هجري ـ 1748 ع) شهنشاهہ لطيف جي سفر جو آخري سفر هو.

## مخدوم محمد معين ٺٽوي جي جنازي نماز پڙهائڻ

( مخدوم محمد معين ٺٽوي وفات 1161هہ) جي وفات ٿي. ٻنهي بزرگن جي هڪ بهترين ۽ آخري محفل هئي. جو راڳ ٻُڌندي ئي مخدوم محمد معين ٺٽوي الله پاڪ کي پيارو ٿي ويو.

شهنشاهہ لطيف مخدوم صاحب جي جنازي نماز پڙهائڻ بعد جنازي سان ڪانڌي ٿيڻ بعد موٽندي پنهنجي زبان ۾ ڏک ڀريا لفظ چيا تہ ” ٺٽي ۾ پنهنجي يار جي خاطر اچڻ ٿيندو. هاڻي هي آخري ڀيرو اچڻ ٿيو.

(معيار سالڪان طريقت: مير علي شير قانع ٺٽوي)

مخدوم محمد معين ٺٽوي جي وفات سن 1161 هجري ۾ ٿي. جنهن جي تصديق ” قانع“ جي ڏنل تاريخي ماده:

” قطره در تجر واصل شد“ مان ٿئي ٿي. 1161هہ.

شهنشاهہ لطيف جي باري ۾ (قانع معيار: سالڪان طريقت ص ـ 665) ۾ لکيو آهي تہ سيد جي ڪرامتن مان هڪ هيءُ بہ ڪرامت هئي. تہ جنهن ڏينهن مخدوم محمد معين جو جنازو مڪليءَ ڏانهن کنيو ٿي ويا. تہ سيد، موصوف بہ جنازي جي پُٺ ۾ جنازي سان گڏ هلندو پئي ويو. جڏهن شهر جي وچ ۾ پهتا. تہ سيد، جنازي جي پويان ڀري ٿي بيٺو. هلندي جنازي خود پاڻ کي ڦيري پنهنجو مُنهن سيد موصوف يعني ( شهنشاهہ لطيف) ڏانهن ڪيائين. تہ جيئن سيد موصوف ڏانهن پُٺي نہ ٿئي. مُنهن هُجي.

معيار سالڪان طريقت: مير علي شير قانع ٺٽوي ـ ص ـ 665 ـ ( سنڌي ادبي بورڊ ـ ڄامشورو سنڌ .سال 2010ع)

## “شهنشاهہ لطيفؒ جي وفات”:

اهڙي ريت شهنشاهہ لطيف، 63 سالن جي عمر ۾ ڏينهن جمعو 31 ڊسمبر 1751ع ـ مطابق (14 صفر 1165 هجري) ۾ وفات ڪئي. عيسوي سن مطابق ڪُل عمر 60 سال (9) مهينا هئي.

**حوالا:**

1. (تقويم تاريخي ـ (عبدالقدوس هاشمي) 1965ع)
2. (جُوهر تقويم : (ضياءُالدين لاهوري) 2004ع)
3. (سنڌ جو شاهہ: (بدر ابڙو) 2014ع.)






جڏهن شهنشاهہ لطيف وفات ڪئي تہ وفات واري ڏينهن تي سندس ڪيترن ئي مريدن ”فراق“ سبب روئي روئي دم ڏنو.

(معيار سالڪان طريقت ص ـ 664) سال 2010ع

تحفتہ الڪرام ص ـ 388 ـ ڇاپوٽيون 1989ع)

شهنشاه لطيف لاءِ راڳ روحاني خوراڪ هو. جو راڳ جي رَس ۾ ئي هي جهان ڇڏيائين. پورا (21) ڏينهن مراقبي هڪ هنڌ ويهي رهيا. هڪ ڏينهن مراقبي واري ڪوٺي مان نڪري هڪ سو گهڙن پاڻي سان غسل ڪري اندر وڃي ويٺا. عارفانہ سنڌي ڪلام جو راڳ ٿيندو رهيو. برابر (3) ڏينهن راڳ جي مجلس رهي. فقير ڏسن تہ شاهہ صاحب جي روح جو پکي هن خاڪي پڃري مان پرواز ڪري چُڪو آهي. اهو واقعو (14 صفر 1165 هہ) ۾ ٿي گذريو.

شهنشاهہ لطيف جي جسم مبارڪ کي ساڳين ڪپڙن ۾ پردي اندر غسل ڏنو ويو. جيئن سندن وصيت ڪيل هئي. غسل جو ڪم ميان ولي محمد ولد آخوند نُور محمد ڀٽي ادا ڪيو. ۽ سُهڻي لطيف کي وصيت : موجب/(ڀِٽ) جي بستي ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. سندس والد شاهہ حبيب جي مزار اتر طرف 8 ڪان 9 وکن تي آهي.

( شاهہ جو رسالو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ص ـ 43)

(لطف اللطيف: مولانا دين محمد وفائي ص ـ 131).

وفات جي تاريخ مخدوم محمد ابراهيم هالائي. ۽ محمد پناهہ ”رجا“ هيٺين شهرن مان ڪڍي آهي.

”زد نعره در فراق دگر کرد سينہ چاڪ
شد محو در مراقبہ جسم لطيف پاڪ“
محمد پناهہ ”رجا“ 1165هـ

شاهہ صاحب ذوالمواهب ( ذوالمناقب) سيد عبداللطيف،
آنڪہ قطب وقت، خود بوده ست در اسرار حق.
مخدوم محمد ابراهيم هالائي 1165هـ

( لطف اللطيف : 132) ( شاهہ جو رسالو: ڊاڪٽر بلوچ ص ـ 43)




Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944
Gul Hayat Institute

# شهنشاهہ لطيف ؒ جا گادي نشين

## 1. سيد جمال شاهہ ”درگاهہ ڀٽائي جو پهريون گادي نشين“

شهنشاهہ لطيف 14 صفر 1165 هجري مطابق 31 ڊسمبر 1751ع ۾ وفات ڪئي. سندس اولاد نہ هجڻ ڪري. گادي تي ويهڻ لاءِ گهڻائي اميد وار ٿيا، ڪيس چيو هو تہ ”پنهنجي جاءِ هڪ هنڌ آهي.“ شهنشاهہ لطيف جو اِهو اشارو ڪيس آخرين آرام گاهہ طرف ڏنو هو. پوءِ اِها ڳالهہ سچي ثابت ٿي. ۽ شهنشاهہ لطيف جمال شاهہ ڪي اِهو بہ چيو هو تہ ”مون ڪان پوءِ تُون ئي منهنجي گادي تي وهندين“ فقيرن ۾ محبت فقير، جمال شاهہ جي فائدي ۾ هو. هن جو نظريو هو تہ جمال شاهہ هوبهو (پٽ ڏٽي) جو هم شڪل آهي. ۽ محمد عالم موجب، تہ ”سيد شريف“ گادي تي ويهي.

شهنشاهہ لطيف جي وفات ڪان پوءِ ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي تعاون سان 1165 هجري مطابق 1752ع ۾ سيد جمال شاهہ ڪي شهنشاهہ لطيف جي گادي جو پهريون سجادهہ نشين مقرر ڪيو ويو.

**محبت فقير:** جنهن وٽ شهنشاهہ لطيف جا ڪپڙا هئا. سيد جمال شاهہ ڪي پارايا ويا. مريدن ۽ خليفن جو جمال شاهہ جي بدن تي شهنشاهہ لطيف جا پاتل ڪپڙا ڏٺا. تہ اُهي وڏي حب مان اچي جمال شاهہ ڪي چنبڙيا. ۽ شهنشاهہ لطيف ڪي ياد ڪندي روئڻ لڳا. سيد جمال شاهہ جي حفاظت لاءِ (160) سالار (فقير) حفاظت ڪندا هئا. پر ڪجهہ عرصي بعد ڀنهي ڌرين ۾ ناهہ ٿي ويو.

ميان غلام شاهہ ڪلهوڙو پنهنجي والدهہ مائي گُلان جي خواهش تي شهنشاهہ لطيف جي قبر مٿان مقبرو ٺهرائڻ شروع ڪيو. ميان غلام شاه پئسا سيد جمال شاهہ ڪي ڏيندو هو. اهڙي طرح سيد جمال شاهہ عيدن رازي جي معرفت ڪم ڪندڙن ڪي پئسا ڏيندو هو. اِهو قبو 1754ع ۾ جڙي راس ٿيو.

ٻي روايت تہ : شهنشاهہ لطيف وٽ هڪ ”چنگل گهوڙي“ هوندي هئي. جا ڏسي ناز نخرا ڪندي. شاهہ صاحب وري مٿس چڙهندو هو. شهنشاهہ لطيف جي وفات بعد چون ٿا. ڳوڙها ڳاڙيندي هئي. ۽ ڪنهن ڪي بہ چڙهڻ نہ ڏيندي هئي. جڏهن شهنشاهہ جي گادي تي اُميدوار گڏ ٿيا. گهوڙي ڪي سنيرائي وٺي آيا. هر هڪ اڳيان وٺي ويس. پر گهوڙي ڪنهن ڏي بہ خيال ڪو نہ ڪيو. جڏهن سيد جمال شاهہ وٽ سامهون آندائون. تڏهن خوشي مان ”ناز نخرا“ ڪرڻ لڳي. سيد جمال شاهہ آساني سان مٿان چڙهي وينس. ۽ چڪر ڏيئي واپس موٽائي آيو. پوءِ سڀني جي صلاح مشوري سان سيد جمال شاهہ (گادي نشين) ٿيو. جڏهن بہ گادي نشين وفات ڪندو آهي. تہ اُنهي جا ڪپڙا ”محبت



www.sindhsalamat.com



فقير“ جي جانشينن جي هٿ ۾ رهندا آهن. محبت فقير ڪان پوءِ سندس خليفو تمر فقير ٿيو.

**سيد جمال شاهہ :** شهنشاهہ لطيف جي گادي تي (38) سال ”سجاده نشيني“ جافرض سر انجام ڏنا. ۽ پاڻ 1203 هجري مطابق 1789ع ۾ وفات ڪئي. ڪيس شهنشاهہ لطيف سان گڏ رکيو ويو.

**حوالا:**

1. لطيف سائين جا لاڙتان پيرا: محمد سومار شيخ 1986ع
2. احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي: مرزا قليچ بيگ ڇاپو پنجون 1987ع
3. جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري 2004ع

## 2. سيد قائم شاهہ

سيد قائم شاهہ جي والد صاحب جو اسم گرامي سيد جمال شاهہ هو. والد صاحب جي وفات 1203 هجري 1789ع ۾ ٿي. جنهن بعد پاڻ شهنشاهہ لطيف جي گادي جا ٻيون نمبر (سجاده نشين) مقرر ٿيا. ۽ گادي نشينن ۾ تمام گهڻ عرصو گادي نشين رهيا. وفات بعد شهنشاهہ لطيف جي روضي جي اولهہ طرف مٿي ماءُ حوالي ڪيو ويو. ۽ مزار مٿان عاليشان مقبرو بہ جوڙايو ويو.

## 3. سيد قائم الدين شاهہ

سيد قائم شاهہ جي وفات بعد. سيد قائم الدين شاهہ شهنشاهہ لطيف جي گادي جا ٽيون نمبر (سجاده نشين) مقرر ٿيا. سندس زندگي جو وڌيڪ احوال ڪو نہ ٿو ملي. وفات بعد حضرت شاهہ حبيب رحہ جي روضي اندر مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

## 4. سيد لطف علي شاهہ (اول)

سيد لطف علي شاهہ جي پيدائش سيد قائم الدين شاهہ جي گهر ۾ ٿي. والد صاحب جي وفات بعد شهنشاهہ لطيف جي گادي جا چوٿون نمبر (سجاده نشين) مقرر ٿيا. وفات بعد مڙهہ ڪي حضرت شاهہ حبيب رح جي روضي اندر جاءِ ڏني ويئي.

## 5. سيد علي بخش شاهہ (اول)

سيد علي بخش شاهہ (اول) جي والد صاحب جو نالو سيد لطف علي شاهہ هو. والد صاحب جي وفات بعد شهنشاهہ لطيف جي گادي جا پنجون نمبر (سجاده نشين) مقرر ٿيا. زندگي جو سربستو احوال ڪو نہ ٿو ملي. وفات



www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

بعد ڪيس حضرت شاهہ حبيب جي روضي اندر دفنايو ويو.

## 6. سيد الله بخش شاهہ

سيد الله بخش شاهہ جو جنم سيد علي بخش شاهہ جي گهر ۾ ٿيو. والد صاحب جي وفات ڪري وڃڻ بعد پاڻ شهنشاهہ لطيف جي گادي جا ڇهون نمبر (سجاده نشين) مقرر ٿيا. سندن آخري آرام گاهہ حضرت شاهہ حبيب جي روضي اندر آهي.

## 7. سيد لطف شاهہ علي شاهہ (ثاني)

سيد لطف علي شاهہ (ثاني سال 1870ع مطابق 87/ 1286 هجري ۾ شهنشاهہ لطيف جي گادي جا ستون نمبر (سجاده نشين) مقرر ٿيا. تقريباً (30) سال سجاده نشيني جا فرض سرانجام ڏنا. سال 1317 هجري مطابق 1899ع ۾ هن جهان مان موڪلاڻي ڪئي. ڪيس شهنشاهہ لطيف جي روضي اندر ڪتهڙي ٻاهريان پير ۾ جاءِ ڏني ويئي.

## 8. پير علي بخش شاهہ علڻ سائين

(1288هہ ــ 1352هہ)

پير علي بخش شاهہ جو جنم 1288 هجري مطابق 1871ع ڌاري ٿيو. والد صاحب جو اسم گرامي پير لطف علي شاهہ (پٽائي) هو. پير علي بخش شاهہ کي "علڻ سائين" جي نالي سان سڃاتو ويندو هو. شاعر هجڻ سان تخلص "علڻ" رکيائين. پاڻ مٽياري سيدن جي "جرار پوٽا" پاڙي مان. شاهہ عبدالڪريم ٻلڙي واري جي اولاد مان هو. ۽ شهنشاهہ لطيف جو (اٺون) نمبر (گادي نشين) هو.

پير علي بخش شاهہ (علڻ سائين) سنڌي ۽ فارسي جي تعليم ميان محمد پٽي کان حاصل ڪئي. 1317 هجري مطابق 1899ع ۾ سندس والد پير لطف علي شاهہ هن فاني جهان مان موڪلاڻي ڪئي. اهڙي ريت وڏي فرزند هئڻ ڪري پير علي بخش شاهہ (درگاهہ پٽائي) جو اٺون گادي نشين مقرر ٿيو.

پير علي بخش شاهہ (علڻ سائين) فقيري طبيعت جا مالڪ هئا. ۽ "شهنشاهہ لطيف" جي ڪلام کي "سوز" سان ڳائيندا هئا. اڪثر "جمع" جي رات فقيرن سان گڏجي ڳائيندو هو. شاعر هئڻ سان گڏوگڏ روزي نماز جو بہ پابند هو. راڳ جي ايتري تہ ڄاڻ هئس. جو سنڌ جا اڪثر ڳائڻا (فنڪار) وٽس هميشہ ايندا رهندا هئا. تنبورو سدائين ڪُلهي تي رکيل هوندو هو.





درگاهہ شهنشاهہ لطيف ۽ مسجد جي اڪثر تعمير سندس دور حاضر ۾ ٿي. ڄام مٺا خان جوڻيجو (درگاهہ) جي خاص معتقدن مان هو. سندس ڪوششن سان "ملاڪڙي" ايترو تہ زور ورتو. جو ماڻهن جي اچڻ ۾ اضافو ٿيو. ۽ ميلو بہ وڏي ويو. پاڻ گهوڙن ڏاڻ جو تمام گهڻو شوقين هو.

پير علي بخش شاهہ "علڻ سائين" 1346 هجري مطابق 1928ع مطابق درگاهہ جي نذراني مان ملنڌڙ رقم ۽ مريدن ۽ عقيدتمندن جي تعاون سان "شهنشاهہ لطيف" جي روضي اڳيان هڪ عاليشان ورانڊو جوڙايو. جنهن ۾ ونگن سان (7) دروازا جوڙايا ويا. پنج دروازا روضي جي سامهون اوپر طرف کان ۽ ٻہ دروازا ڏکڻ پاسي کان جوڙايا ويا. ۽ ورانڊي جي ڇت شيشم جي ڪاٺ ۽ ڪاشيءَ جي سِرُن سان جوڙائي ويئي. ديوارن تي ڪاشيءَ ۽ چٽساليءَ جو بهترين ڪم ڪرايو ويو.

شهنشاهہ لطيف جي روضي سان گڏ جامع مسجد ۾ بہ ورانڊو جوڙايو ويو جنهن ۾ بہ ست دروازا جوڙايا ويا. پنج دروازا مسجد جي سامهون اوپر طرف ۽ ٻہ دروازا ڏکڻ طرف کان جوڙايا ويا. اِهو ڪم 1348هہ 10 ربيع الاول مطابق 16 آگسٽ 1929ع ۾ پورو ٿيو.

درگاهہ شهنشاهہ لطيف کان لڪي دروازي تائين ۽ لڪي دروازي کان جامع مسجد جي ٻانگي واري دروازي تائين. بهترين سنگ مرمر جو فرش بہ هڻايو ويو. روضي ۽ مسجد اندر سنگ مر مر جا (6) عدد نهرا ۽ خوبصورتي سان "ترا شيل پلر" لڳل آهن. اهي پلر مڪرانہ راجستان (انڊيا) کان آيا هئا. ترا شيل پلر ٺاهڻ وارو ڪاريگر عبدالخالق هو. مسجد ۽ روضي جي ورانڊن ۾ نصب ٿيل اهڙا پلر سنڌ جي ڪنهن بہ درگاهہ تي لڳل نہ آهن.

پير علي بخش شاهہ (علڻ سائين) جو اهل تشيعت طرف تمام گهڻو لاڙو هو. شاهہ عبدالڪريم ٻلڙي ۽ شهنشاهہ لطيف جي خليفن انهي ڪري. سندن دستار جو رنگ ڪارو ڪيو هو. محرم جي ڏينهن ۾ هُو ماتم ڪندا هئا.

پير علي بخش شاهہ (علڻ سائين) تي شاديون ڪيون:

پهرين شادي شڪارپور جي سيدن مان ڪئي هئي. جنهن مان علي اڪبر شاهہ. ڏنل شاهہ ٻچل شاهہ ۽ يار محمد شاهہ پيدا ٿيا.

ٻي شادي ڪوڪرن جي سيد بقادار شاهہ "ميرڻ پوٽي" جي نياڻي سان ڪئي. جنهن مان وڏو فرزند شاهہ ڏنو شاهہ ۽ امام علي شاهہ پيدا ٿيا.

ٽئين شادي: سالاري جي سيدن مان ڪئي. جنهن مان غلام شاهہ پيدا ٿيو.

پير علي بخش شاهہ (علڻ سائين) 14 محرم 1352 هجري مطابق 18 مئي 1933ع تي هن جهان مان موڪلاڻي ڪئي. سندس وفات بعد وڏي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

فرزند ميان شاهہ ڏنو کي گادي نشين مقرر ڪيو ويو. آخري آرام گاهہ شهنشاهہ لطيف جي روضي اندر ڪتهڙي ٻاهريان پير ۾ آهي.

## 9. پير ميان شاهہ ڏنو

پير ميان شاهہ ڏنو جي ولادت 1311 هجري مطابق 1814ع ۾ ٿي. والد صاحب جو اسم گرامي پير علي بخش شاهہ (علڻ سائين) هو. والد صاحب جي وفات بعد 1352 هجري مطابق 1933ع ۾ شهنشاهہ لطيف جي گادي جو (نائون) نمبر گادي نشين مقرر ٿيو.

پير ميان شاهہ ڏني کي (شاهن سائين) بہ ڪري سڏيندا هئا. روزي ۽ نماز جو پابند هو. پاڻ بہ شاديون ڪيون.

پهرين شادي مان ميان غلام شبير شاهہ عرف الهہ بخش شاهہ پيدا ٿيا.

ٻي شادي حيدرآباد مان ڪئي. جنهن مان الطاف حسين شاهہ ۽ غلام محمد شاهہ پيدا ٿيا.

پير ميان شاهہ ڏنو (باب معليٰ القاب) حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي تي لکي دروازو لڳرايو. اِهو دروازو سلطان ڪتري رهندڙ مڪرانڙ مڪرانہ (راجستان) تيار ڪيو. ۽ سن 1367 هجري. 1948ع ۾ لڳرايو ويو. اُن وقت درگاهہ جو ڪنجي بردار آچر فقير هو.

**پير ميان شاهہ ڏنو:** درگاهہ ڀٽائي تي روضي اڳيان ورانڊي تي بہ ڪم ڪرايو. جو ڪاشي جي سِرن تي سجاده نشين (شاهہ ڏنو شاهہ) اِهو ڪم 1372 هجري 1953ع ۾ مڪمل ٿيو. پاڻ شهنشاهہ لطيف تي وقتن بوقتن ڪم جي نگراني ڪئي. 1957ع ۾ مسافر خاني جو بہ ڪم ڪرايو. ۽ توسيع ڪري مسافر خاني کي وڏو ڪرايو ويو. پنهنجي دور ۾ جامع مسجد اندر بہ چٽسالي جو بہ ڪم ڪرايو. اِهو ڪم 1387 هجري مطابق 1966ع ۾ سندس نگراني ۾ ٿيو.

سيد شاهہ ڏنو شاهہ پنهنجي دؤر ۾ ”عزاداري“ کي وڌايو. سال 1952ع ۾ پاڻي واري جهاز ۾ 50 کان 60 ماڻهن کي ساڻ ڪري ”ڪربلا معليٰ“ عراق ويا. سيد ثابت علي شاهہ جا ”مرثيہ“ کيس ايترا تہ پسند هئا جو (10) محرم الحرام تي پنج ڇڙا جن ۾ سيد غلام شاهہ (ننڍو پاءُ) ميرل شاهہ ۽ نُور محمد شاهہ (فرزند غلام شاهہ) سيد محمد شاهہ (ذوالقرنين شاهہ جو ڏاڏو) گڏجي (مرثيہ) چوندا هئا. ”سيد شاهہ ڏنو شاهہ“ کي موسيقي سان بہ تمام گهڻو شوق هوندو هو. ايتري قدر جو سنڌ جا فنڪار سندس خدمت ۾ اچي حاضر ٿيندا هُئا. استاد بڙي غلام علي خان (ڪلاسيڪل فنڪار) سدائين ڀٽ شاهہ


www.sindhsalamat.com



تي اچي محفل کي مچائيندو هو. ۽ سندس راتين جون راتيون (ڀٽ شاهہ) تي رهڻ کي مناسب سمجهندو هو.

سيد شاهہ ڏنو شاهہ (38) سال شهنشاهہ لطيف جي گادي جا فرض سرانجام ڏيندي. رمضان 1390 هجري مطابق نومبر 1970ع ۾ هن جهان مان موڪلاڻي ڪئي. کيس حضرت سيد حبيب شاهہ جي روضي اندر مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

**حوالا:**

1. ياد رفتگارن : ( محمد زمان طالب الموليٰ : پيو ڇاپو 1994ع
2. (جنب گذاريم جن سين: جي ايم سيد سال 1979ع : ص : 37، 38، 41، 42)
3. (فڪر لطيف: جنوري فيبروري 2014ع: چيف ايڊيٽر: خورشيد ڀڳهيو ص، 29، 33، 34)
4. جوهر تقويم: ضياءُالدين لاهوري 2004ع
5. سيد ذوالقرنين شاهہ (ڀٽ شاهہ) کان مليل ڄاڻ

## 10. سيد الله بخش شاهہ المعروف سيد غلام شبير شاهہ

سيد غلام شبير شاهہ جي پيدائش 35/ 1934ع ڌاري 1353 هجري ۾ ٿي. والد صاحب جو نالو سيد شاهہ ڏنو شاهہ هو. پاڻ والد صاحب جي وقت ۾ ئي ڀٽ شاهہ درگاهہ جا (ولي عهد) هئا. ادبي ڪمن ۾ هميشہ اڳڀرا هوندا هئا. نوجواني واري دؤر ۾ ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز جي ڪمن ڪارن ۽ اشاعت واري سلسلن. 1954ع کان 1964ع تائين پنهنجو پاڻ ملهايو.

سال 1958ع ۾ هفتيوار اخبار ”اللطيف“ حيدرآباد مان جاري ڪئي. جنهن جا پاڻ باني هئا. اخبار (اللطيف) جي ايڊيٽر جا فرائض سيد سخاوت علي شاهہ ڏيندو هو. ۽ سيد وڏل شاهہ جون خدمتون بہ هن اخبار سان واڳيل هُيون.

سيد غلام شبير شاهہ درگاهہ تي مجلسون ڪرائڻ، وڏا وڏا جلسا ڪرائڻ ۽ ديني ڪمن ۾ بہ هميشہ اڳڀرا رهيا. ننگر و نياز جو بندوبست بہ خود پاڻ ڪندا هئا. پاڻ سادا بلڪہ محفل جا مور هئا. حڪمت جي بہ سُني ڄاڻ هئي جو پاڻ دهلي مان حڪمت جي ڄاڻ بہ حاصل ڪئي هئائون. کيس ”حڪمت جو ماهر“ سڏيو ويندو هو.

سيد غلام شبير شاهہ کي ڇئن پٽن جي اولاد ٿي. جن ۾ سيد نثار حسين شاهہ، سيد مظهر علي شاهہ، سيد غلام رضا شاهہ ۽ سيد شوڪت


www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

زُمَر زُخرف سومرا، تن ۾ تونهين تُون،
لَئون منجهہ لطيف چئي، آهي لَحم لَبنِ لُون،
مارُن موڪل مُون، وريو ورق وصال جو.

شاهہ جو رسالو: محمد قاسم راهمون (ساڪري): (سُر مارئي، داستان پنڌرهون. بيت 17 سال 2011ع روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو صفحو 664)

سَختي شَهادت جي، شادي جو ڏينهن،
ذَرو ناهہ يزيد ڏي، نِسورو ئِي نينهن،
مَرُڪَ وَڻو مِينهن، عَلِي جي اولاد تي.

شاهہ جو رسالو: سگهڙ حاجي الهداد جنجهي (سُر ڪيڏارو بيت 10. داستان پهريون. صفحو 137 سال ڇاپو پيو: جون 2008ع ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ).

تارا! تيلاهِين، تو ڏانہُ گهڻو نِهاريان،
سَڄڻ جيڏا هِين، تون تيڏا هِين اُپرين.

شاهہ جو رسالو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: (سُر ڪنڀات، داستان پهريون بيت 19 صفحو 82 سال 2012ع سنڌيڪا ايڪڊمي ڪراچي).

وَٺيو وَڃجُ واٽ، ڪَنڌُ مَ ڦيرِجُ ڪيڏ هِين،
لوٽي ڦير لَپاٽ، لڱنديئي لطيف چئي.

شاهہ جو رسالو: علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي: (سُر مومل راڻو. فصل چوٿون بيت 2 صفحو 444. سال جنوري 2015ع. ڇاپو پنجون، مهراڻ ايڪڊمي شڪارپور).

وانءُ اورانگهي اوريان، پيءُ مَ طَهُورا،
وِڇان جي وصال کي، سي سَپِ آجُورا،
حاصِلُ حُضورا، سَمي جي سَپُ ٿِئي.

شاهہ جو رسالو (حمائل سائيز): استاد لغاري: (سُر بلاول. داستان پيو، بيت 8، صفحو 181. سال 2015ع سُهڻي سنڌ ايڪڊمي ڪپرو سنڌ).



www.sindhsalamat.com



# باب ٻيون
# ”شهنشاهہ لطيف کان اڳ جا بزرگ شاعر“

## ”حضرت فريد الدين عطار رح“
(513هہ_ 627هہ)

حضرت خواجہ فريد الدين عطار رح جي ولادت شعبان 513هہ مطابق نومبر 1119ع نيشاپور ۾ ٿي. والد صاحب جو اسم گرامي، ابي بڪر ابراهيم هو. ”تنڪرتہ الاولياءَ“ جيڪو خواجہ فريد الدين عطار رح جو لکيل آهي. اُن ۾ نسبي نالو: محمد ڪنيت ابو خاسد/ابو طالب لقب فريد الدين تخلص ”عطار“ والد صاحب وقت جو هڪ صوفي بزرگ هو. ۽ قطب الدين حيدر جو مريد هو.

خواجہ صاحب شروع ۾ هڪ وڏي شفا خاني جو مالڪ هو. هڪ ڏينهن اتفاق سان هڪ فقير اچي صدا هنئي. ۽ چيائين تہ تُون پنهنجي ڪاروبار ۾ مصروف آهين. پنهنجو فڪر ڪر، اڳتي هلي ڇا ڏيندين“. اِهي لفظ چئي چپ ڪيائين. تہ خواجہ صاحب چيو. تہ ”جيئن تون ڏيندين“. فقير اُتي جو اُتي سُمهي پيو. ۽ زبان مان لا اِلہ اِلا الله چوندي ئي دم پرواز ڪري ويو. خواجہ فريد انهي عمل کان تمام گهڻو متاثر ٿيو. ۽ شفا خاني ۾ پيل سامان ماڻهن ۾ مفت ورهائي. فقيري جو رستو اختيار ڪيائين.

خواجہ صاحب شيخ رڪن الدين اسڪاف جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو. ۽ ڪافي سال سندس خدمت ۾ گذاريا. پاڻ شيخ مجدالدين بغدادي جي هٿ تي بيعت ڪئي. ۽ سلوڪ جو منزلون طئي ڪيون. ۽ مرشد جي فيض مان فيضاب ٿيا.

تذڪرہ نوسيين جي لکڻ موجب تہ مون مولانا جلاالدين رومي رح جي والد حضرت بهاوالدين نيشاپور ۾ حضرت فريدالدين ”حضرت عطار“ سان ملاقات ڪئي هئي. اُن وقت مولانا رومي جي عمر ڇهہ سال هئي. مولانا رومي کي ڏسندي ”عطار“ سُڃاڻي ورتو. ۽ پيار ڪندي ۽ اِن ننڍڙي نينگر کي پنهنجي مثنوي ”الاهي نامہ“ سوکڙي طور ڏني. جيڪا تصوف جي رازن ۽ رمزن سان ڀريل آهي. ۽ فرمايائين تہ:

”زود باشد کہ اين پسر در سوفتگاران عالم زند“

**واقعہ شهادت:**

تذڪرہ نگار خواجہ صاحب جي شهادت معتلق ڇاڻائيندي لکن ٿا.



www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

تہ تاتارين جي هنگامي ۾ ”خواجہ عطار“ کي هڪ سپاهي گرفتار ڪري وٺي وڃي رهيو هو. تہ هڪ رستي ويندڙ سپاهي کي چيو تہ ”هن ضعيف مرد کي قتل نہ ڪر. آءُ ڏهہ هزار اشرفيون ڏيان ٿو. هن کي ڇڏي ڏي.“ سپاهي لالچ ۾ ايندي اڳتي وڌيو. ۽ وري هڪ ٻيو شخص مليو. جنهن بہ ڪافي ڳري رقم ڏيڻ جي آڇ ڪندي. هن بزرگ کي حوالي ڪرڻ لاءِ چيو. پر ان سپاهي سڀ آڇون ٺڪرائيندي حضرت خواجہ فريدالدين عطار رح کي سِر سِسِي کان جُدا ڪري. شهيد ڪري ڇڏيو. هن اولياءَ الله جي بزرگ جي شهادت 627 هجري 1230 ع ۾ ٿي. آخري آرام گاهہ نيشاپور ۾ آهي.

پاڻ نثر ۽ نظم ۾ ڪافي ڪتاب لکائين. قاضي نورالله شوستري جي ڪتاب ” مجلس المومنين“ ۾ سندس ڪتابن جو تعداد 114 ملي ٿو. مشهور ڪتابن ۾: تذ ڪرت الاولياءَ، منطق الطير، مصيبت نامہ، اسرار نامہ، الاهي نامہ، ديوان بيرنامہ، پند نامہ، وصيت فامہ، خسرو نامہ، شرح القلب، فصلت نامہ، بلبل نامہ، جواهر نامہ، هيلاج نامہ، بسير نامہ، حيدر نامہ، مختار نامہ، اشتر نامہ، مظهر العجائب، لسان الغيب ۽ هفت وادي وغيره ڪتابن ۾ شمار ٿين ٿا.

خواجہ فريدالدين عطار جي شعرن جو تعداد ٻہ لک ٻہ هزار سٺ آهي. ڪتاب ”تذڪره الاوليا“ ڪتابن ۾ وڏيڪ مشهور آهي. سموري شاعري تصوف جي رنگ ۾ رڱيل نظر اچي ٿي. مولانا جلال الدين رومي بہ سندن شاعري ۾ تعريف ڪئي آهي. پنهنجي ڪتاب ”نفحات الائنس“ ۾ فرمايو آهي. تہ ”توحيد جا جيترا اسرار ۽ نُڪتا ۽ وجد حال جون جيتريون حقيقتون ”عطار“ جي مثنوين ۽ غزلن ۾ ملن ٿيون. اوتريون ٻئي ڪنهن بہ صوفي وٽ نہ ٿيون ملن.“

خواجہ فريدالدين عطار ”منطق الطير“ ۾ جيڪي مضمون آندا آهن. سي سمورا سچل سائين پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪيا آهن.

**حوالا:**


1. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي دور ۾ تصوف جا سلسلا:ڊاڪٽر عباد مظهر
2. قصص الاولياءَ:محمد حسيب القادري
3. تذڪره اولياءَ:حضرت شيخ فريد الدين عطار
4. سنڌ جو عطار(حضرت سچل سرمست):ڊاڪٽر نواز علي شوق


## “حضرت خواجہ معين الدين چشتي اجميري رح”

(536هہ ـ 633هہ)

حضرت خواجہ معين الدين چشتي اجميري جي ولادت باسعادت



www.sindhsalamat.com



536 هجري مطابق 1141 ع ۾ سنجرستان (سجستان) ۾ ٿي. والد صاحب جو نالو سيد غياث الدين هو. سندس نسبي سلسلو خواجہ معين الدين بن سيد غبارت الدين بن سيد ڪمال الدين بن سيد احمد حسين بن سيد طاهر بن سيد عبدالعزيز بن سعيد ابراهيم بن حضرت امام موسيٰ رضا بن حضرت امام موسيٰ ڪاظم بن حضرت امام جعفر بن امام قربن حضرت امام زين العابدين بن حضرت امام حسين بن حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنہ سان ملي ٿو.

پاڻ جڏهن19 کان 20 سالن جي عمر جا ٿيا. تہ والد صاحب هن جهان مان موڪلائي ڪري مالڪ ملڪ جي بارگاهہ ۾ وڃي ابدي آرامي ٿيا. والد صاحب جي وفات کان پوءِ ڀائرن ملڪيت تقسيم ڪئي. خواجہ صاحب کي هڪ باغ ۽ ڪجهہ زمين جو ٽڪرو حوالي ڪيو. پاڻ اُن مان گذر سفر ڪرڻ لڳا.

هڪ ڏينهن پاڻ باغ ۾ ويٺا هئا. تہ هڪ بزرگ نالي ابراهيم قلندر باغ ۾ داخل ٿيو. پاڻ سهڻي نموني اُن جو آڌر ڀاءُ ڪيو. ۽ هٿن کي چُميو. ۽ وڻ جي هيٺيان ويهاري باغ مان انگور آڻي حوالي ڪيا. بزرگ ابراهيم قلندر اُن انگورن کي کائي پنهنجي پاسي مان (ڪلي) ڪڍي. پنهنجي لبن تي رکي حضرت خواجہ اجميري کي ڏني. ۽ دُعا ڪئي تہ ڪاءِ پاڻ جڏهن کاڌائون رب العالمين طرفان ڏنل سب ڪجهہ اندر ۾ سمائجي ويو. پاڻ حقيقي منزل کي اچي رسيا.

خواجہ صاحب پنهنجو باغ ۽ زمين کي غريبن ۽ مسڪين ۾ تقسيم ڪري سمر قندر روانا ٿيا. ڪجهہ ڏينهن رهڻ کان پوءِ ”علم ظاهري“ مان سرشار ٿي. عراق وڃڻ جو ارادو ڪيو. الله وارن بزرگن سان روح رهاڻيون ٿيون . ۽ نيشاپور جي قصبہ هارون ۾ حضرت عثمان هاروني جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. جتان فيض مان فيضان ٿيا. ۽ مريد ٿي فرقہ خلافت حاصل ڪيو . پاڻ سالن جا سال پنهنجي مُرشد وٽ اچي. فيض وٺندا هئا. پاڻ پورا 20 سال 6 مهينا مُرشد جي خدمت ۾ گذاريا. اِن پوري عرصي ۾ مرشد جو سفر خرچ بہ پنهنجي سِر تي ڪنيو. ڪافي حج بہ ڪيا. پان مُرشد کان اڍائي سالن ۾ ”فرقہ خلافت“ حاصل ڪيو.

قصبہ هارون کان پهريون سفر ” قصبہ سنجان“ طرف ٿيو. جتي حضرت شيخ نجم الدين ڪبريٰ سان ملاقات ٿي. پورا اڍائي مهينا بزرگ جي خدمت ۾ گذاريا. ۽ بعد ۾ بغداد شريف کان ”جبل جودي“ تي پهتا. هي اُهو جبل آهي. جتي حضرت نوح عليہ السلام جي ٻيڙي تيار ٿي هئي. حضرت غوث اعظم رحمتہ الله عليہ جي زيارت نصيب ٿي. پنج مهينا ست ڏينهن حجره زيارت گاهہ ۾ گذاريا. حضرت غوث پاڪ سان گڏ جيلان ۽ بغداد جو سير ڪيو. ۽ بغداد ۾ حضرت شيخ ضياء الدين سان ملاقات ٿي ۽ شيخ شهاب الدين سهروردي سان بہ



www.sindhsalamat.com



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

روح رهاڻي ٿي. ۽ همدان ۾ خواجہ واحد الدين ڪرماني جي صحبت ۾ چند ڏينهن رهيا. ۽ يوسف حمداني سان بہ ملاقات جو شرف حاصل ٿيو.

بعد ۾ تبريز ۾ حضرت ابو سعيد تبريزي جي هم صحبت ٿي. (صنهان ۾ خواجہ محمود اصفهاني سان ملڻ جو موقعو مليو. جتي خواجہ ابو سعيد مهندي سان بہ مليا. ۽ زيارت شرف حاصل ٿيو. غزني ۾ ڪجهہ ڏينهن شمس العارفين شيخ عبدالواحد غزنوي سان ملاقات ٿي. ڪافي اولياءَ ڪرامن سان ملاقات جو شرف نصيب ٿيو. ۽ ڪجهہ بزرگن کان فيض مان فيضابي ملي.

”انيس الارواح“ ۾ تحرير آهي تہ:

حضرت خواجہ معين الدين چشتي هڪ دفعي فرمايو تہ مرشد حضرت خواجہ عثمان هاروني مڪي معظمہ ۾ زيارت ” خانہ ڪعبہ ۾ منهنجو هٿ وٺي بارگاهہ الاهي ۾ عرض ڪيو. ۽ منهنجي لاءِ دُعا فرمائي..... غيب کان آواز آيو. تہ ”معين الدين“ اسان قبول ڪيو. ۽ مرشد وري ”روضہ رسول“ ۾عرض ڪيو. تہ آواز آيو تہ قطب المشائخ هند جي ولاديت اسان تو کي عطا ڪئي. مُرشد حضرت خواجہ عثمان هاروني ڏاڍا خوش ٿيا. ۽ هندستان وڃڻ جي اجازت ڏني.

خواجہ صاحب پنهنجي مرشد کان موڪلائي تبريز، استر آباد ۽ حرات ۾ ڪجهہ ڏينهن رهڻ کان پوءِ شيخ عبدالله انصاري جي حجره شريف ۾ بہ گذاريو. پاڻ هڪ ڏينهن ۾ ”قرآن پاڪ جا 2 ختم ڪيندا هئا“.

حضرت خواجہ معين الدين چشتي هندستان ۾ اسلام جي تبليغ ۾ غير مسلم ۽ مسلم کي ايترو تہ مائل ڪيو. جو لکن جي تعداد ۾ غير مسلم اچي مسلمان ٿيا. ۽ ڪافي مسلمان اچي مريد بڻيا. دهلي کان روانا ٿي اجمير شريف جي سر زمين تي قدم رکيو. ان وقت حاڪم اجمير راجہ پرٿوي هو. راجہ پرٿوي جي والده نجومي هئي. هن ٻارهن سال پهريان پنهنجي پٽ کي چيو هو. تہ هڪ بزرگ پيدا ٿيندو. جنهن جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ تنهنجي سلطنت ختم ٿي ويندي.

پاڻ هڪ وڻ هيٺيان قيام فرمايو. مگر هڪ شخص اچي چيو تہ سائين هتي مهاراج جا پڪي رهندا آهن، هت نہ ترسو اڳتي وڃو. پاڻ اتان روانا ٿي. انا ساگر وٽ اچي قيام پذير ٿيا. جڏهن صبح ٿي. تہ مهاراجہ جي ماڻهن جڏهن پڪين کي ڏٺو. تہ پڪي هڪ ئي جاءِ تي پنڊ پهڻ ٿي ويا آهن. سموري حقيقت راجہ کي ٻڌائي. تہ اِن فقير جي بددعا سان مسئلو پيش آيو آهي. سيئي صلاح مشورو ڪري حضرت جن وٽ آيا. پاڻ فرمايائون. تہ وڃو خدا تعاليٰ جي حڪم سان توهان جا پڪي (ڪڪڙ) صحيح سلامت آهن. جڏهن اُهي اُن جگہ تي آيا.



www.sindhsalamat.com



ڪڪڙ ۽ پيا پڪي اُٿي ٻيهي رهيا. پوري علائقي ۾ ڳالهہ مشهور ٿي ويئي. دشمن اسلام وجي راجہ کي سموري حقيقت ڪئي. تہ راجہ وراڻيو تہ اُن فقير کي هتان بيدخل ڪيو وڃي. هڪ جٿو مقرر ٿي حضرت جن وٽ سامهون آيو. ۽ تڪليف پهچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. حضرت جن مٺي ڪٽي ”آيت الڪرسي“ دم ڪري انهن جي منهن ۾ هنيائون. جنهن جي منهن تي مٺي لڳي پورو جسم خشڪ ٿي سُڪي ويو. ۽ بقايہ پيجي شهر پهتا. ٻئي ڏينهن تي راجہ سميت حضرت جن جي سامهون اُن تلاءُ وٽ اچي جمع ٿيا. جيئن ئي حضرت جن جي نظر پيئي تہ سپني جي جسم ۾ حرڪت پيدا ٿي ويئي. ۽ بيهوش ٿيڻ لڳا. اُن وقت رام ديو مهنت ”مجمد ڪثير“ ساڻ ڪري حضرت جن سامهون پيش ٿيو. ۽ سلام عرض ڪيو. ۽ مخالفن سامهون مقابلو ڪري. اُنهن کي پريشان ڪيو. حضرت جن رام ديو مهنت کي هڪ پيالو پاڻي جو شُڪاري پيئڻ لاءِ چيو. ۽ جڏهن پيتائون تہ ڪفر جو رنگ دور ٿي ويو. ۽ اندر روشن ٿي پيو. پاڻ اچي حضرت معين الدين جا مريد بڻيا. پاڻ اِن جو نالو ”شادي ديو“ رکيو. پوري اجمير ۾ اِها ڪيفيت رهي تہ هي ڪو وڏو جادوگر آهي.

راءِ پٿورا هندستان مان وڏي جادوگر (جي پال جوڳي) کي گهرايو. جي پال جوڳي ڏيڍ هزار چيلا ساڻ ڪري مقابلو ڪرڻ لاءِ اجمير اچي پهتو. سڀ اچي انا ساگر پهتا. حضرت معين الدين پهريان ئي وضو ڪري. پنهنجي چوگرد عصاءِ مبارڪ“ جو دائرو ڏيئي. فرمايائون تہ انشاءَ الله دشمن ڪڏهن بہ هن دائري اندر داخل نہ ٿي سگهندو. جئپال جوڳي جڏهن سامهون آيو. ۽ ڏيڍ هزار جيڪي گڏ هئا. جن جو پير دائري اندر داخل ٿيندي ئي بيهوش ٿي ويا. حضرت جن ”شادي ديو“ کي حڪم ڪيو. تہ ”انا ساگر“ مان پيالو پاڻي جو پري آ. جڏهن شادي پيالو پاڻي جو پري آيو. تہ انا ساگر جو سمورو پاڻي ختم ٿي ويو. ۽ جي پال وائڙو ٿيڻ لڳو. ۽ حضرت جن کي سامهون ٿي چوڻ لڳو تہ خدا جا بنده فقير ڪنهن کي تڪليف تہ نہ ڏيندا آهن. ۽ ظلم نہ ڪندا آهن. تنهن تي حضرت معين الدين ”شادي ديو“ کي چيو تہ ”انا ساگر“ ۾ وجي هي پاڻي جو پيالو هار. پاڻي هارڻ سان ”انا ساگر“ پاڻي ۾ پرجي ويو.

جي پال جادوگر جادو وسيلي پهاڙن مان نانگ گُهرايا. اُهي نانگ سامهون ايندي رُڪ ٿي ويا. هي عمل ناڪام ٿيندي جي پال آسمان مان باهہ گهرائي. باهہ جا ڍڳ ٿي ويا. مگر ڪجهہ بہ وصول نہ ٿيو. آخر ڪار جي پال ڪکڙ کي هوا ۾ چڏي ان تي چڙهي روانو ٿيو. حضرت جن اها ڪيفيت ڏسي حڪم ڪيو تہ جي پال کي ڳولي سامهون پيش ڪيو. جي پال کي آڻي سامهون پيش ڪيو ويو. حضرت معين الدين جي قدمن ۾ ڪري جي پال



www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مسلمان ٿيو. ۽ عرض ڪيو تہ دُعا ڪيو تہ تا قيامت زنده رهان. حضرت جن بارگاهہ عالي ۾ دُعا گهري. ۽ جي پال کي چيو تہ الله تعاليٰ تو کي حيات دائمي بخشي. مگر تون پوشيده رکھ. جي پال اجمير جي پهاڙن ۾ موجود آهي. جو زيارتي گُم ٿيندو آهي. جي پال اُن جي رهبري ڪندو آهي. اجايل لڳايل زيارتي کي ڪاڏو پهچائيندو آهي. حضرت معين الدين اجميري جي پال جو نالو عبدالله رکيو. راڄ پنهوار جڏهن جئپال جي اها ڪيفيت ڏسي ڏاڍو شرمنده ٿيو. ۽ والدهہ بہ ڪيس چيو تہ ٻارهن سال پهريان مون چيو هو. هي اُهو ئي شخص آهي.

حضرت معين الدين چشتي 589 هجري مطابق سن 1193ع ۾ لاهور ۾ حضرت داتا گنج بخش علي هجويري جي درگاهہ تي اچي چلو ڪاٽيو. ۽ ڪجھ عرصو رهڻ بعد اجمير واپس وريو. پاڻ غوثي، قطبي، ۽ قطب الاقطابي جي مقام مان گذري قطب وحدت يعني مرتبہ محبوبيت سان فائز ٿيا.

حضرت خواجہ معين الدين چشتي پاڻ بلندپايي جا شاعر بہ هئا. سندس شعرن جو تعداد (7000) ست هزار آهي. پاڻ 6 رجب المرجب 633هجري مطابق 16 مارچ 1236ع ۾ وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهہ "اجمير شريف" ۾ آهي. روضي جي پهريان تعمير جو ڪم خواجہ حسين ناگوري ڪرايو. شاهہ جهان بادشاهہ پنهنجي دور ۾ روضہ پرسان مسجد تعمير ڪرائي.

**"اجمير شريف"**

اجمير شهر 493 هجري مطابق 1100ع ۾ آباد ٿيو. 1192ع ۾ محمد غوري هن شهر کي فتح ڪيو. 1195ع ۾ قطب الدين ايبڪ هن شهر کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪيو. 1398ع ۾ راجپوتن جي قبضي هيٺ اچي ويو. 1455ع کان 1531ع تائين مالواجي سلاطينن جي قبضي ۾ رهيو. اڪبر بادشاهہ هن شهر کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪيو. اڪثر ڪري خواجہ مين الدين چشتي (اجميري) جي مزار تي زيارت ڪرڻ لاءِ ايندو هو. 1721ع ۾ راجپوتن پيهر قبضو ڪيو. ۽ وري مرهٽن جي قبضي هيٺ اچي ويو. اِنهن 1818ع ۾ اجمير شهر کي انگريزن جي حوالي ڪيو.

**حوالا:**


1. اسلام شاهڪار انسائيڪلو پيڊيا: سيد قاسم محمود
2. دنيا جون 125 عظيم شخصيتون: راڻي شمس بلو
3. دنيا ڪي عظيم لوگ: سيده اعجاز بانو رضوي
4. تذڪره اولياءُ برصغير پاڪ و هند:مرزا محمد اختر دهلوي




www.sindhsalamat.com



## "سلطان سخي سرور"

(وفات ـ 512 هجري)

صوفي بزرگ "سخي سرور سلطان" ملتان جي ڳوٺ "ڪرسي ڪوٽ" ۾ پيدا ٿيو. ( پر انسائيڪلوپيڊيا پاڪستانيڪا ص (545) تي پيدائش جو هنڌ موضع: شاهہ ڪوٽ ضلع ديرا غازي جاڻايو آهي.

نالو "سيد احمد" لقب " سلطان سخي سرور" هو. شروعاتي تعليم مولوي اسحاق کان حاصل ڪئي. حضرت شهاالدين سهروردي کان تصوف ۾ فيض حاصل ڪيو. سلطان سخي سرور اسلام جي تبليغ لاءِ هر ڳوٺ، شهر وسطي واهڻ ۾ وڃي ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏني. زندگي جو گهڻو حصو اسلام جي تبليغ لاءِ وقف ڪيو.

پاڻ ڪجھ عرصو لاهور ۾ رهيا. ۽ پوءِ بغداد شريف روانا ٿيا. غوث الاعظم شيخ عبدالقادر جيلاني جي خدمت ۾ رهي فيض و برڪت حاصل ڪيو. بغداد ۾ ڪجھ عرصو رهڻ کان پوءِ واپس پشاور آيا. ۽ پشاور کان ڏونڪل (وزير آباد) طرف روانا ٿيا. ڪجھ سال "وزير آباد" ۾ رهي ماڻهن کي اسلام جي تبليغ کان واقف ڪيو.

وزير آباد کي خير آباد چئي ملتان واپس آيا. حاڪم ملتان ڳهڻو خان سندس حسن اخلاق کان ايترو تہ متاثر ٿيو. جو پنهنجي نياڻي سان (سخي سرور) جي شادي ڪرائي ڇڏي. حاڪم ملتان تمام گهڻو مال ۽ روڪ رقم مُهيا ڪئي پر پاڻ مال ۽ ملڪيت غريبن ۾ تقسيم ڪري ڇڏي. انهي سخاوت جي ڪري " سخي سرور" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

سخي سرور ملتان کي خير آباد چئي پنجاب صوبي جي ضلعي ديرا غازي خان کان 35 ڪلوميٽر (22) ميل اولهہ طرف ( شاهہ ڪوٽ) ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. زندگي جا باقي ڏينهن "شاهہ ڪوٽ" ۾ رهي اسلام جي تبليغ کي عام ڪيو.

"سخي سرور" جي "اسلامي پرچار" ڪن ماڻهن کي اک ۾ ڪنڊي جيان لڳي. آخر دشمن وار ڪري " سخي سرور" کي گهر واري سميت 1117ع مطابق 512 هجري ۾ شهيد ڪري ڇڏيو. (انسائيڪلوپيڊيا پاڪستانيڪا: ص 554) تي شهادت جو سال 1181ع ڄاڻايو آهي. انسائيڪلو پيڊيا پاڪستانيڪا، وفات جو سال حقيقت ۾ 1118 ڄاڻايو آهي پر پروف جي غلطي سبب 1181ع لکجي ويو، پر هجري سال 512 کي چيڪ ڪرڻ سان عيسوي سال 1117ع بيهي ٿو. نہ کي 1118ع.) سندس مزار مبارڪ ڪوهہ سليمان جي دامن ۾ ديرا غازي خان فورٽ منرو شاهراهہ تي



www.sindhsalamat.com

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

واقع آهي. مزار مبارڪ مٿان عاليشان مقبرو ٺهرايل آهي. راقم خود مزار مبارڪ تي وڃي حاضري ڀري ۽ ڏٺي در دعا گھري.

(3) اپريل 2011ع تي "سخي سرور" جي ساليانے عرس مبارڪ جي موقعي تي ظالمن (درگاهہ) تي بم جو حمل ڪيو جنهن ۾ (112) زائرين شهيد ٿي ويا. ۽ (200) جي لڳ ڀڳ ماڻهو زخمي ٿي ٿيا.

**حوالا:**

**دنيا ڪي عظيم لوگ:** سيده اعجاز بانو رضوي:سال 1992ع
**انسائيڪلو پيڊيا پاڪستانيڪا:** سيد قاسم محمود: مارچ 1998 ص 545)
**جوهر تقويم:** ضياءُ الدين لاهوري 2004ع

## "حضرت شيخ جلاالدين تبريزي رح"

(560هہ _ 642هہ)

حضرت شيخ جلال الدين تبريزي جو جنم شهر تبريز "ايران" ۾ ٿيو. پاڻ 560 هجري مطابق 1165ع ۾ شيخ محمد جي گهر ۾ جنم ورتو. ڪيس "سلطان الانبياءَ" سڏيو وڃي ٿو. پاڻ شيخ ابو سعيد تبريزي جا مريد هئا. پنهنجي مُرشد جي وفات بعد حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي جي خدمت ۾ ڪافي وقت گُذاريو. شيخ شهاب الدين سهروردي هر سال بغداد کان حج تي روانا ٿيندا هئا. جڏهن پاڻ پوڙائپ ۾ آيا. تہ ٺريل ڪاڌو نہ کائي سگهندا هئا. حضرت شيخ جلال الدين تبريزي پاڻ مانيءَ ۽ تازي پاڃي تيار ڪري ديڳڙي مٿي تي رکي هميشہ گُهرڻ محل تازو ۽ گرم ڪاڌو خدمت ۾ پيش ڪندا هئا.

حضرت شيخ جلال الدين تبريزي رح سير سياحت ۾ حضرت بهاوالدين زڪريا (ملتاني) سان هميشہ هميشہ گڏ رهيا. ۽ سفر دوران شهر ۾ درويشن سان ملي روح رهاڻي ڪري دلي سڪون حاصل ڪيو.

پاڻ نيشاپور ۾ حضرت فريد الدين عطار جهڙي پلاري بزرگ سان ڪچهري ٿي. جڏهن پاڻ واپس آيا. تہ حضرت بهاوالدين ذڪريا پڇيو تہ درويشن مان ڪچهري ۾ڪهڙو وڌيڪ پسند آيو. تہ پاڻ فرمايائون تہ حضرت فريدالدين عطار جي ڪچهري ڏاڍي پسند آئي. جنهن پهچڻ محل پُڇيو تہ فقير ڪٿان آيا آهيو. مُون وراڻيو "بغداد" مان. پاڻ پُڇيائون. تہ "بغداد" مان ڪهڙا ڪهڙا درويش "مشغول بحق" آهن. جو آئون ڪوبہ خاطر خواهہ جواب نہ ڏيئي سگهيس.

پاڻ سير سفر ۾ ملتان شريف جي پلاري سر زمين تان گهمندا.





حضرت بابا فريد "گنج شڪر" جي شهر ۾ پهتا. بابا فريد ڪي ماڻهو "قاضي بچہ" جي نالي سان پڪاريندا هئا. پاڻ ماڻهن کان پُڇا ڪيائون تہ هن شهر ۾ ڪو درويش آهي. ماڻهن ٻڌايو تہ "قاضي بچہ" آهي. جو مسجد ۾ رهندو آهي. ۽ حضرت قطب الدين بختيار ڪاڪي رحمتہ الله عليہ جو مريد آهي.

شيخ جلال الدين تبريزي ملڻ لاءِ اچي رهيو هو. تہ رستي ۾ هڪ شخص انار پيش ڪيو. پاڻ انار ڪي هٿ ۾ ورتي. حضرت بابا فريد مسعود گنج شڪر (قاضي بچہ) جي سامهون انا رکي. ڪائڻ لاءِ پيش ڪيو. پر بابا فريد ڪي روزو هو. پاڻ نہ ڪاڌائون. انار مان هڪ داڻو زمين تي ڪريو جُو بابا فريد اُهو داڻو ڪٽي پنهنجي "دستار مبارڪ" ۾ رکي ڇڏيو. ۽ شام جو ان داڻي سان روزو کوليو. ڪائڻ سان طبيعت ۾ بهتري ۽ دل ۾ روشني پيدا ٿي. جڏهن بابا فريد پنهنجي مُرشد حضرت خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي جي خدمت ۾ پيش ٿيو. تہ پاڻ فرمايائون تہ "مسعود جو انار جو داڻو تنهنجي قسمت جو هو. تو کي ملي ويو.

شيخ جلال الدين تبريزي: سفر کي جاري رکندي جڏهن دهلي پهتا، تہ سلطان شمس الدين التمش ڪيس استقبال ڪيو. اِها خبر جڏهن نجم الدين صغريٰ جو وقت جو "شيخ السلام" هو. کي سُٺي نہ لڳي. جو پنج سو اشرفيون جي لالچ ڏيئي هڪ طوائف جنهن جو نالو "گوهر" هو. الزام لڳائڻ تي آماده ڪيو.

جڏهن اها شڪايت سلطان التمش کي پهتي تہ فورن دهلي جا مشاهير ۽ مشائخ گهرايا ويا. (200) سو کان وڌيڪ اولياءِ ڪرام دهلي ۾ جمع ٿيا.

جمع نماز بعد سڀ مسجد منار ۾ گڏ ٿيا. سلطان التمش. نجم الدين صغريٰ کي چيو تہ جو وٽي پنهنجو امين مقرر ڪر. نجم الدين صغريٰ: حضرت بهاوالدين ذڪريا رحمتہ الله عليہ کي پنهنجو امين مقرر ڪيو.

"گوهر خاتون" مجلس ۾ حاضر ٿي. ۽ جڏهن شيخ جلال الدين تبريزي کي سڏايو ويو تہ مسجد جي دروازي داخل ٿيندي سڀ اولياءِ ڪرام "تعظيم" لاءِ اٿي بيٺا.

حضرت بهاوالدين زڪريا (رحمتہ الله عليہ) اڳتي وڌي شيخ جلال الدين جا جوتا هٿ ۾ کنيا. تہ سلطان التمش ڏسي ڪري مقرر (امين) کي چيو تہ توهان جي ايتري عزت ڪرڻ سان معاملو تہ حل ٿي ويو.

حضرت بهاوالدين زڪريا رح فرمايو تہ "مُون تي واجب آهي تہ شيخ جلال جي پيرن جي مٽي کي اکين جو سُرمون بڻايان" چو تہ 7 سال سفر ۾ پيرو مرشد جي خدمت ڪندي گڏ گذاريا آهن. امر حق الله بخوبي ظاهر آهي.



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اجميري سان ٿي. 5 سالن جي سفر ڪرڻ بعد پاڻ ملتان واپس آيا. بابا فريد جي فيض ماڻهن کي ايترو تہ ويجهو ڪيو جو پري پري کان ماڻهن اچي هٿ ٿي ڪلمہ شهادت جو ورد ورتو. ۽ مسلمان ٿيا. ۽ هزارن جي تعداد ۾ مريد بڻيا . پاڻ پنهنجي مرشد قطب الدين بختيار جي اسرار تي "پاڪ پتن" جي سرزمين کي تاحيات مسڪن بڻايو. ۽ عبادت ۾ هميشہ مشغول رهيا.مختلف تذڪرن ۾ آيل آهي تہ پاڻ حضرت غوث بهاو الدين زڪريا حضرت لعل شهباز قلندر ۽ حضرت سرخ بخاري سان گڏ هندستان جي ڪافي علائقن جو سير بہ ڪيو. عام طور تي چار يار درويشن طور سڃاتا وڃن ٿا.

بابافريد جو شهنشاهہ لطيف جي ڪلام تي ڪافي اثر آهي. جيئن پاڻ فرمائي ٿو تہ

سرو ور پنهنجي هيڪڙو، م ڦاهي وال پچاس،
اي تن لهرين گڏ ٿيا، سچي تيري آس،

مٿين بيت تي شهنشاهہ لطيف جو بيت هن طرح آهي تہ

سر تي پکي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاهہ،
آٿم آس الله، لڏي لهرن وچ ۾،

بابا فريد پنجابي، سرائڪي ۽ ڪشميري ۾ شاعري ڪئي. ۽ سنڌي شاعري جا لفظ بہ سندس ئي شاعري ۾ ملن ٿا. پاڻ 27 سال اسلام جي تبليغ ڪئي. سندس درگاهہ واري دروازي کي "بهشتي دروازو" چيو ويندو آهي. جيڪو خواجہ نظام الدين اولياءَ تعمير ڪرايو هو. بابا فريد کي مالڪ جو حقيقت عشق ڏسي ڪيس "شڪر گنج" جهڙي لقب سان نوازيو ويو. پاڻ سڄي زندگي قرآن و سنت جي مطابق گذاري. ۽ 664 هجري بمطابق 1266ع ۾ 95 سالن جي عمر ۾ مالڪ حقيقي جي بارگاهہ ۾ ابدي آرامي ٿيا. سندس وفات واري سن ۾ بہ ڪافي تضاد آهي. سيد الاقطاب مطابق 690هہ، راحت القلوب مطابق 687هہ، خزينتہ الاصفياءَ مطابق 670 هہ جوهر فريدي، سيد الاولياءَ، اخبار الاخيار ۽ سفينتہ الالياءَ مطابق 664 هجري کي صحيح قرار ڏنو آهي. ۽ ڪشلوخان وري 660 هجري وفات جو سال ڄاڻايو آهي. وڌيڪ علم جا ڄاڻوئي روشني وجهي سگهن ٿا.

**حوالا:**


1. دنيا کي عظيم لوگ:سيده اعجاز بانو رضوي 1993ع
2. هيرا تہ ڏسو: شيخ اياز/بخشل باغي 2011ع
3. حضرت بهاؤالدين ذڪريا: سيد ارتضيٰ علي ڪرماني 2003ع
4. سنڌي پنجون ڪتاب:
5. تذڪره اولياءَ برصغير پاڪ وهند: مرزا محمد اختر دهلوي
6. جو هر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري 2004ع
7. اسلامي شاهڪار انسائيڪوپيڊيا






شهنشاهہ لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو

# "حضرت شيخ جمال الدين هانسوي رحمتہ الله عليہ"

(583 هہ _ 659 هہ)

حضرت شيخ جمال الدين هانسوي جي ولادت باسعادت 583 هجري بمطابق 1187ع ۾ "غزني" ۾ ٿي. سندس نسبي سلسلو حضرت امام ابو حنيفہ رحمتہ الله عليہ سان ملي ٿو. پاڻ حضرت بابا فريد الدين مسعود "گنج شڪر" جا مريد ۽ خليفا هئا.

حضرت بابا صاحب ڪيس تمام گهڻو پيار ڪندا هئا. ايتريقدر جو پاڻ پنهنجي مريد وٽ زندگي جا ٻارهن سال "هانسي شهر" گڏ گذاريا.

حضرت بابا فريد الدين پاڻ چوندا هئا تہ : "جمال اسان جو جمال آهي. ۽ دل چوندي آهي تہ جمال جي چوگرد طواف ڪيان."

حضرت بابا فريد جڏهن بہ ڪنهن کي خلافت نامو عطا ڪندو هو تہ اُن شخص کي تاڪيد ڪندا هئا. تہ هانسي وڃي شيخ جمال الدين رحمتہ الله عليہ کان خلافت نامي تي مُهر لڳرائي اچ. اگر جمال اُن خلافت نامي تي مهر لڳرائيندو هو تہ پاڻ اُن کي مستند سمجهندا هئا. نہ تہ بس!

حضرت شيخ جمال الدين هانسوي جي هڪ نوڪرياڻي هئي. جيڪا پاڪدامن پرهيزگار هئي حضرت بابافريد گنج شڪر رح اِن کي (مومنن جي ماءُ) ڪري سڏيندو هو. هڪ دفعي بابا صاحب (مومنن جي ماءُ) کي خاطب ٿيندي چيو تہ "اسان جو جمال چاڪري رهيو آهي." تہ "مومنن جي ماءُ) وراڻيو تہ جنهن ڏينهن کان جمال توهان سان مليو آهي. اُنهي ڏينهن کان دنيا جو هر ڪم ڪار، جائيداد، ۽ خطابت کي ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. ۽ سدائين رب جي رياضت ۽ عبادت ڪندي گذري ٿي. جنهن تي بابا صاحب ڏاڍو خوش ٿيو. ۽ چيائين تہ "الحمدالله"

حضرت شيخ جمال الدين کي (2) پٽن جي اولاد ٿي. پاڻ "عالم" زاهد هئا. ظاهري ۽ باطني علم ۾ بي نظير هئا. پاڻ هڪ ڪتاب بہ لکيو جنهن جو نالو "مُلهمات" رکيو. ڪتابت سان گڏو گڏ هڪ بهترين ضف جا شاعر بہ هئا.

پاڻ فرمايائون تہ "قبر جنت جي باغن ۾ هڪ باغ آهي.

حضرت شيخ جمال الدين هانسوي هڪ دفعي ڳوٺ ۾ دعوت تي ويو. ۽ فارغ ٿي اجازت ورتي اُن ميزبان عرض ڪيو تہ جيتري تائين بارش نہ پوندي ايتري تائين اجازت نہ ملندي. چو تہ انهي سال بارش نہ پئي هئي. ميزبان جي اصرار تي پاڻ بارگاهہ الاهي ۾ هٿ مٿي ڪري مالڪ کي ٻاڏايو. مٿان مالڪ جو منظور ڪرڻ. ۽ اُنهي رات تمام گهڻي بارش پيئي. پوءِ پاڻ اجازت وٺي گهوڙي تي سوار ٿي (هانسي) واپس آيا.





www.sindhsalamat.com

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

فرمايو تہ ”جمال جي ڪيل ڪم کي فريد سبي نہ سگھندو.“

پوءِ بابا صاحب حضرت علاو الدين احمد صابر کي ”ڪلير جي ولايت“ حوالي ڪئي. پاڻ اچي ڪلير پهتا. ڪلير انهي زماني ۾ هڪ وڏو شهر هو. ۽ گھڻي آبادي تي مشتمل هو. اِنهي شهر ۾ ڪافي تعداد ۾ علماءَ، فاضل ۽ مشائخ رهندا هئا. جمع جي نماز لاءِ چار سو چنبريل آيا. رئيس ڪلير جي ماڻهن جي نافرماني حد ڪان وڌي چُڪي هئي. پاڻ جمع جي نماز لاءِ مسجد ۾ وڃي پهرين صف ۾ ويٺا. حضرت علاو الدين احمد صابر کي پهرين صف ۾ ويٺل ڏسي. ۽ پيا جيڪي متعقد ساڻ هئا. سيني کي گھٽ وڌ ڳالهايو ويو.

حضرت علاو الدين احمد صابر اتان اُٿي مسجد جي ٻاهر اچي ويٺا. ۽ مسجد طرف ڏسي فرمايائون تہ ”ڇا تُون انهن ماڻهن کي صحيح سلامت ڇڏي ڏنو“ بس حضرت جا اِهي لفظ چوڻ ۽ مسجد جو هڪدم ڪرڻ. سڀ ماڻهو متي ۾ دٻجي فوت ٿي ويا.

۽ بي روايت تہ: جڏهن ماڻهو رڪوع ۾ هئا تہ حضرت صاحب مسجد کي حڪم ڪيو تہ تُون بہ سجدو ڪر. مسجد انهي محل هيٺ اچي ڪري ۽ سڀ ماڻهو فوت ٿي ويا.

سندس والده جي اسرار تي حضرت بابا فريد الدين گنج شڪر رحمتہ الله عليہ جي نياڻي خديجہ بيگم عرف شريفہ سان نڪاح جي رسم ادا ڪئي. حضرت علاو الدين جي والد ماجده سندس جي حجري ۾ روشني ڪئي. ۽ خديجہ بيگم کي وٺي اچي حجري ويهاريو. جڏهن پاڻ حجري ۾ تشريف فرما ٿيا تہ حجري ۾ روشني ۽ عورت کي ويٺل ڏسي پڇيائون: تہ توهان ڪير آهيو؟ خديجہ بيگم وراڻيو تہ ”توهان جي زال“

پاڻ فرمايائون تہ ”تہ اهو ممڪن نہ آهي. جو هڪ دل ۾ ٻن جي محبت جي جڳهہ موجود هجي، قطعا گنجائش نہ آهي.“

پنهنجي زبان مان اهي الفاظ نڪرڻ جو حجر کي باهہ لڳي ويئي. ۽ حجري ۾ ويٺل ڪنوار سڙي خاڪ ٿي ويئي.

پاڻ رياضت عبادت ۾هميشہ اڳڀرا رهيا. فنا اعليٰ درجو حاصل هو. حضرت بابا فريد گنج شڪر ڪيس تمام گھڻو پيار ڪندا هئا. ۽ سندس چيل لفظن ۾ تہ: ”تہ مُنهنجو ظاهر و باطن علم شيخ نظام الدين بدايوني کي پهتو. ۽ علم ظاهري ۽ باطني شيخ علاو الدين علي احمد کٽي ويو.“

۽ حضرت بابا صاحب ٻئي هنڌ فرمايو تہ: ”منهنجي سيني جي علم شيخ نظام الدين کي بدايوني ذات ۾ ۽ منهنجي دل جي علم شيخ علاو الدين علي احمد صابر کي ذات ۾ سيرياب ڪيو.







پاڻ سدائين روزي ۾ رهندا هئا. بارگاهہ الاهي ۾ چيل دُعا هميشہ قبول ٿيندي هئي. شعر شاعري سان سُٺو لڳاءَ هو. فارسي ۾ تخلص ”احمد“ هندي ۾ تخلص ”صابر“ ۽ علاوالدين“ هئا.

”شاعري“

اس طرح ڊوب اس مين اي ”صابر“
ڪہ بجز هو ڪي غير هو نہ رهي.

”غزل“

امروز شاه شاهان مهمان شدست مارا.
جبريئل با ملائڪ دربان شدت مارا.

سندس بُد دعا سان ”ڪلير“ جو شهر ويران ٿيو. ۽ پري پري تائين آبادي جون نانءُ نشان بہ نہ رهيو.

حضرت علاوالدين احمد صابر رح 13 ربيع الاول 690 هجري مطابق 16 مارچ 1291 ع ۾ دم ڏڻي حوالي ڪيو.

حضرت شمس الدين ترڪ پاني پتي سندس خليفو هو. ۽ پوءِ جانشين مقرر ٿيو. جنهن ڪان پوءِ سلسلہ صابري چشتي هلندو پيو اچي.

**حوالا:**

1. تذڪره اولياءِ پاڪ و هند: ڊاڪٽر ظهور الحسن شارب
2. اسلامي شاهڪار انسائيڪلوپيڊيا: سيد قاسم محمود
3. جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري

## ”حضرت شاهہ صدرالدين عارف رحمتہ الله عليہ“

(621 هہ ـ 684 هہ)

حضرت شاهہ صدر الدين عارف رح جي ولادت حضرت بهاو الدين زڪريا ملتاني رحمتہ الله عليہ جي گهر ۾ 621 هجري بمطابق 1224 ع ۾ ٿي. سندس نالو صدر الدين لقب ”عارف“ ڪنيت ”ابو الفانم“ هئي. پاڻ ڀائرن ۾ وڏا هئا. ٻين ڀائرن ۾: حضرت برهان الدين، حضرت ضياءَ الدين حضرت علاوالدين، حضرت شهاب الدين، حضرت قدوت الدين، حضرت شمس الدين رحمتہ الله عليہ ڀائر هئا. پاڻ والد صاحب جي هٿ تي بيعت ڪئي. ۽ خرقہ خلافت حاصل ڪيو.

حضرت شاهہ صدرالدين عارف جڏهن حج تي ويا. اتہ انهي سال فرغانہ جي شهزادي راستي جو بہ حج بيت الله اچڻ ٿيو. شهزادي راستي جو حُسن ڏسڻ وٽان هو. سندس ٻين رياستن جا شهزادا بہ شادي ڪرڻ جي







Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اوسيئڙي ۾ ويٺا انتظاريون ڪرڻ لڳا. مگر شهزادي راستي جي شادي سان ڪا بہ دلچسپي نہ هئي. جو تہ هو هڪ عابده ۽ زاهده خاتون هئي. سندس والد سلطان جمال الدين بہ هڪ صاحب ڪمال بزرگ هو. هڪ دفعي پيءُ هئڻ جي حيثيت ۾ خواهش پُڇي. مگر شهزادي راستي عرض ڪيو. تہ ”بابا خدا جي حڪم جو انتظار آهي. مالڪ جي حڪم کان سواءِ ڪوئي ڪم تڪميل تي نہ ٿو پهچي.“ اهو لفظ ٻڌي والد صاحب خاموش ٿي ويو.

هڪ دفعي شهزداي راستي بيت الله جو طواف ڪري رهي هئي تہ اتفاق سان نظر وڃي حضرت شاهہ صدرالدين عارف تي پيئي. جو چند قدمن تي طواف ڪري رهيو هو. شهزادي راستي محسوس ڪيو. تہ اِن اجنبي مان نُور چمڪي رهيو آهي. ۽ پنهنجي نوڪرياڻي کي چيو تہ پڇا ڪر تہ هي نوجوان ڪير آهي. ۽ ڪٿان آيو آهي. نوڪرياڻي پڇا ڪرڻ بعد ٻڌايو تہ هي نوجوان شاهہ صدرالدين عارف مشهور بزرگ حضرت بهاوالدين زڪريا ملتاني جو فرزند آهي. شهزادي چيو تہ مون کي پڪ هئي تہ هي ڪو عام ماڻهو نہ آهي.

حج بيت الله جي واپسي بعد شهزادي راستي پنهنجي نوڪرياڻي معرفت والد محترم تائين اِها خبر پهچائي. جو والد صاحب سمجهي ويو. تہ الله تبارڪ و تعاليٰ جو طرف کان وقت اچي ويو آهي. پاڻ ڌيءَ جي انتخاب تي ڏاڍا خوش ٿيا. ۽ فرغانہ کان ملتان شريف پهتا. جڏهن حضرت بهاوالدين زڪريا رح کي اچڻ جي خبر پيئي تہ پاڻ خانقاهہ کان نڪري معزز مهمانن جو استقبال ڪيو.

ٻئي ڏينهن تي سلطان جمال الدين ۽ حضرت زڪريا ملتاني جي وچ ۾ ٻن خانداني رشتن درميان قريبي رشتي جي ڳالهہ ٻولهہ ٿي. ۽ پوءِ اها نڪاح جي تقريب ملتان ۾ منعقد ٿي. ملتان ۽ ٻين شهرن جا وڏا وڏا مشائخ علماءَ اِن يادگار شادي ۾ شريڪ ٿيا. اُن وقت غالبا حضرت غوث بهاوالدين زڪريا ملتاني رحمتہ الله عليہ جي عمر مبارڪ 56 سال هئي. غوث پاڪ جي (وفات 666 هجري ۾ ٿي).

روايت آهي تہ نڪاح بعد جڏهن شهزادي راستي حضرت بهاوالدين زڪريا رح جي گهر آئي تہ پاڻ احترام ۾ اُٿي بيٺا. سلطان جمال الدين جڏهن هن دنيا مان موڪلاڻي ڪئي تہ وراثت مان حصہ آهر جيڪو بہ شهزادي راستي کي حصي ۾ مليو پاڻ سموري دولت مسڪينن ۽ غريبن ۾ تقسيم ڪري ڇڏي. ۽ هڪ دفعي شاهہ صدرالدين عارف کي عرض ڪيو. تہ ”(توهان جي هوندي مون کي دنيا جي ڪا بہ دولت ياد نہ ايندي)“.

بي بي راستي مان شاهہ رڪن عالم رحمتہ الله عليہ جي پيدائش ٿي.







جنم جو سال 9 رمضان المبارڪ 649 هجري بحوالا: (ڪتاب ” الله کي ولي“ جناب خان آصف مرحوم ص 509). ان تحت عيسوي تاريخ ۽ سال 26 نومبر 1251ع جنم جو سال بيهي ٿو. بحوال: (ڪتاب: جوهر تقويم: ضياءَالدين لاهوري) 2004ع.

حضرت شاهہ صدرالدين عارف پنهنجي پٽ شاهہ رڪن الدين ”ابو الفتح“ جو ستن سالن جي عمر جو هو. ساڻ ڪري درياءَ جي ڪناري پهتا. پاڻ وضو ڪري نماز ادا ڪري رهيا هئا. تہ ايتري ۾ هرڻين جو هڪ ولر جو ساڻ هرڻي جو ننڍڙو ٻچڙو بہ هو. شاهہ رڪن الدين اُن کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي. مگر پڪڙي نہ سگهيو.

حضرت شاهہ صدرالدين عارف نماز کان فارغ ٿي شاهہ رڪن الدين کي قرآن شريف جو سبق ڏنو ڏهہ مرتبہ پڙهڻ باوجود بہ سبق ياد نہ ڪري سگهيو. جڏهن تہ ٽن مرتبہ پڙهڻ سان سبق ياد ٿي ويندو هو.

حضرت شاهہ صدرالدين عارف جڏهن حقيقت معلوم ڪئي تہ پاڻ هرڻي جي ٻچڙي کي پڪڙڻ واري حقيقت کان آگاهہ ڪيو. ۽ چيائين تہ فلان طرف ولر روانو ٿي ويو. حضرت شاهہ صدرالدين ڪجهہ پڙهي اُنهي طرف شُڪارو ڏنو. تہ هرڻين جو ولر واپس اچي پهتو. شاهہ رڪن الدين ڊوڙي وڃي اُن ٻچڙي کي پڪڙيو. ۽ ڏاڍو خوش ٿيو انهي خوشي ۾ هڪ سيپارو حفظ ڪري ورتو. پوءِ اُن هرڻي ۽ ٻچڙي کي پنهنجي درگاهہ تي وٺي آيا.

حضرت شاهہ صدرالدين عارف 63 سالن جي عمر ۾ 23 ذوالحج 684 هجري بمطابق 19 فيبروري 1286ع ۾ وفات ڪئي. سندس مزار مبارڪ ملتان شريف ۾ (والد صاحب) سان گڏ آهي.

ڪتاب: مراتہ الاسرا: عبدالرحمن چشتي ص 818 تي وفات جو سال 684 هجري ظاهر ڪيو آهي ۽ ڪتاب: تذڪره اولياءَ پاڪ وهند: ڊاڪٽر ظهورالحسن شارب بہ صفي 61 تي ساڳي تاريخ ۽ هجري سال ڄاڻايو آهي ۽ وفات جي عيسوي تاريخ ۽ سال تي نظر وجهجي تہ سيرت پاڪ شيخ ابوالفتح رڪن الدين: پير سيد ارتضيٰ علي ڪرماني ص. 66 تي عيسوي سال 1285 ڄاڻايو آهي. جيڪو بلڪل غلط آهي. جو (ماده تاريخ: جوهر تقويم ۾ 19 فيبروري 1286ع بيهي ٿو. جيڪو صحيح ۽ درست وفات جو سال آهي.)

شاهہ صدر الدين عارف جي وفات بعد حضرت شاهہ رڪن الدين ”ابوالفتح“ گادي نشين مقرر ٿيا. شاهہ صدر الدين جي خدمت ۾ جيڪي خليفہ مقرر هئا تن ۾ حضرت شيخ جمال الدين خندان اوچوي حضرت شيخ احمد معشوق، حضرت صلاح الدين درويش، حضرت شيخ علاوالدين محبوب







Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

الله، حضرت شيخ حسام الدين بدايوني وغيره صاحب فضيلت خليفہ هئا.

پاڻ فرمائيندا هئا: تہ صحت ايمان جي نشاني آهي. ۽ نيڪي سان خوشي حاصل ٿيندي آهي.

صدرالدين عارف جي علمي يادگار ”ڪنزالفوائد“ آهي. جنهن کي سندس مريد خواجہ ضياءَ الدين ترتيب ڏنو.

**حوالا:**

1. سيرت پاڪ حضرت شيخ ابل فتح رڪن الدين عالم سهر وردي: سيد ارتضيٰ علي ڪرماني
2. تذڪره اولياءَ پاڪ و هند:ڊاڪٽر ظهور الحسن شارب
3. جوهر تقويم: ضياءَ الدين راهوري

## ”حضرت خواجہ نظام الدين اولياءَ رحؒ“

(636 هہ ـ 725 هہ)

نظاميہ سلسلي جي باني بزرگ حضرت نظام الدين اولياءَ جي پيدائش 27 صفر 636 هجري آڪٽوبر 1238ع ۾ ”بدايون“ ۾ ٿي. والد صاحب جو اسم گرامي خواجہ احمد هو. سندن نسبي سلسلو حضرت امام حسين عليہ السلام سان ملي ٿو.پاڻ پنجن سالن جا ٿيا. تہ والد صاحب هن جهان مان موڪلاڻي ڪئي. 16 سال جي عمر ۾ دينيات ۽ فلسفہ ۾ سُٺي مهارت حاصل ڪئي. حضرت بابا فريد گنج شڪر جي خدمت ۾ حاضر ٿي فيض مان فيضياب ٿيو. ۽ پنهنجو مُرشد بڻايو.

اُن وقت عمر 20 سال هئي. بابا فريد گنج شڪر پهرين ڏينهن کان ئي خليفو مقرر ڪيو. پاڻ بابا فريد وٽ 15 رجب 655 هہ کان 3 ربيع الاول 656 هہ تائين رهيو. مرشد کان موڪلائي دهلي روانو ٿيو.

پاڻ دهلي جي مولانا شمس خوارزمي جيڪو وقت جو فاضل ۽ ڪامل بزرگ هو.کان ”علم دين“ جي ڄاڻ حاصل ڪئي. مولانا ڪمال الدين صاحب پنهنجي هٿن مبارڪن سان ”سند فضيلت“ رڪي ڏني. سلطان غياث الدين بُلبُن بہ مولانا ڪمال الدين کي پنهنجو پيش امام بڻايو. مولانا هميشہ فرمائيندا هئا. تہ ”مون وٽ سواءِ نماز جي ٻيو ڪجهہ ڪين آهي“.

خواجہ نظام الدين اولياءَ کي خرقہ خلافت 21 ربيع الاول 672هہ ۾ عطا ٿيو، دهلي ۾ رهڻ دوران خواجہ صاحب وٽ هزارن جي تعدد ۾ ماڻهن اچي فيض ورتو، دهلي جا اڪثر بادشاهہ سندن اقيدتمند هئا.

خواجہ صاحب آخري عمر ڏاري پاڻ ست ڏينهن بلڪل نہ ڳالهايو ۽







انين ڏينهن خواجہ اقبال کي گهرائي چيائون تہ نقد ۽ جيڪو بہ سامان آهي غريبن ۽ مسڪينن ۾ تقسيم ڪيو وڃي. ڪپڙن جي ڳنڍڙي گهرائي. اُن ۾ هڪ دستار هڪ چولو هڪ مصلو ۽ سَند خلافت مولانا برهان الدين غريب حوالي ڪيا. ۽ دکن جي طرف روانو ٿيو. هر شيءَ هڪ هڪ خليفي کي عنايت ڪئي. مگر حضرت شيخ نصيرالدين محمود چراغ دهلوي حاضر ٿيو. جيڪو رهجي ويو. پر پاڻ ٿوري ئي دير ۾ چراغ دهلوي کي گهرائي. جيڪي تبرڪات ”خواجگان چشت“ کان وٽي موجود هئا ۽ والد صاحب معرفت مليا هئا. شيخ نصير الدين محمود چراغ دهلوي جي حوالي ڪيا. ۽ نماز عصر ادا ڪئي.

پاڻ 17 ربيع الثاني 725 هجري مطابق 1325ع ۾ وفات ڪئي. سندن روضو مبارڪ بمقام غياث پور دهلي ۾ آهي. وفات کان چار سال پهريان شيخ رڪن الدين کي وصيت ڪئي هئائون تہ جڏهن آئون گذاري وڃان تہ منهنجي جنازي سان گڏ سماع (راڳ) جو بندوبست ڪيو وڃي. ۽ پورا 8 ڏينهن سماع جاري رهي. شيخ رڪن الدين خواجہ نظام الدين اولياءَ جي جنازي نماز جي امامت ڪئي. ۽ قوال گهرائي سماع شروع ڪرايو. خليفن اعتراض ڪيو پر پاڻ پورا ست ڏينهن سماع ڪرايو. جڏهن حضرت جن جو لاش مبارڪ ”سماع“ جو ورد ۾ رستي تان گذري رهيو هو تہ هڪ عورت پنهنجي دروازي تي ”امير خسرو“ جي ”غزل“ ڳائي رهي هئي. تہ

” اي تماشا گاه عالم روئي تست، تو ڪجا بهر تماشا ميروي.

اهو اواز ٻڌڻ سان حضرت نظام الدين اولياءَ جو هٿ مبارڪ ڪفن کان ٻاهر نڪتو. شيخ رڪن الدين ڊوڙي وڃي ان عورت کي روڪيو. جيستري تائين جنازو قبر جي قريب نہ آيو. ايتري تائين اولياءَ صاحب جو هٿ ٻاهر رهيو. قبر ۾ لاهڻ وقت شيخ نصير الدين چراغ دهلوي عرض ڪيو تہ

” برهان شما ازين هم عبيشتر، است اگر دست گرد آيد بهتر باشد چراڪہ قدمہ سيد، درميان ست.“

اهو عرض ٿيڻ شرط هٿ ڪفن اندر ٿي ويو. شيخ رڪن الدين اولياءَ صاحب جو مڙهہ قبر ۾ لاٿو. ۽ ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ بيهوش ٿي ويو. هوش اچڻ تي پڇيو ويو. تہ پاڻ فرمايائون تہ جڏهن آئون لاش کي قبر ۾ رکيو تہ روحانيت رسول مقبول حاضر ٿيا. ۽ برادرم شيخ نظام الدين کي بغل ۾ ڪنيو انهي وجہ کان آئون بيهوش ٿي ويس.

اڪبر بادشاهہ حضرت امير خسرو سندن عقيدتمندن مان آهن. محمد تفلق جي دور حڪومت ۾ پاڻ راهہ رباني جو رستو ورتو. ۽ مالڪ ملڪ







Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جي جهان ۾ ابدي آرامي آهن.

**حوالا:**

1. اسلامي شاهڪار انسائيڪلوپيڊيا:سيد قاسم محمود
2. دنيا جون 125 عظيم شخصيتون
3. دنيا ڪي عظيم لوگ:سيده اعجاز بانو رضوي
4. تذڪره اولياءَ پاڪ و هند:ڊاڪٽر ظهور الحسن شارب

## "حضرت سيد جلال الدين بخاري المعروف (مخدوم جهانيان)"

(707 ھ _ 788 ھ)

حضرت سيد جلال الدين بخاري جو اصل نالو سيد جلال الدين حسين، ڪنيت ابو عبدالله. لقب مخدوم جهانيان (جهان گشت) آهي. ۽ عام طور "مخدوم جهانيان" سڏيو وڃي ٿو. سندس پيدائش اُچ شهر ۾ 15 شعبان 707 هجري مطابق 19 جنوري 1308 ع ۾ سيد احمد ڪبير جي گهر ۾ ٿي. پاڻ شروعاتي تعليم اُچ ۾ علامہ قاضي بهاو الدين کان حاصل ڪئي. قاضي صاحب جي وفات بعد ملتان مان شيخ موسيٰ ۽ مولانا مجدالدين جهڙا شفيق استاد مليا. وڌيڪ تعليم "مدينہ" مان حاصل ڪئي.

حضرت سيد جلال الدين بخاري رح جو سير سفر سان بہ ڏاڍي دلچسپي هوندي هئي. جو پاڻ ئي سو کان وڌيڪ بزرگن سان مليا. انهن کان فيض و برڪت حاصل ڪيو. پاڻ ڪيترائي سال "مڪي شريف" ۾ رهيا. عرب ملڪن عراق، شام، مصر، بلخ، خراسان وغيره جي ڌرتي تي سير سياحت ڪئي.

پاڻ پنهنجي والد صاحب کان سلسلہ سهروردي ۾ بيعت ڪئي. سلطان محمد تغلق شاهہ جي دور حڪومت ۾ منصب شيخ السلامي و مسند خانقاهہ محمدي عهدي تي مقرر ڪيو ويو. سيوستان ۽ اُن جي آس پاس واري علائقن تي عهدي جو بهتر نموني استعمال ڪيو. حضرت شيخ رڪن الدين "ابو الفتح" جي حڪم تي عهدي تان استعيفيٰ ڏني. ملازمت مان فارغ ٿي مدينہ منوره جو رخ ڪيو. شيخ عفيف الدين عبدالله المطري کان خرقہ خلافت حاصل ڪيو. ۽ اُتي ڪافي ڪتابن پڙهڻ جو موقعو بہ مليو. تهجد کان فارغ ٿيڻ بعد عبدالله المطري کان "صحام" "عوف" ۽ رسائل سلوڪ جا سبق ورتا.

پاڻ ڇهہ سال "مديني شريف" ۽ "مڪي شريف" ۾ گذاريا. ۽ 752 هجري ۾ سفر کان فارغ ٿي. واپس موٽيا انهي سفر ۾ سيد صدر الدين ڪماش





۽ شيخ حميد الدين بن محمود الحسني سمر قندي سان سفر ۾ روح رهاڻيون ڪيون ۽ فيض و برڪت حاصل ڪيو.

حضرت نصير الدين چراغ "دهلوي" جي خدمت ۾ رهڻ جو موقعو بہ مليو. ۽ اُن کان خرقہ خلافت حاصل ڪيو. سلطان فيروز تغلق بہ معتقد هو. پاڻ جنهن بہ بزرگ سان مليا قرب ونڊيو ۽ ان کان ئي فيض حاصل ڪيو.

پاڻ فرمايائون تہ:

"اولياءَ الله ڪنهن ماڻهن يا ڪنهن شيءِ کان نہ ڊڄندا آهن. بس حق تعاليٰ کان."

حضرت سيد جلال الدين بخاري رح هڪ دفعي پاڻ نماز پڙهي رهيا هئا تہ سندس ننڍو پٽ جنهن جي عمر چار سال هئي سندس جي مصلي تي ڪيڏي رهيو هو. پاڻ نماز کان فارغ ٿيا. ۽ سيد شمس الدين کي چيو تہ." اِن ننڍڙي جو زنده رهڻ مشڪل نظر اچي ٿو" ظهر جي وقت اُن ننڍڙي کي بخار آيو. ۽ اُنهي رات وفات ڪري ويو.

پاڻ ڪجهہ عرصو بيمار بہ رهيا ۽ 10 ذوالحج 788 هجري بمطابق 2 فيبروري 1387 ع تي وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهہ اُچ شريف ۾ آهي.

( جڏهن تہ اسلامي شاهڪار رانسڪائيڊپا سيد قاسم محمود ص : 1441) تي جنم 14 شعبان 707 ھ / 19 جنوري 1308 ع ۽ وفات : 758 ھ _ 1384 ع) ڄاڻايو آهي.

**حوالا:**

1. تذڪره اولياءَ پاڪ و هند:ڊاڪٽر ظهور الحسن شارب
2. اسلام شاهڪار انسائيڪلوپيڊيا: سيد قاسم محمود
3. جوهر تقويم:ضياءَ الدين لاهوري

## "حضرت سيد محمد گيسو دراز رحمتہ الله عليہ"

(721 ھ _ 825 ھ)

حضرت سيد محمد گيسو دراز حسيني سيد آهن. ۽ نسبي سلسلو حضرت امام زين العابدين سان ملي ٿو. سندس پيدائش 4 رجب 721 هجري مطابق 30 جولاءِ 1321 ع ۾ سيد يوسف حسيني (دهلي) جي گهر ۾ ٿي. والده ماجده( ملڪ الامراءَ) سيد ابراهيم مستوفي گورنر (دولت آباد) جي ڌيءُ هئي. سندس وڏي پاءُ جو نالو سيد حسن هو. (تذڪره اوليا پاڪ و هند، ڊاڪٽر ظهور الحسن شارب ص 132، 133، 134، 135 )



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

حضرت سيد محمد گيسو دراز جو اصل نالو "محمد" ڪنيت "ابو الفتح" لقب صدرالدين "ولي الاڪبر" "الصادق" ۽ "خواجہ بنده نواز گيسو دراز" جهڙن لقبن سان مشهور هئا. پاڻ پيرو مرشد حضرت نصير الدين محمود (دهلي) جي صحبت مان گهڻو ڪجهہ پرايو، جومُرشد: ادب ، عشق و محبت ۽ عقيدت جاڳڻ سمايل ڏسندي ڏاڍا خوش ٿيا. ۽ هڪ شعر چئي "گيسو دراز" جي لقب سان نوازيو. جو اڄ تائين گيسو دراز" نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. مُرشد پاران ساراهہ ۾ چيل بيت:

هرکہ مريد سيد گيسو دراز شد،

والله خلاف نيست کہ اور عشق باز شد.

پاڻ اِن شعر ڪان پوءِ "گيسو دراز" نالي سان مشهور ٿيا. حضرت خواجہ نظام الدين اولياءَ ( رحمتہ الله عليہ) ڪان بيعت ورتي. ۽ حضرت نصير الدين محمود چراغ دهلوي ڪان روحاني فيض سان مالا مال ٿيا. پهريان "سيد راجہ" سڏائيندا هئا. ۽ انهي وجہ ڪان "دکن شهر" ۾ "راجو قتال" جي نالي سان شهرت ماڻي.

2 رمضان 728 هجري ۾ سندس والد صاحب دهلي ڪان اهل و عيال سميت "دولت آباد" طرف روانا ٿيا. ۽ 7 رمضان 729 هجري ۾ (دولت آباد پهتا. ٻن سالن بعد والد صاحب 5 شوال 731 هجري بمطابق 12 جولاءِ 1331 ع ۾ وفات ڪئي. سندس والده ماجده ڪجهہ سال ( دولت آباد) ۾ رهڻ بعد پنهنجي پاءُ ( گوهر دولت آباد)سيد ابراهيم مستوفي سان ڪجهہ اختلافن سبب دولت آباد کي خيرآباد چئي. " خلد آباد" ۾ اچي رهيا. ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ خلد آباد ڪان دهلي رهڻ کي وڌيڪ بهتر سمجهيو.

حضرت سيد گيسو دراز شروعاتي تعليم پنهنجي والد صاحب ۽ نانا سائين جي سر پرستي هيٺ حاصل ڪئي. قرآن شريف حفظ ڪرڻ بعد. ۽ خلد آباد ۾ رهڻ دوران "علم ظاهري" جي شروعات ڪئي. جڏهن پاڻ "دهلي" واپس آيا. تہ "علم ظاهري" ۾ سُٺي مهارت حاصل ڪري چڪا هئا. سندس تعليم جي ميدان ۾ مولانا شرف الدين ڪٿيلي، مولانا تاج الدين بهادر ۽ قاضي عبدالمقتدر جهڙن شفيق استادن جو مٿان سايو رهيو. پاڻ ڪافي ڪتابن جو مطالعو ڪيو. ۽ " علم ظاهري" جا سڀ سبق (اوڻويهہ سال) جي عرصي ۾ سڪي پورا ڪيا.

مرشد حضرت نصير الدين چراغ دهلوي جهڙي پلاري بزرگ ڪان 16 رجب 736 هجري مطابق 2 مارچ 1336ع تي " دست بيعت" سان سرفراز ٿيا. ۽ ڪجهہ عرصي بعد خرقہ خلافت سان نوازيو ويو. اُن وقت عمر



شهنشاهہ لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو

15 سال هئي.

حضرت گيسو دراز رحمتہ الله عليہ. 7 ربيع الثاني 801 هجري 17 ڊسمبر 1398ع دهلي مان هميشہ لاءِ موڪلائي ڪري اچي "گواليار" پهتا. گواليار ۾ ڪجهہ عرصو مولانا علاو الدين جي صحبت ۾ گذاريو. پوءِ " پانڊير" "چنديري" ۾ ڪجهہ وقت رهڻ بعد. " ٻڙودا" "سلطان پور" ڪان سير سفر ڪندي. " خلد آباد" جي ڌرتي کي تاحيات رهڻ جو پڪو پهہ ڪيو. اهل و عيال سميت (خلد آباد) اچي رهيا.

والده ماجده جي اصرار تي مولانا سيد احمد بن مولانا جمال الدين مغربي جي نيڪ نياڻي ( رضا خاتون) سان شادي ڪئي. اُن وقت سندس عمر چاليهہ سال هئي. سندس 2 پٽن ۽ ٽن نياڻين جي اولاد ٿي. سيد حسين عرف سيد محمد اڪبر حياتي ۾ ئي وفات ڪئي. ٻيون نمبر پٽ حضرت محمد يوسف عرف سيد محمد اصغر هڪ درويش ڪامل بزرگ هو. ۽ نياڻين ۾ بي بي فاطمہ عرف ستي بيگم، بي بي بتول، بي بي اُم الدين نياڻيون هُيون.

حضرت سيد محمد گيسو دراز "گلبرگہ" ۾ تفسير و حديث جا سبق ڏنا. پاڻ بلندي پايي جو مصنف هو. سندس ڪتابن جو تعداد (105) ملي ٿو.

ڪتاب "الاسماءَ" مشهور تصنيف آهي. ترجمہ عوراف (فارسي) تفسير القرآن ( ملنتفط) قرآن شريف جي پهريان پنجن سيپارن جو" تفسير" . شرح مشارق الانوار، شرح تعرف شرح آداب المريدين ( عربي) (فارسي) "خاتم شرح فصوص الحقم" اسماءَ الاسرار، صدائق الانس، شرح فقہ اڪبر، شرح الهامات حضرت غوث العظم وغيره مشهور ڪتاب آهن.

پاڻ هڪ بلند پايي جا شاعر بہ هئا. شاعري ۾ "محمد" تخلص رکيائون. غزل ۽ رباعي تي تمام گهڻي مهارت هئي.

"شاعري"

ترا حسن است از انداز بيرون ، مرا اندوه غم هر روز افزون،

"سندس چيل قول ۾ تہ:"

1. ترڪ دنيا ڪان بهتر ڪا بہ نيڪي نہ آهي.

2. هر شيءَ ۾ هڪ آفت هوندي آهي. عشق جون 12 آفتون آهن. هڪ ابتدا ۽ بي انتها.

پاڻ فرمايائون تہ :

جمع جي رات چار رڪعتون پڙهو. پهرين رڪعت ۾ سورتہ فاتحہ ڪان پوءِ 101 دفعا لآَ اِلاَ اِلا انت سبحانڪ اني ڪُنت مِن الظالمين. في سجينا و نجيناه من اللغم و ڪذالڪ نجي المومنين.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٻي رڪعت ۾ سورت ڪان بعد 101 دفعا رب اني مسني الضروانت ارحم الراحمين.

ٽي رڪعت ۾ سورت فاتحہ ڪان بعد 101 دفعا:

افوض امري الي الله اِن لله بصير بالعباد.

چوٿي رڪعت ۾ سورت فاتحہ بعد 101 دفعا

حسبي الله و نعم الوڪيل نعم المولیٰ ونعم النصير.

**پڙهي سلام بعد:**

”رب اني مغلوب فانتصر“ سو دفعا پڙهي. پوءِ شڪارو دل تي ڏجي. ۽ سر جهڪائي قبلي طرف سڄي پاسي ۽ ڪاٻي پاسي شڪارو ڏيئي. مالڪ مهربان جي ذڪر ۾ رهجي.

حضرت سيد محمد گيسو دراز رحمتہ الله عليہ 16 ذي القعد 825 هجري پهرين نومبر 1422ع ۾ رحلت فرمائي. سندس آخري آرام گاهہ (گلبرگہ) ۾ آهي.

**حوالا:**

1. تذڪره اولياءِ پاڪ وهند: ڊاڪٽر ظهور الحسن شارب
2. اسلامي شاهڪار انسائيڪلوپيڊيا: سيد قاسم محمود
3. جوهر تقويم: ضياءُ الدين لاهوري.

## ”سنڌي ٻولي جو پهريون شاعر“
## ”قاضي قاضن“

(870هہ ــ 958هہ)

سنڌي ٻولي جو پهريون شاعر: قاضي قاضن جو جنم 870 هجري مطابق 1446ع ڌاري ”بکر“ شهر ۾ قاضي ابو سعيد بن زين الدين بکري جي گهر ۾ ٿيو. سندس تربيت علمي گهراڻي ۾ ٿي. جنهن ۾ مُلا شيخ، مخدوم، قاضي ۽ وڏا وڏا عُلماءِ دين پيدا ٿيا. جام ننڍي جي دور ۾ تعليم ۽ تربيت سندس والد بزرگوار جي زير سايہ ٿي. پاڻ پنهنجي جيئري ئي عالمن، عارفن، بزرگن ۽ وقت جي بادشاهن وٽ بہ عزت ۽ مرتبو ماڻيو. ۽ گهڻو ئي بزرگن جي صحبت ۾ گذاريو.

قاضي قاضن ڪافي هنڌن تي وڃي علم حاصل ڪيو. سندس قرآن پاڪ پورو ياد هو. علم حديث ۽ علم تفسير ۾ وڏو دخل هو. شروعاتي تعليم پنهنجي والد صاحب ڪان بکر ۽ سيوهڻ مان حاصل ڪئي. سيوهڻ شهر ۾ والد صاحب جو مدرسو پڻ هو.





فارغ التحصيل ٿيڻ ڪان پوءِ پاڻ درس و تدريس جو سلسلو شروع ڪيو. ڪيترن ئي شاگردن ڪائنس علمي فيض پرايو. سندس شاگردن مان ڪيترائي ناليوارا عالم ٿيا. جن سندس نالي کي قائم رکيو. پاڻ نہ صرف پنهنجي وقت جو جيد عالم هو. پر علماءِ ڪرام جي صف جو سر موڙ هو.

هيرو ٺڪر راءِ ڏيندي لکي ٿو. تہ ” سندس سوچ، محاوري، محاڪات ۽ عبارت ڪان ڪائنس پوءِ وارا ڪيترا ئي شاعر متاثر رهيا. جن ۾ شاهہ ڪريم ۽ شهنشاهہ لطيف جهڙا عظيم شاعر بہ متاثر رهيا. قاضي قادن جو ڪلام ” تصوف جي اصولن، اُن جي باريڪ نقطن، رمزن ۽ رازن سان ڀريل آهي. روحاني راهہ تي هلندڙن لاءِ هن جو ڪلام مشعل راهہ سمان آهي.“ هيرو ٺڪر وڌيڪ راءِ ڏيندي لکي ٿو. تہ

” قاضي قادن جي شروع ڪيل موضوعن تي شاهہ عنايت ۽ شاهہ لطيف سڄا سُر لکيا.“ ۽ دادو ديال جي ڪلام تي قاضي قادن جو وڏو اثر آهي“.

تاريخ معصومي ۾ آهي تہ: ”قاضي زهد ۽ پرهيزگاري سان سينگاريل هو. ۽ ”وحدت والوجود“ جو قائل هو. هن همہ اوست جو پرچار ڪيو آهي.

ڪريم بخش خالد راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ ” مُرشد لاءِ جوڳي جولفظ سڀ کان پهرين قاضي قادن استعمال ڪيو. ۽ ٻئي هنڌ لکي ٿو تہ ” دنيا جي علم ۽ معلومات کي واڳو سان مشابهت ڏيڻ سندس خيال جي نزاڪت ظاهر ڪري ٿو.“ اهل سنڌ تسليم ڪن ٿا. تہ قاضي قاضن وڏي پايي پايي جو شاعر هو. ظاهري ۽ باطني علمن سان مالا مال هو. طريقت، معرفت ۽ حقيقت جو مسافر هو.

اسان جو عظيم شاعر شهنشاهہ لطيف بہ قاضي قاضن جي رنگ ۾ رڱيل آهي هن قاضي قاضن جا محاورا ۽ چوٽيون ڪثرت سان علي اعلان استعمال ڪيا آهن

قاضي قاضن ظاهر ۽ باطني علمن جي مطالعي بعد فرمائي ٿو تہ

مُون مطالعي سپرين، لوڪان نحو صرف،
سوئي پڙهيو، سو پڙهان، سوئي سو حرف.

وصل جا ورق پڙهندي قاضي قاضن جي تصور کي شهنشاهہ لطيف هن طرح بيان ڪيو آهي.

ڪيو مطالعو مون، هو جو ورق وصال جو،
تنهن ۾ تون هي تون، ٻي لات نہ لحظي جيتري

قاضي صاحب کي جڏهن ظاهري استادن ٻڌايو تہ ” محشر جي ڏينهن ستر سج تپندا. گرمي جي شدت وڏي ويندي. تہ چيائين تہ جي اُن ڏينهن بہ پرين ملن تہ آئون سمجهندس تہ اهو سڀ ڪجهہ جهڙ لڳو پيو آهي“.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944
Gul Hayat Institute

## ”سنڌ جي تاريخ تي هڪ نظر“

ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو. ڄام سنجز جي وفات ڪان پوءِ باد شاهہ جي گادي تي ويٺو. تخت نشين ٿيڻ سان وڏو لشڪر وٺي بکر ۾ آيو. ۽ هڪ سال رهي ڦورن جو پاڙون پٽي پٽي هر قسم جو ذخيرو وڏي انداز ۾ بکر ۾ رکيائين.

شاهہ بيگ ارغون جي دور ۾ بکر جي علائقي جي ماڻهن بغاوت ۽ فساد شروع ڪيو. مير فاضل ڪوڪلتاش 47 ڏاريجن ڪي وٺي آيو. جيڪي اُن علائقي جا مکيہ ۽ طاقتور زميندار هئا. شاهہ بيگ ارغون ڪي گوش گذار ڪيو. شاهہ بيگ قاضي قاضن ڏانهن نهاريو، تہ قاضي قاضن چيو تہ: ”هي ملڪ سيلابي آهي. هن زمين ۾ ڪنڊا گهٽا ڄمندا آهن. تنهن ڪري چنجور (واهولو) هميشہ هٿ ۾ رکڻ گهرجي“ صلاح مشورو ڪرڻ بعد چند ڇاڻ ڪري (27) ماڻهن کي قتل ڪيو ويو. جيڪي ڏوهن ۾ ملوث هئا ۽ 20 ماڻهن کي آزاد ڪيو ويو. ( تاريخ معصومي ص: (130). شاهہ بيگ ارغون ٻہ دفعا سنڌ تي حملا ڪيا. ڄام فيروز جي چوڻ تي پيهر حملو ڪيو. جنهن جي مدد لاءِ پيهر شاهہ بيگ ارغون سنڌ جو رخ ڪيو. ۽ ٺٽي شهر کي فتح ڪرڻ لاءِ قدم وڌايا.

ماڻهن مزاحمت ڪئي. تہ قتل عام شروع ڪيائين. اُن دوران قاضي قاضن شاهہ بيگ ڏانهن درد ڀريو خط موڪليو.جنهن ڪري شاهہ بيگ قتل عام بند ڪرڻ جو حڪم ڪيو. نہ فقط قاضي قاضن جي خط لکڻ تي. هن جي گهراڻي کي بہ باعزت بري ڪيائين پر ظلم جي باهہ بند ڪرڻ ۽ وسائڻ جو بہ حُڪم ڪيائين.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ : قاضي قاضن جي فيصلن ۽ راين بابت راءِ ڏيندي چئي ٿو تہ:

”قاضي قادن ملڪ ۾ امن امان ۽ صلح جو خواهان هُيو. ۽ انهي سلسلي ۾ پنهنجي راءِ ڪفايت ديانت داري سان ڏنائين.“

**حوالا:**


1. ( قاضي قادن جو ڪلام : هيرو ٺڪر . مئي 1997 : سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد سنڌ)
2. اسلامي شاهڪار انسائيہ ڪلو پيڊيا: سيد قاسم محمود: ص : 1296)
3. تاريخ معصومي: مير معصوم بکري.
4. جوهر تقويم : ضياءُالدين لاهوري: اپريل 2004).








## ”حضرت شيخ سليم چشتي رحمتہ اللہ عليہ“

(884 هہ _ 979 هہ)

حضرت شيخ سليم چشتي رحمتہ اللہ عليہ جو جنم: دهلي ۾ محلہ: ”علاوالدين زندهہ پير“ ۾ ٻهاوالدين جي گهر ۾ 884 هجري مطابق 1479ع ۾ ٿيو. سندس والده ماجده جو نالو بي بي احد ۽ شيخ موسيٰ وڏو ڀاءُ هو.

حضرت شيخ سليم چشتي رح جو نسب سلسلو: شيخ سليم بن ٻهاوالدين بن شيخ سلطان بن شيخ آدم بن شيخ موسيٰ بن شيخ مودود بن شيخ بدر الدين بن شيخ فريدالدين مسعود گنج شڪر رحمتہ اللہ عليہ سان ملي ٿو.

سندس وڏا اجوڌن ڪان هجرت ڪري لڌيانہ ۾ آيا. ڪجهہ عرصو رهڻ بعد دهلي ۾ سڪونت اختيار ڪئي. پوءِ والد صاحب دهلي ڪان هجرت ڪري ”فتح پور سيڪري“ ۾ اچي رهائش پذير ٿيا. شيخ سليم چشتي رح کي عرب ۾ ماڻهو ”شيخ الهند“ جي لقب سان ياد ڪندا آهن. پاڻ ننڍي هوندي ڪان ئي اللہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ سجدو ڪيو ۽ سندس پيشاني تي ساري جو داڻو (چانور) چُنبجي ويو. جو اهو نشان ڪافي عمر تائين رهيو. ۽ ڪافي تڪيلف بہ برداشت ڪرڻي پئي. پاڻ اُن کي ڪڍڻ جي ڪوشش بہ ڪيائون پر دل ۾ خيال آيو تہ ماڻهو ڪلون ڪندا. ننڍي هوندي ئي والد صاحب هن جهان مان موڪلاڻي ڪئي. پوءِ سندس نظرداري وڏي ڀاءُ شيخ موسيٰ ڪئي.

پاڻ پنهنجي وڏي ڀاءُ ڪان سفر تي نڪرڻ لاءِ اجازت گُهري. مگر وڏي ڀاءُ اولاد نہ هوندي اجازت نہ ڏني. ڇو تہ سندس کي پٽ جي اولاد نہ هئي. پاڻ پنهنجي وڏي ڀاءُ کي چيو تہ نا اُميد نہ ٿيو. پٽ ڄمندو. (9) مهينن بعد وڏي ڀاءُ کي پٽ ڄائو پوءِ پاڻ وڏي ڀاءُ ڪان موڪلائي سفر تي روانا ٿيا.

فتح سيڪري جا وڻ ڇڏي. سر هند شهر جو رخ ڪيو. جتي (ملڪ العلماءُ) شيخ مجدد الدين جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ۽ ڪافي عرصو رهيو. جتان ”علم ظاهري“ حاصل ڪيو. اِن رهڻ دوران ”قصبہ بدالي“ بہ وڃڻ ٿيندو هو. جو حضرت شيخ زين العابدين چشتي رح جهڙي ڀلاري بزرگ جي مزارون تي دِلي سڪون ميسر ٿيندو هو.

931 هجري مطابق 1525ع ۾ (حرمين شريف) جي زيارت نصيب ٿي. ڪجهہ عرصو (مڪي شريف) ۾ رهيا. ۽ مديني شريف ۾ بہ رهڻ جو شرف حاصل ٿيو.

عرب، عجم، خراسان، بصرا ۽ شام جو سير سفر زندگي جو حصو رهيا.عرب ڪان سير سفر ڪندي. هندستان واپس آيا. ۽ ”فتح پور سڪري“ ۾عبادت ۽ رياضت ۾ وقت گُذرڻ لڳو. باغ لڳرايائون. ڪوهہ ڪوٺايائون. ۽







Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

خانقاھ بہ تيار ڪرائي ويئي. سير سفر ۾ ڪافي بزرگن سان ڪچھريون نصيب ٿيون. اُنھن درويشن ۽ بزرگن ڪافي فيض حاصل ڪيو. حضرت شيخ ابراھيم چشتي رحمتہ الله عليہ جي ھٿ تي بيعت ڪئي. ۽ خرقہ خلافت حاصل ٿيو.

962 ھجري 1555 ع ۾ ”بيت الله“ جو سندن شرف حاصل ٿيو. ۽ سير سفر ڪندي 976 ھجري بمطابق 1568 ع وطن واپس آيا. پھرين سفر دوران واپسي بعد شادي جھڙي نعمت نصيب ٿي. ۽ ٽن پٽن جي اولاد عطا ٿي. جن ۾ شيخ بدر الدين شيخ قطب الدين ۽ شيخ تاج الدين، شيخ تاج الدين اڍائي سال جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. شيخ بدرالدين سندس جي وفات بعد گادي نشين مقرر ٿيو. ۽ قطب الدين شھنشاھ جھانگير جي عھد ۾ ھڪ وڏي عھدي تي فائز رھيو.

پاڻ ھڪ دفعي حجري کان مسجد طرف وڃي رھيا ھئا تہ ھڪ فقير اُن ٽائيم سمھي رھيو ھو. پاڻ اُن کي اُٿاريائون ۽ فرمايائون تہ: ”فقيرن کي ڪنھن سان وڙھڻ نہ گھرجي“ اِھو ٻڌي فقير شرمنده ٿيڻ لڳو. ۽ چيائين ”تہ واقعي خواب ۾ آئون وڙھي رھيو ھوس.“

پاڻ ”فتح پور سيڪري“ ۾ رھندي ئي ماڻھن کي ” شاھي عمارات“ تيار ٿيڻ کان (15) سال پھريائين چيو ھو تہ پنھنجا مڪان ڪشادا ۽ ويڪرا ٺھرايو. جو ڪو وقت ايندو جو جڳہ ٺھرائڻ مشڪل ٿي ويندي.

حضرت شيخ سليم چشتي رحمتہ الله عليہ (95) سالن جي عمر ۾ 29 رمضان المبارڪ 979 ھجري بمطابق : 14 فيبروري 1572 ع ۾ وفات ڪئي. سندس آخري آرام گاھ ”فتح پور سيڪري“ ۾ آھي جتي آرامي آھن.

پاڻ ٿڌي پاڻي سان روزانو غسل ڪندا ھئا. ڀل ڪيتري بہ سردي ھجي. ۽ فرمايائون تہ:

”درويشن جي ھڏين ۾ عشق الاھي جا بيشمار سوراخ آھن.“

**حوالا:**

1. تذڪره اولياءِ پارڪ وھند: ڊاڪٽر ظھور الحسن شارب
2. جوھر تقويم: ضياءَ الدين لاھوري 2004ع

## ”حضرت مخدوم نوح سرور ھالائي“

(911 ھـ_ 998ھ)

مخدوم نعمت الله صديقي ھالائي جي فرزند مخدوم نوح سرور سائين جي ولادت با سعادت 27 رمضان المبارڪ 911 ھجري مطابق 21 فيبروري



www.sindhsalamat.com



1506 ع ۾ ٿي. پيدائش سمن بادشاھ جي سونھري دور ۾ ٿي. پاڻ ستن ڏينھن جا ٿيا. تہ آذان ٻڌڻ شرط ڪلمہ شھادت پڙھيائون. جنھن کي ڪافي ماڻھن ٻڌو. قرآن پاڪ جي تعليم مخدوم عربي دياڻي جي مدرسي ۾ پڙھندي ھڪ ڏينھن غسل ڪندي ڪشف واري حالت ۾ سھڻي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم ۽ حضرت علي سائين رضي الله تعاليٰ عنہ جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو. ۽ ڦرھي تي سھڻي سردار صلي الله عليہ وآلہ وسلم ڪجھ سٽون لکي ڏنس. ۽ ڪيس سبق ڏنائين جنھن کان پوءِ سمورا علوم مٿس کلي پيا. ۽ انھي ڏينھن لا الا الاالله جي ذڪر جي تلقين ڏيڻ جي اجازت بہ ملين.

انھي دور ۾ ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو (914 ھجري، 1508 ع) ۾ وفات ڪئي. ۽ سونھاري سنڌ تي ڌارين جي ڪاھہ شروع ٿي ويئي. شاھ بيگ ارغون 1521 ع _ 927 ھجري ۾ ڄام فيروز سمي کي شڪست ڏيئي ارغون جو جھنڊو ھن سرزمين تي بلند ڪيو. ارغون جي دور ۾ ھمايون بادشاھ شير شاھ کان شڪست کائي سنڌ ۾ 1540 ع _ 947 ھجري ۾ سنڌ ۾ آيو.

950 ھجري 1543 ع تائين شاھ حسن ارغون ۽ ھمايون جي وچ ۾ ڪشمڪش ھلندي رھي. اجان سنڌ پاڻ سنڀاليو ئي مس تہ شاھ حسن ارغون کان پوءِ عيسيٰ ترخان ۽ محمود بکري درميان خونريز جنگيون شروع ٿيون مخدوم نوح سرور ڄام نظام الدين سمي کان وٺي. ارغون ۽ تر خان جا دور بہ ڏٺا. سندس ڄمڻ واري دور ۾ سنڌ ۾ ”مھدوي تحريڪ“ ۾ ”بلاولي تحريڪ“ جو زور ھو.

مخدوم صاحب کان جڏھن ڪو بہ سوال پڇيو ويندو ھو تہ پاڻ علمي نموني ۾ اھڙو تہ جواب ڏيندا ھئا. جو وڏا علماءَ حيران رھجي ويندا ھئا. ھڪ دفعي ٺٽي شھر ۾ علماءَ ۽ طالبن کي قرآن پاڪ جي ھڪ آيت جون ايتريون تہ معنائون فرمايائون جو سڀ حيران ٿي ويا. ۽ ڏسندي ڏسندي عجب ۾ پئجي ويا. پاڻ 36 تفسيرن جا نالا وٺندي فرمايائون تہ فلاڻي تفسير ۾ ھن ريت ۽ فلاڻي ۾ ھن ريت آھي. جن مان عالمن کي سمجھيون کي نہ سمجھيون. آخر ڪار، عالمن ۽ طالبن عرض ڪيو تہ ” اسان جي حق ۾ دعا گھرو.“ پاڻ فرمايائون تہ ”آءُ الحمد پڙھان ٿو، آوھان آمين چوندا وڃو.“ جڏھن الحمد پوري ڪيائون تہ حاضر مجلس آمين چوندڙ ولايت جي درجي کي رسيا.

پاڻ مريدن ۽ متعقدن جي ھدايت لاءِ بيت چوندي فرمايو تہ

ماڪ نہ پاڻيو ماڙ ھئان. پيئي جا پرڀات،
روئي چڙھي رات، ڏسي ڏکوين کي.



www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مخدو صاحب جي والد مخدوم نعمت الله صديقي جا بہ ڪيترائي معتقد ۽ مريد هئا. سندس فرزند مخدوم نوح جي ولادت با سعادت جون پيشگوئيون بہ ڪيترن درويشن جي واتان ٻڌي چڪو هو.

مخدوم نوح پنهنجي آخري بيماري واري وقت ۾ پڻ ڪن رفيقن ۽ پيارن جي جُدائي محسوس ڪندي فرمايائون تہ.

نہ سي جوڳي جوءِ ۾ ، نہ ساسُڪي چاٽَ
ڪاپڙين ڪنوات، وڏيءَ ويل پلاٽيا.

مخدوم نوح سرور رح جهڙي ڀلاري بزرگ 27 ذوالقعد 998 هجري مطابق 27 سيپٽمبر 1590 ع ۾ مالڪ حقيقي جي بارگاهہ وڃي ابدي آرامي ٿيا. مخدوم صاحب چار شاديون ڪيون. جن مان ٻارهن فرزند ۽ نياٽين جي اولاد ٿي. جن ۾ 1 ِميان امين محمد 2 ميان حامد 3 ميان نور محمد 4 ميان احمد راهو 5 ميان دائود 6 ميان موسيٰ 7 ميان هارون 8 ميان يوسف 9 ميان آدم 10 ميان ميران محمد 11 ميان ابراهيم ۽ 12 ميان جلال الدين چوٿين گهرواري مان ڪوبہ اولاد نہ ٿيو مخدوم صاحب جي آخري آرام گاهہ (هالا شهر) ۾ آهي.

**حوالا:ـ**

1 (مخدوم نوح سرور رح جا سهيوڳي: پروفيسر محبوب علي چنا)
2 ( شاهہ عبد اللطيف ڀٽائي جي دور ۾ تصوف جا سلسلا : ڊاڪٽر عابد مظهر)
3 حديقتہ الاولياءَ: سيد عبدالقادر ٺٽوي.
4 جوهر تقوم: ضياءُ الدين لاهوري.

## شاهہ خير الدين عرف جيئي شاهہ سکر وارو

(911 هہ ـ 1027 هہ)

غوث العظم شيخ عبدالقادر جيلاني رحمتہ الله عليہ جي ٻارهين پيڙهي مان سيد خير الله عرف خير الدين شاهہ جو جنم 911 هجري بمطابق 6ـ 1505 ع ۾ بغداد شريف ۾ ٿيو. والد صاحب جو اسم گرامي سيد احمد بغدادي آهي.

سيد خير الدين شاہ المعروف ( جيئي شاهہ) بغداد کان مڪي شريف راهي ٿيا. 41 سالن جي عمر ۾ 14 سال حرمين شريف ۾ تحصيل علم ۾ مصروف رهيا. فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ باب اسلام سنڌ جي شهر ”هالا“ ۾ مخدوم نوح صديقي رحمتہ الله عليہ جي صحبت مان. ۽ مخدوم صاحبن جي خليفي عالم ۽ عارف حضرت شاهہ عبدالڪريم بُلڙائي کان فيض ياب ٿي.



www.sindhsalamat.com



خرقو خلافت ڏکي سکر جي سُهڻي سرزمين ۾ اچي قدم رکيا.

شاهہ خيرالدين پُراڻي سکر ۾ هڪ ٽڪري تي پنهنجي جاءِ جوڙي عبادت ۾ مصروف رهيا. اها ساڳئي ٽڪري آهي. جنهن تي سول سرجن سکر جو بنگلو آهي. مير محمد معصوم شاهہ جو پوٽو مير زڪريا. سڏو فقير ۽ جمال الدين هن ڀلاري بزرگ جي خدمت ڪرڻ لڳا. ۽ ڪائنس فيض حاصل ڪيائون.

خداد خان پٺاڻ جي ڪتاب ”لب تاريخ سنڌ“ ۾ هڪ روايت موجب. تہ سندس دور ۾ ڪو درويش وٽس ايندو ويندو هو. هڪ سال هو نہ اچي سگهيو. تہ شاهہ خير الدين پڇا ڪئي. تہ معلوم ٿيو تہ دريا خوردي سبب درويش جي خانقاهہ واري ۾ دججي ويئي آهي. اهو ٻُڌي پاڻ گهوڙي تي چڙهيو. ۽ اُن ماڳ تي آيو. جڏهن مٽان وريل واري ۽ مٽي اُٿلايائون. تہ درويش واري ڪوٺڙي جو نشان مليو. دروازو کوليائون. تہ سبحان الله درويش صحيح سلامت سجدي ۾ ڏٺائون. جنهن تي شاهہ خيرالدين ڪيس مخاطب ٿيندي چيو تہ:

” نہ تون ڪعبو نہ تون قبلو،
رهين ٿو منجهہ سجود،
ويساري پاڻ کي، ملين ساڻ دريا،
اهو ٻڌي هُن درويش جواب ڏنو تہ:
ڪوهہ ڪندو تن، قبلو جن سڄاتو سلطان،
پرين اسين پاڻ، سجدو ڪريون ڪنهن کي.

پاڻ 85 سالن جي عمر تائين گهوڙي تي سواري ڪئي. اهڙي ريت زندگي جون 115 بهارون ڏٺيون. ۽ سومر 27 رمضان المبارڪ سن 1027 هجري 7 سيپٽمبر 1618 ع ۾ جهان مان موڪلاڻي ڪئي. سندس وفات جي تاريخ ڪنهن شاعر هيٺين ريت فرمائي آهي.

شاهہ خيرالدين پہ ۾ برج شرف
مقبل درگاهہ ايزد سرمدي
سال تاريخ وصالش عقل گفت
مرشد ڪامل طريق احمدي ــــــ 1027 هہ

شاهہ خيرالدين المعروف (جيئي شاهہ). بنا اولاد جي لاڏاڻو ڪيو. جنهن ڪري سندس گادي تي سڏ و فقير ويٺو. پوءِ ان جو فرزند درويش يحيٰ مسند جو مالڪ ٿيو. انهي ٻنهي درويشن جا حضرت مخدوم نوح جي جماعت ۽ فرزندن سان گهاٽا تعلقات رهيا.



www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هن وقت درگاهہ جا مجاور پيرزادا. مٿيئن درويش جو اولاد ڇيا وڃن ٿا. جن جي درگاهہ حوالي آهي. ۽ سنڀال ڪن ٿا.

1174 هجري 1760 ع ۾ ميان غلام محمد مجاور هڪ عاليشان مقبري مٿان گنبذ تيار ڪرايو. شاهہ خيرالدين درويش جڏهن بغداد کان سکر جي سرزمين تي قدم رکيا. تہ هن خطي کي پنهنجو اصلي وطن ٺاهي. پيار ۽ محبت ۽ پنهنجي علم جي رستي عوام جي دلين ۾ ائين سمائجي ويو. جو انهي بزرگ جي سچائي، پيار ۽ خلوص ڏسي ماڻهن مٿان نالو ئي (جيئي شاهہ) رکي ڇڏيو. جو اڄ تائين پراڻي سکر ۾ موجود درگاهہ (جيئي شاهہ) جي نالي سان سُڃاتي وڃي ٿي.

نہ ڪعبو، نہ تون قبلو، نہ رهيو سجود،
جنهن وڃايو وجود، تهلاءِ سائر ڳڏ ٿي.
(شاهہ خير الدين)

**حوالا:**

1. تذڪره مشاهير سنڌ: مولانا دين محمد وفائي (جلد II، IIIص:53، 54، 55)
2. ڳالهيون منهنجي سنڌ جون: شوڪت خواجائي
3. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي شخصيتون ۽ درسگاهون: غلام شبير پيراهين :ص:60)
4. جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري 2004ع

## "حضرت ميان مير رحمتہ الله عليہ"

(938 هہ ـ 1045 هہ)

حضرت ميان مير ؒ جي ولادت با سعادت سيوستان (سيوهڻ) ۾ قاضي سائين ڏتي جي گهر ۾ 938 هجري مطابق: 1532 ع ۾ ٿي. والده ماجده جو نالو "فاطمہ" هو. جيڪا قاضي قاضن جي ڌيءَ هئي. اصل نالو: مير محمد هو. حضرت ميان مير رح جا چار ڀائر هئا: قاضي، قاضي عثمان، قاضي طاهر ۽ قاضي محمد، ۽ سندس ٻہ ڀينرون هيون. جن ۾ بي بي جمال خاتون، بي بي بادي. پاڻ "ميان مير" "شاهہ مير" "ميان جيو" "بالاپير" جهڙن لقبن سان مشهور هئا.

پاڻ جڏهن ستن سالن جي عمر جا ٿيا تہ والد صاحب هن جهان مان موڪلاڻي ڪئي. پنهنجي والده ماجده کان "علم باطني" جي تعليم شروع





ڪئي. اُن وقت عمر مبارڪ ٻارهن سال هئي. والده کان موڪلائي جهنگلن ۽ بيابانن ۽ باغن ۾ رهڻ شروع ڪيو. سدائين حق تلاش لاءِ بي چين رهندا هئا. ۽ سمورو وقت رياضت ۽ عبادت ڪندي گذرندو هو.

پاڻ حضرت خضر رحمتہ الله عليہ جا مريد ٿيا. ۽ ياد الاهي ۾ گذاريندي خرقہ خلافت سان بہ سرفراز ٿيا. "علم ظاهري" لاءِ لاهور ۾ مولانا سعد الله جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. ڪجهہ عرصو رهڻ بعد مولانا نعمت الله کان "علم" جي ڄاڻ حاصل ڪيائون. سندس اصلي حالات جي ڪنهن کي بہ ڄاڻ نہ هئي. ڇو تہ ڏينهن جو بزرگان دين جي مزارن تي وڃي فيض و برڪت حاصل ڪندو هو. ۽ رات جو باغن، جهنگلن ۽ غير آباد جاين ۾ وڃي عبادت الاهي ۾ مشغول رهندو هو. لاهور اچڻ وقت عمر 25 سال هئي.

لاهور ۾ ڪجهہ عرصو رهڻ بعد "سرهند" وڃڻ جو مناسب سمجهيو. پر پاڻ "سرهند" ۾ بيمار ٿي پيا. اُتي حاجي نعمت الله سرهندي تمام گهڻي خدمت ڪئي. پاڻ انهي خدمت عيوض هڪ هفتي ۾ حاجي نعمت الله سرهندي کي فيض مان وڏي درجي تي پهچائي ڇڏيو. بيماري ۾ ڪشف ذريعي غوث الاعظم ميران محي الدين حضرت عبدالقادر جيلاني رحمتہ الله عليہ جي طرف اچي حاضر ٿيا. جتان پاڻي جو پيالو پيئڻ لاءِ عنائيت ٿيو. جتان تازا توانائي ٿي خدا تعاليٰ جو شڪر ادا ڪيو.

پاڻ "سرهند" ۾ هڪ سال جو عرصو گذارڻ بعد لاهور واپس آيا. ۽ "باغبانون" محلي ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي. ماڻهن کي حق جي راهہ تي هلڻ الله تبارڪ و تعاليٰ جي عبادت، رياضت ۽ تعليم حاصل ڪرڻ جي هدايت ڪيائون. ڪيترائي ماڻهون اچي خدمت ۾ فيض مان فيضاب ٿيا. سندس ڪماليات جا جوهر ڏسي شهنشاهہ جهانگير ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. ۽ هڪ شخص کي روانو ڪري خدمت ۾ موڪليو. تہ آئون لاهور آيو هوس. آوهان لاءِ معلوم ڪيو. پر آوهان لاهور ۾ نہ هئا. جي نہ تہ آئون خود خدمت ۾ حاضر ٿيان ها. پر مهرباني ڪري اسان ڏانهن اچڻ جي عنايت ڪيو.

پاڻ جهانگير جي درخواست منظور ڪئي. ۽ جهانگير تمام گهڻو متاثر ٿيو. ۽ ميان صاحب کي چوڻ لڳو تہ : "سلطلنت ۾ موجود هيرا جواهر منهنجي لاءِ پٿر جي سِر برابر آهن سائين جن مِهر ڪن تہ "دنوي تعلقات" سڀ ختم ڪري ڇڏان."

پاڻ فرمايائون تہ "جهانگير خلق جي خدمت لاءِ هڪ ماڻهو مقرر ڪيو. تہ پوءِ توهان کي مان پاڻ سان گڏ وٺي هلان. ۽ عبادت الاهي ۾ مشغول



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944
Gul Hayat Institute

رهون. شهنشاهہ شاهہ جهان ٻہ دفعہ خدمت ۾ حاضر ٿيو. پاڻ نصيحت ڪندي فرمايائون تہ : ” عادل بادشاهہ کي پنهنجي رعيت ۽ سلطنت جي خبر هجڻ گهرجي. ۽ همت ڪري تمام ولايت کي آباد ڪرڻ ۾ مصروف رهجي .اگر رعيت آسودا هوندي ۽ مُلڪ آباد هوندو تہ سپاهہ آسودا ۽ خزانو پريل هوندو.“

شاهجهان تمام گهڻو متاثر ٿيو. ۽ دستار ۽ ڪجي مان ٺهيل تسبيح خدمت ۾ عرض رکي. پاڻ دستار واپس ڪئي. ۽ تسبيح قبول ڪري ورتي. ۽ بعد ۾ هڪ مُريد کي ڏيئي ڇڏيائون.

حضرت ميان مير رحمتہ الله عليہ: هڪ دفعي وصيت ڪندي فرمايائون تہ مُنهنجي وفات بعد مون کي ڪلراٺي زمين ۾ دفن ڪجو. جو مُنهنجون هڏيون ڪلراٺي زمين ۾ ڳري وينديون.۽ نانءُ نشان بہ نہ بچندو ۽ نہ هي منهنجي قبر تي مقبرو اڏائجو.

صورتي در قبر مرگ ويران خوشتر است،
نيستي مانند من با خاک يکسان خوشتر است،

پاڻ 17 ربيع الاول 1045 هجري بمطابق 21 اگسٽ 1635ع ۾ وفات ڪئي. سندس مزار مبارڪ لاهور لڳ ميان مير ڳوٺ ۾ آهي.وفات وقت عمر مبارڪ 107 سال هئي.

**حوالا:**


1. تذڪره اولياءِ پاڪ و هند: ڊاڪٽر ظهور الحسن شارب
2. اسلامي شاهڪار انسائيڪلوپيڊيا
3. جوهر تقويم:ضياءَ الدين لاهوري


## سيد حيدر شاهہ حقاني ”رضوي“

(915هہ ـ 1039 هہ)

سيد حيدر شاهہ حقاني جي پيدائش سن: 915 هجري بمطابق 1509 ع بکر ۾ ٿي. شروعاتي تعليم بکر مان ئي حاصل ڪئي. وڏڙن سان گڏجي بکر کان روهڙي ۾ آيو. ۽ روهڙي کي آخري مسڪن سمجهي. هميشہ لاءِ هن سر زمين تي رهڻ جو پڪو پهہ ڪيو.

شيخ عبدالباقي صديقي بکري جڏهن استنبول ويو. تہ استنبول ۾ رهڻ دوران سندس شادي بزرگ شيخ نجم الدين جي ڌيءَ سان ٿي. شيخ نجم الدين پنهنجي (ڌيءَ) کي ڪابين ۾ ”وار مبارڪ“ ڏنو هو. شيخ عبدالباقي جڏهن پنهنجي گهرواري سان استنبول کان بکر پهتو. تہ هنن اُن وار مبارڪ





کي ظاهر نہ ڪيو. ڪافي وقت گذرڻ کان پوءِ سيد حيدر شاهہ حقاني کي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن خواب ۾ ارشاد ڪيو تہ ” اسان جو وار مبارڪ آوهان جي شهر جي پر سان بکر ۾ شيخ عبدالباقي صديقي وٽ آهي. اُن کي چئو تہ اُن جي عام زيارت ڪرائي.“ سيد حيدر حقاني پاڻ بکر ۾ وڃي شيخ عبدالباقي سان مليو. ملڻ بعد شيخ عبدالباقي چيو تہ خواب جو سمورو احوال بلڪل صحيح آهي. ۽ وار مبارڪ سندن محفوظ آهي.پر هڪ ٻئي شخص جي شاهدي هئڻ ضروري آهي. انهي ڪري في الحال ”وار مبارڪ“ کي ظاهر نہ ڪندس.

مولوي محمد علي بکري هڪ ٻئي بزرگ جو پڻ ذڪر ڪندي چئي ٿو تہ مخدوم عبدالملڪ در پيلوي حج جي ارادي سان ”حجاز مقدس“ ويل هو. خواب ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو. تہ سنڌ جي شهر بکر ۾ شيخ عبدالباقي صديقي وٽ اسان جو ”وار مبارڪ“ رکيل آهي. وڃي اُن کي ظاهر ڪرايو.مخدوم صاحب حج کان واپس ”بکر“ شهر پهتو. بکر ۾ سيد حيدر حقاني سان خواب وارو سمورو حال احوال ڏنو. پوءِ ٻيئي ڄڻا شيخ عبدالباقيءَ وٽ پهتا. ۽ ڪيس ”وار مبارڪ“ جي ظاهر ڪرڻ لاءِ چيائون. اهو واقعو سن 1545 ع بمطابق 952 هجري جو آهي.

پوءِ اهو ”وار مبارڪ“ ظاهر ڪيو ويو. ۽ سيد حيدر شاهہ حقاني ان ”وار مبارڪ“ جي سهڻي نموني سان سنڀال ڪئي. ۽ اڄ ڏينهن تائين ”وار مبارڪ“ جي زيارت ڪرائي وڃي ٿي.

سيد حيدر شاهہ حقاني کي ”نبوت جي باغ جو ٽڙندڙ گل“ جي نالي سان سڏيو ۽ سڃاتو وڃي ٿو. ۽ ميزبان حسين عليہ السلام“ جي لقب سان بہ ياد ڪيو ويندو آهي. ۽ ڪيس حضرت امام حسين عليہ السلام جي زيارت جو شرف 980 هجري 1572ع ۾ حاصل ٿيو. سندس گڏ پٽ سيد عبدالستار شاهہ ۽ سندس پائيتو سيد ابوالمعالي بن شاهہ عيسيٰ بہ زيارت وقت گڏ هئا. زيارت وقت سيد حيدر شاهہ جي عمر 65 سال هئي.

سيد حيدر شاهہ حقاني جي وفات 21 شعبان المعظم 1039 هجري مطابق. 15 اپريل 1630ع روهڙي ۾ ٿي. ۽ سندس آخري آرام گاهہ بہ روهڙي شهر جي (سيد محلي) ۾ واقع آهي. اُن وقت ۾ ” سائيدي محلي“ طور سڃاتو ويندو هو. مقبري ويجهو ”ڪربلا جو پڙ“ آهي.

پاڻ انهي جڳهہ تي دفن آهن جتي ويهي عبادت ڪندا هئا. مقبري واري ڪمري وچ تي چار مزارون آهن. ۽ چوديواري ٻاهران سيد اُپين شاهہ ۽



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

درگاهہ جي خدمت گار هڪ عورت جي آهي.

سيد حيدر حقاني جي خانداني شجري ۽ روايتن مان معلوم ٿيو تہ سندس هڪ فرزند نالي سيد عبدالستار شاهہ هو. عبدالستار شاهہ 1041هجري مطابق 1631ع ۾ هن جهان مان موڪلاڻي ڪئي. ۽ مزار والد صاحب جي پرسان آهي.

**حوالا:**


1. ڪتاب مقالا ت خانائي: ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي
2. تذڪره مشاهير سنڌ: مولانا دين محمد وفائي
3. جوهر تقويم: ضياءُ الدين لاهوري


## "حضرت شاهہ عبدالڪريم بُلڙي وارو)

(944 هـ _ 1032 /هہ)

سنڌي شاعري جو وهائو تارو حضرت شاهہ عبدالڪريم بلڙي وارو جو جنم 20 شعبان 944 هجري، مطابق، 20 جنوري 1538ع متياري شهر ۾ ٿيو. والد صاحب جو نالو سيد لعل محمد عرف الله هو. سندس وڏا هرات جا وينل هئا. جيڪي هرات مان اچي هالا ڪندي ۾ رهيا. سيد حيدر هالا ڪندي ۾ هڪ سال پنج مهينا رهيو. والد جي وفات جو ٻڌي هرات ويو. ۽ اُتي ئي 3 سال 27 ڏينهن زندگي جا گذاريندي وفات ڪئي.

سنڌ ۾ سيد حيدر کي پٽ جي اولاد ٿي. جنهن جو نالو "مير علي" رکيائون. مير علي کي ٻن پٽن جي اولاد ٿي. سيد شرف الدين ۽ سيد احمد، پير علي محمد راشدي جي بقول تہ حضرت شاهہ عبدالڪريم مير علي هراتي جي نائين پيڙهي مان هو. پاڻ ننڍو ئي هو تہ والد صاحب وفات ڪري ويو. ڇهن سالن جي عمر ۾ مڪتب ۾ قرآن پاڪ جا ٻہ سيپارا پڙهيو. ۽ ننڍي هوندي کان ئي سماع جي محفل ۾ ويندو هو. پاڻ جواني جو گهڻو عرصو مسجد شريف ۾ الله جي عبادت ڪندي گذاريو. اشراق ادا ڪرڻ بعد. گهر ايندا هئا. خاص ڪري ڪاڏي پيتي ۽ رڌ پچاءُ جوڪم بہ گهڻي قدر پاڻ ئي ڪندا هئا. اوليائن ۽ بزرگن جي مزارن تي بہ ويندا هئا.

حضرت شاهہ عبدالڪريم اجا ننڍو ئي هو. تہ پاءُ شادي ڪرائي ڇڏي. پاءُ جي وفات کان پوءِ سڄي ڪُٽنب جي پرورش جو بار بہ سندس سِر تي پيو. ٻني ٻاري جو ڪم ڪار ڪري گذر سفر ڪيائون. مخدوم نوح سندس مرشد هو.





حضرت شاهہ عبدالڪريم کي 8 پٽ ۽ ٽن نياڻين جي اولاد ٿي.

پٽن ۾ : 1 . سيد لعل شاهہ عرف الله شاهہ (سيد للو). هن تي ڏاڏي سائين جو نالو رکيل هو. جو ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويو.

2. سيد عبدالرحيم: هي بہ پنهنجي والد بزرگ جي زندگي ۾ ئي وفات ڪئي.

3. سيد جلال: بيحد حسين هو ۽ عبادت ڪندو. پيءُ جي حياتي ۾ ئي هالن کان اچي رهيو هو. تہ رستي ۾چورن هٿان شهيد ٿي ويو.

4. سيد برهان: عبادت ۾ يگانو ۽ قوت ۾ نهايت سگهارو هو.هي پڻ پيءُ جي حياتي ۾ گُذاري ويو.

5. سيد لل لله مجذوب: راهہ طريقت جو پانڌيڙو ۽ راهہ حقيقت جو واقف هو. اِن جي باري سندس والد جن چوندا هئا. تہ "بيشڪ ڪيس ايمان جي ڪامل صفائي نصيب ٿي آهي." هي پيءُ جي وفات بعد ڪجهہ وقت زنده رهيو.

6. سيد دين محمد: پيءُ وفات وقت هن کي سڏي ولايت جي امانت ڏني پاڻ مٿو ڪوڙائي، ڪفني ڍڪي، ڪاري چادر ڪلهي تي سجاده نيشني جي حيثيت ۾ گادي تي ويٺو. وڏو مالدار هو. گهوڙيسواري ڪندو هو.

7.سيد محمد حسين: شاهہ ڪريم هن کي "خادم الفقرا" جولقب ڏنو هو. ۽ چيائين تہ اسان امير المومنين حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنہ جي محبت ۾ هن جونالو "حسين" رکيو آهي.

8. سيد عبدالقدوس: ننڍپڻ ۾ گذاري ويو. هي ننڍي هوندي چوڪرن کي گڏ ڪري راند بجاءِ ذڪر ڪرائيندو هو.

بزرگ شاهہ عبدالڪريم جي ولادت کان ٻہ سال پوءِ 1540ع ۾ شاهہ حسن ارغون جي زماني ۾ همايون شير شاهہ سوري کان شڪست کائي لاهور ۽ اُچ کان ٿيندو. روهڙي جي ويجهو پهتو. شاهہ جن ڪيس پڇائڻ لاءِ اچ کان بکر تائين درياهہ جا ڪنارا ويران ڪري ڇڏيا. همايون جا ماڻهو اها حالت ڏسي اٺ ۽ گهوڙا ذبح ڪري کائڻ لڳا. شاهہ حسن ارغون کي 1554ع مطابق 962 هجري ۾ اڌ رنگ جي بيماري ٿي پيئي. ڪن جو چوڻ آهي. تہ سندس زال "ماهہ بيگم" ڪيس زهر ڏيئي مارايو.

شاهہ عبدالڪريم جيتوڻيڪ حڪومت سان ڪو بہ تعلق نہ رکندو هو. تڏهن بہ خدا جي خلق جي خدمت لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ڪامورن وٽ ڪهي ويندو هو. جيڪڏهن ڪنهن سان زيادتي ۽ ظلم ٿيندو هو. تہ بي اختيار ٿي ويندو هو. مطلب تہ هن اسلامي اصولن موجب انسانيت جودرس ڏنو. ۽ انسانن جي اخلاق ۽ ڪردار جي اصلاح ڪئي.



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جا پوڪ ڪريم پوڪي، سا لطيف لڻي، جا لطيف لڻي تنهن مان سڄي سنڌ سيرياب ٿي..... واقع اسان پنهنجي محبوب ڪي صحيح سڃاتو آهي. شاهہ ڪريم فرمائي ٿو تہ:

اسين سڪون جن ڪي، سي تان اسين پاڻ،
هاٿي وچ ڪمان، صحيح سڃاتا سپرين.

هن دور جو بي مثال شاعر شاهہ ڪريم آهي. سندس ڪلام "بيان العارفين" مان (94) بيت (شعر) اسان تائين پهتا آهن. سنڌي ڪان علاوهہ عربي جا 29 لفظ ۽ فارسي جا 8 لفظ بہ سندس ڪلام ۾ مليا آهن جن جو انداز وڻندڙ آهي. ۽ شاهہ ڪريم جو ڪلام مان 92 بيت مليا آهن. (ميمڻ عبدالمجيد سنڌي)

نيہ نياپي نہ ٿئي، سڏين سيڻ نہ هون،
ڪاريين راتين رت ڦڙا، جان جان نيڻ نہ رون،

حضرت شاهہ عبدالڪريم بلڙي وارو 7 ذوالقعد 1032 هجري مطابق 1623ع ڳوٺ بُلڙي ۾ وفات ڪيائين. سندس عمر 88 سال هئي. اسان جي مانوارن ڪافي ليڪن وفات جو عيسوي سال 1622، 1624، 1625، ۽ 1626ع ڄاڻايو آهي. پر جڏهن وفات (88) سالن موجب هجري 1032 جي حساب سان 1623ع تي صحيح مستند بيهي ٿو.

مضمون جي لحاظ ڪان شاهہ لطيف جي شعر تي شاهہ ڪريم جي ڪلام جو اثر پن نمونن جو نظر اچي ٿو. هڪ تہ شاهہ صاحب جا ڪيترا بيت، شاهہ ڪريم جي بيتن جي پِران چيان آهن. ۽ ٻيو هي تہ شاهہ صاحب شاهہ ڪريم جي بيت وارو مضمون پنهنجي بيت ۾ پيش ڪندي پنهنجي بيت ۾ جدت ۽ انفراديت پيدا ڪئي.

سوئي هيڏان ، سوئي هوڏان،سوئي من وسي،
تنهن سندي سوجهري، سوئي سوپسي،
(شاهہ ڪريم)

شهنشاهہ لطيف انهي فڪر جي بيت ۾ وضاحت ڪندي فرمائو ٿو.

سوهي، سوهو، سو اجل سو الله،
سو پرين، سو پساهہ، سو ويري، سو واهرو.
(شاهہ لطيف)

شهنشاهہ لطيف شاهہ ڪريم جو مقبرو پنهنجي هٿن مبارڪن سان جوڙايو. مقبري لاءِ ڪاشي جون سِرون ملتان مان آڻي تمام سهڻي نموني مقبرو


www.sindhsalamat.com



تيار ڪرايو. مقبري واري جاءِ بُلڙي ڪي اڳ "سيدپور" چوندا هئا. مائي بُلڙي جيڪا ملاح ذات جي نالي "مائي حوا" هئي. جنهن ڪي مائڻ بُلڙي ڪري ڪوئيدا هئا. اڄ تائين سندس نالو "بُلڙي" طور سڃاتو وڃي ٿو.

حوالا:

1. بين العارفين 2. شاهہ ڪريم جو ڪلام
3. شاهہ ڪريم سنڌي شاعري جو وهائو تارو
4. مخدوم نوح جا سهيوڳي 5. جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري

## "حضرت شاهہ حسين رحمتہ الله عليہ"

(945 هہ _ 1008 هہ)

حضرت شاهہ حسين رحمتہ الله عليہ جي پيدائش 945 هجري مطابق 1538/39ع اڪبر بادشاهہ جي دور ۾ لاهور ۾ ٿي. والد صاحب جو نالو عثمان رحمتہ الله عليہ هو. ڏاڏي جو نالو "ڪاحيس هو. ذات جي لحاظ سان ڍهاڏا قوم سان تعلق هو. وڏا غريب خاندان سان تعلق رکندا هئا. ۽ ڪپڙن ٺاهڻ جو ڪم ڪندا هئا.

(جنم 954هہ. 1539ع) اسلامي شاهڪار انسائيڪلوپيڊيا ص 1044) ڄاڻايو آهي پر حقيقت ۾ 945 هجري بجاءِ 954هہ طور لکجي ويو آهي، جو عيسوي سال 1539 سامهون اچڻ سان صحيح نشاندهي ٿئي ٿي.

سلطان فيروز شاهہ تعلق جي عهد حڪومت ۾ حضرت شاهہ حسين جو والد بزگوار اسلام قبول ڪيو. سندس پهريون نالو "ڪلسن راءِ" هو. مسلمان ٿيڻ بعد عثمان رحمتہ الله عليہ رکيو ويو. والد صاحب حضرت امام حسين عليہ السلام سان عقيدت هجڻ ڪري پنهنجي پٽ جو نالو "حسين" رکيو.

حضرت شاهہ حسين ستن سالن جي عمر جا ٿيا. تہ والد صاحب مولانا ابوبڪر رحمتہ الله عليہ جي مدرسي ۾ داخل ڪرايو. پاڻ ٽن سالن جي عرصي ۾ قرآن شريف جاست سيپارا حفظ ڪيا. هڪ ڏينهن خدا رسيدا بزرگ شيخ بهول دريائي مدرسي ۾ تشريف فرما ٿيا. اوچتو نذر وڃي شاهہ حسين تي پيئي. شيخ بهلول مولانا ابوبڪر رح ڪان پڇيو تہ هن ٻار جو نالو ڇا آهي. مولانا فرمايو تہ هي منهنجو شاگرد حسين آهي. شيخ بهلول وري پڇيو تہ هي ڇا پڙهي رهيو آهي مولانا فرمايو تہ قرآن پاڪ جا ست سيپارا حفظ ڪيا اٿس. انين سيپاري جي تياري ۾ آهي. والد صاحب جو نالو عثمان آهي. الله تعاليٰ پنهنجي حفظ و امان ۾ رکي."




www.sindhsalamat.com

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

شيخ بهلول جڏهن شيخ عثمان جي متعلق ٻڌو تہ سمجهي ويو. تہ مون کي لاهور بہ ان جي تربيت لاءِ موڪليو ويو آهي. شيخ بهلول مولانا کي چيو . ” تہ اِن ننڍڙي کي چؤ تہ وضو ڪرڻ لاءِ پاڻي ڪڍي اچي. پوءِ پَل درياءَ راوي جو پاڻي هجي.“

مولانا شاهہ حسين کي چيو تہ جلدي ۾ درياءَ راوي ڪان پاڻي ڀري آچ . شاهہ حسين پاڻي ڀري اچي اڳيان پيش ڪيو. شيخ بهلول پاڻي وٺي وضو ڪيو. ۽ قبلہ طرف منهن ڪري شاهہ حسين لاءِ دُعا فرمائي:

” يا الله ! هن کي فقيرن جي گروهہ ۾ شامل ڪر “.

اُن بعد مولانا ابوبڪر جي مدرسي ۾ شيخ بهلول ڪافي مهينا ترسي پيو رمضان شريف جي چنڊ نظر اچڻ ڪان ٻہ ٽي ڏينهن پهريان شيخ بهلول مولانا ابوبڪر کي چيو تہ ”منهنجي خواهش آهي. تہ رمضان شريف ۾ توهان جو شاگرد شاهہ حسين تراويح ۾ قرآن پاڪ پڙهي ٻڌائي.“ مولانا حيرت مان اظهار ڪندي فرمايو تہ اِهو ڪيئن ممڪن آهي. جو شاهہ حسين تہ صرف ست سيپارا حفظ ڪيا آهن. ڪيئن قرآن شريف مڪمل پڙهي ٻڌائيندو.

شيخ بهلول چيو تہ توهان صرف پنهنجي شاگرد کي اجازت ڏيو. تہ پوءِ ڏسون ٿا تہ پردا غيب مان ڇا ٿو ظاهر ٿئي. شيخ بهلول شاهہ حسين جي ذميواري ڪڍي پهرين رمضان شريف تي شاهہ حسين تراويح پڙهائڻ شروع ڪئي. اُن وقت سندس عمر 10 سال هئي. ساري علائقي ۾ حيرت ڇائنجي ويئي. خود شاهہ جن پاڻ بہ عجيب غريب آزمائش تي حيران ٿيڻ لڳو. شاهہ حسين ستن سيپارن پڙهڻ بعد شيخ بهلول جي سامهون اچي عرض ڪيو. تہ مون کي جيترو ياد هُيو. پڙهي ٻڌايم اڳتي ياد نہ آهي.

شيخ بهلول فرمايو تہ وڃ درياءَ مان وضو لاءِ پاڻي ڪڍي اچ . ۽ فرمايو تہ درياءَ تي هڪ نوراني چهري وارو بزرگ ملندو. بزرگ جو چئي اُهو ئي ڪرڻو آهي. شاهہ حسين درياءَ مان پاڻي ڀري. ڏسي تہ هڪ سبز پوش بزرگ اچن وارن سان سامهون سلام ڪيو. ۽ چيائين تہ ” مان خضر آهيان.الله تعاليٰ مون کي تنهنجي علم لاءِ موڪليو آهي. تہ مان توکي علم باطني جي تعليم ڏيان. جڏهن تون علم لدني پڙهي ويئن. تہ ڪوئي چيز نہ رهندي. تون فيض الاهي سان مهارت حاصل ڪندين. ۽ باطني علم جو پردو بہ کلي ويندو. ٿوررو پاڻي مُنهنجي هٿن تي هار تہ جيئن تنهنجي جسم تي اهو پاڻي هڻان ۽ تمام علم جا دروازا کُلي وڃن.“

حضرت شاهہ حسين اهي لفظ ٻڌندي سر پيرن تي رکيو. حضرت خضرعليہ السلام فرمايو. ” اي ڇوڪرا پنهنجو سر منهنجي پيرن تي نہ رک ۽



www.sindhsalamat.com



مٿي ڪڻ“

شاهہ حسين عرض ڪيو تہ ”جڏهن الله تبارڪ و تعاليٰ توهان کي منهنجي لاءِ موڪليو آهي تہ مان سر ڪيئن مٿي ڪريان.“

حضرت خضر عليہ السلام نرمي سان شاهہ جن کي چيو تہ ”پاڻي منهنجي هٿن تي هار. پاڻي جو هارڻ ۽ حضرت خضر عليہ السلام اُهو پاڻي شاهہ حسين جي منهن ۾ هنيو. پاڻي جو هڻڻ تمام رازن جا پردا کلي ويا. حضرت خضر عليہ السلام فرمايو: تہ ”اي حسين اسان تو کي خدا جي پاران تحفو ڏيئي ڇڏيو. هاڻ پنهنجي شيخ ڏانهن وڃ. اُن ڪان رهنمائي حاصل ڪر.۽ منهنجا سلام چئيج.“

شاهہ حسين شيخ بهلول وٽ واپس آيو. تہ شيخ بهلول چوڻ لڳو. تہ حسين اهو راز هرگز ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائجان، ڇو تہ تو کي اِن نعمتن جو فائدو ملي چڪو آهي. حضرت خضر عليہ السلام تو کي ڪيئن قرآن پاڪ ياد ڪرايو.“

شاهہ حسين نماز تراويح ۾ مڪمل قرآن شريف ٻڌايو. تہ سڀئي ماڻهو حيران ٿي ويا.

## حضرت شاهہ حسين جي وفات:

حضرت شاهہ حسين جمادي الثاني 1008 هجري بمطابق ڊسمبر 1599 ع ۾ وفات ڪئي. وفات وقت عمر مبارڪ 63 سال هئي. وصيت موجب شاهدرا نزديڪ درياءَ راوي دفن ڪيو ويو. 13 سال بعد درياءَ راوي ۾ سيلابي پاڻي آيو. ۽ شاهہ حسين جو جسم مبارڪ قبر مان ڪڍي بابوپورا موجوده باغبانپورا لاهور جي زمين ۾ جسم مبارڪ کي زمين ۾ لاٿو ويو. جتي سندس آخري آرام گاهہ آهي. مزار مبارڪ کي مغل بادشاهہ اورنگزيب عالمگير تعمير ڪرايو.

مورخين لکن ٿا. تہ هڪ رات شاهہ حسين قلعي ۾ محفل مچائي رهيو هو تہ اُن محفل ۾ ”ماڌو“ بہ موجود هو. جڏهن پاڻ ”ماڌو“ جي ڪپڙن کي ڏٺو تہ خيال آيو تہ ڪپڙا ميرا ۽ بوءِ ڪري ويا اٿس. پنهنجي ساٿين کي چيو تہ هڪدم وڃي ”ماڌو“ جا ڪپڙا درياءَ ڪان ڌوئي اچو. انهي فرمائش تي سڀ ماڻهو حيران ٿي ويا. تہ هن انڌيري رات ۾ قلعي جي دروازي تي پهريدار مقرر بازارون بند.درياءِ تي ڪير بہ وڃڻ ڪين ڏيندو.

شاهہ حسين فرمايو تہ ڪنهن ڪان بہ نہ ڊڄو. توهان ٻاهر نڪرو. سج نڪري چڪو هوندو. جڏهن ”ماڌو“ جا ڪپڙا ڪڍي ٻاهر نڪتا تہ واقعي روشني



www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٿي چڪي هئي. قلعي جي اندر ۽ ٻاهر هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ مصروف هو. ساڻي درياءَ تي وڃي ڌوٻي کان ڪپڙا ڌورائي واپس ڪٽي آيا. تہ محفل بلڪل هلي رهي هئي. ۽ قلعي اندر بلڪل اڌ رات جو ٽائيم ٿي چڪو هو. محفل ۾ ماڻهن ڏسي حيران ٿي ويا.

شاعري مان ڪجهہ سٽون:

ربا! ميري حال دا محرم تُون
اندر تُوں هين، باهر تون هين، رُوح روح وچ تُون.

هڪ دوئي، تِن، چار، پنج ڇهہ، سَت، آسيي، انهہ، نَون !
چرخہ چائي سڀهي گهر گئيان، رهي اڪيلي اڪ هون.

حوالا : ڪلام حضرت شاهہ حسين رحمتہ الله عليہ: مولانا غلام حسن قادري جولاءِ 2014ع. لاهور

(اسلامي شاهڪار انسائيڪلوپيڊيا: سيد قاسم محمود....... سال 2000ع ص ـ 1044)

جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري 2004ع

## حضرت مجدد الف ثاني

(971هہ ـ 1034هہ)

حضرت مجدد الف ثاني جي پيدائش 26 جون 1564ع. بمطابق 16 ذي القعد 971 هجري ۾ "سرهند" ۾ ٿي. نالو" احمد" ۽ لقب (بدر الدين) مشهور ٿيو. سندس پيءُ جو نالو شيخ عبدالاحد بن زين العابدين هو. شروعاتي تعليم پنهنجي والد صاحب کان ورتائين. وڌيڪ تعليم لاءِ سيالڪوٽ ۾ مولانا ڪشميري کان حديث جي تعليم حاصل ڪئي. 17 سالن جي عمر ۾ ظاهري علم جي تعليم کان واقف ٿيو.

اڪبر بادشاهہ جي نَون رتن ۾ ابو الفضل ۽ فيضي (جي سنڌي هئا) حضرت مجدد الف ثاني سان اوچتو مليا. اِهي ٻيئي پائر علم جي حيثيت ۾ ڪافي اڳتي هئا. مجدد ثاني ابو الفضل جي مجلس ۾ ڪيئي ڀيرا شريڪ ٿيو. ۽ جڏهن هڪ دفعي فيضي جي گهر ويو. تہ بنا نقطن جي قرآن مجيد جو تفسير لکندي ڏٺائين. پاڻ انهي ڪم کان تمام گهڻو متاثر ٿيو. هن کي ڏاج ۾ ڪافي مال ۽ دولت ملي هئي. جو هن هڪ مسجد ۽ حويلي ٺهرائي هئي. هن چشتيہ سلسلي جي بيعت ڪئي هئي. پاڻ حضرت خواجہ محمد باقي باالله


www.sindhsalamat.com



جي هٿ تي 1008 هجري مطابق 1600ع ۾ بيعت ڪئي.

مجدد الف ثاني سهروردیہ ۽ قادريہ طريقا پنهنجي والد کان حاصل ڪيا. ۽ منزلون طئي ڪيون. مُرشد کان اجازت وٺي سرحد واپس آيو. ۽ اُن کان پوءِ لاهور ويو. تہ هن جو مرشد انتقال ڪري ويو. ۽ واپس دهلي آيو. مُرشد حضرت باقي الله جي وفات کان ٻہ سال پوءِ اڪبر بادشاهہ بہ وفات ڪئي. اڪبر بادشاهہ جي وفات بعد جهانگير تخت تي ويٺو. تخت تي ويهندي ئي مجدد الف ثاني کي درٻار ۾ گهرايو. ۽ هڪ سال بعد گواليار جي قلعي ۾ قيد ڪرائي ڇڏيو. پر پنهنجي غلطي تي احساس ٿيو. ۽ هن کي قيد مان آزاد ڪيو ويو. ۽ ڪافي ساري عزت ڪرڻ لڳو. جهانگير بادشاهہ آخري عمر ڌاري مجدد ثاني کي اجازت ڏني. تہ هو وڃي "سرهند" ۾ اسلام جي تعليم کي اجاگر ڪري.

پاڻ واپس آيا. باقي ڏينهن مسلمانن کي مذهبي عقيدن متعلق ڪافي سارو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. جو ڪوشش ايترو تہ رنگ لاتو. جو ڪافي ماڻهن متاثر ٿي. اسلام جي صحيح رستي تي هلڻ کي لبيڪ چيو. ۽ انهي صف ۾ شامل ٿي ويا.

حضرت مجدد الف ثاني 10 ڊسمبر 1624ع بمطابق 28 صفر 1034 هجري ۾ هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو. ۽ مالڪ جي بارگاهہ ۾ وڃي ابدي آرامي ٿيا. آخري آرام گاهہ "سرهند شهر" ۾ آهي. عيسوي سال مطابق عمر 60 سال ۽ هجري سال مطابق 63 سال ٿين ٿا.

(ڊاڪٽر مظهر ڪتاب: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي دور ۾ تصوف جا سلسلا ۾ جنم 1564 ڄاڻائيندي عمر 60 سال وفات 1626 عيسوي ڄاڻائي ٿو.)

**حوالا:**

ڪتاب 1. " شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي دور ۾ تصوف جا سلسلا"
2. هيرا تہ ڏسو 3. اسلامي شاهڪار انسائيڪلوپيڊيا
4. جواهر تقويم

## "شاهہ لطف الله قادري"

(1020هہ ـ 1090هہ)

شاهہ لطف الله قادري صوفي بزرگ، عالم ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سندس پيدائش 1020 هجري مطابق 1611ع ۾ "اگهم ڪوٽ" واري ايراضي ۾ ٿي. پاڻ شروعاتي تعليم بہ "اگهم ڪوٽ" ۾ درسگاهن مان حاصل


www.sindhsalamat.com



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪئي. ”اگهم ڪوٽ“ سهروردي توڙي ”قادري“ طريقن جي بزرگن جو وڏو مرڪز هو. شيخ اسحاق بن سلطان بن بهلول قادري بہ ”اگهم ڪوٽ“ ۾ رهي ”قادري طريقي“ کي وسيع ڪيو.

شاهہ لطف الله قادري ديني تعليم مڪمل ڪرڻ بعد. قادري طريقي سان منسلڪ ٿي ويو. سندس علمي فضيلت اهڙو تہ رنگ لاتو جو بزرگي واري رنگ ۾ رنگجي قادري طريقي جي ”مرشد“ واري منزل ماڻيائين. سندن نيڪ گفتگو طريقت جي راهہ کي روشن ڪيو.

جڏهن شهنشاهہ لطيف جي پيدائش ٿي. شاهہ لطف الله قادري ٻارنهن سال پهريان مالڪ حقيقي کي پيارا ٿي چُڪا هئا. ” شاهہ عبداللطيف“ جي جواني واري دور ۾ شاهہ لطف الله قادري جو ڪلام مشهور ٿي چڪو هو. شاهہ لطف الله:قاضي قاضن، شاهہ ڪريم جهڙن شاعرن جي ايجاد ڪيل موضوعن کي زنده رکيو. پاڻ شاعري ۾ ڪافي اضافا آندا ۽ خاص ڪري شاعري جي حوالي سان شاهہ لطف الله قادري جا ”ڏوهيڙا بيت“ ايجاد ڪيل صنف ۾ جاءِ ولارين ٿا. ۽ شاعرن جي فهرست ۾ سندن نانءُ کي نروار ڪن ٿا.

شاهہ لطف الله قادري جا تصوف ۾ بہ گڻ نمايان نذر اچن ٿا. جو (2) لکيل ڪتاب تحفتہ السالڪين ۽ منهاج المعرفت سن 1078 هجري ۾ هڪ الڳ جاءِ والارين ٿا.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام تي شاهہ لطف الله جواثرنمايان نظر اچي ٿو. جو شاهہ سائين بہ سندس شاعري کان متاثر ٿي. شاعري چئي آهي. جو هڪ هنڌ شاهہ لطف الله ٿو چئي تہ:

هي پڻ وڃي وسري، هن هنين جي تات،
سڀ سيوئي حال، پيهي ڪن پروڙيو،

تہ وري شاهہ سائين متاثر ٿيندي هيئنئن چيو آهي تہ

نڪاهن جي تات، هي پڻ وڃي وسري،
سو سيوئي حال، منهجان ئي معلوم ٿئي.

شاهہ لطف الله قادري ”وراڻ“ يا ”تڪرار“ واري شاعرانہ فني خصوصيت کي استعمال ڪري. پوين شاعرن لاءِ هڪ مثال قائم ڪيو آهي. جنهن بعد انهي خصوصيت کي ميين شاهہ عنائيت ۽ شاهہ سائين پنهنجي شاعري ۾ استعمال هيٺ آندو.

شاهہ لطف الله کان اڳ جيڪي سنڌي عالمن يا شاعرن جون جيڪي بہ تصنيفون ملن ٿيون. سي عربي يا فارسي ۾ آهن. شاهہ لطف الله قادري پهريون عالم ۽ عارف هو. جنهن پنهنجي مادري ٻولي ”سنڌي“ ۾ پنهنجو





رسالو جوڙيو. علمي مسئلا، سنڌي ۾ ڪتاب لکڻ ، ۽ پنهنجي مادري زبان ۾ پڙهڻ ۽ سکڻ سيئي مقصد تعليم ۽ ترتيب جي نظر ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. سندن ڪلام ۽ سوانح تي مڪمل رسالو شايع ٿيل آهي.
شاهہ لطف الله قادري 1090 هجري 1679 ع ۾ رحلت ڪئي.

سُجي جو آتانگهہُ، تنہ ۾ ڪئائون تَڪيا،
اوءِ نہ ڪِنہ پير نہ پيچري، اندرِ وِهِ وِئا.

هَر دم حضُور جَن کي، سي ڪيئين رُڃ رهن،
اوءِ اوري ڪَنِ، نہ آسِرو، تاڙيو توڙ وَڃن،
واديَ تِنہ رَهن، ڳُجهائين ڳُجهہ جا.

**حوالا:**

1. شاهہ لطف الله قادري جو ڪلام: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڇاپو ٽيون سال 2010ع
2. ڊوليو ڊٺ ڏٺي: معمور يوسفاڻي سال 2003ع
3. جوهر تقويم: ضياءُ الدين لاهوري ڇاپو پيون سال 2004ع



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library - Admin:Ameer Adnan 00923337516944

# ”باب ٽيون“
# ”شهنشاهہ لطيف جي دؤر جا بزرگ شاعر“

## ”بُلي شاهہ“
(1091هہ – 1199هہ)

بُلي شاهہ، جذب ۽ شڪر، عشق ۽ محبت، وجد ۽ سماع جو صاحب هو. هو عابد ۽ زاهد هو. سندس پيدائش 1680ع بمطابق 1091 هجري ۾ ٿي. اصل نالو سيد عبدالله شاهہ هو. سندس پيدائش اُچ شريف (بهاولپور) ۾ ٿي. بهاولپور ڪلهوڙن جي صاحبي ۾ بهاول خان ڪلهوڙي جو ٻڌايل آهي. جنهن ڪري نالي سان منسوب ڪيو ويو. (انسائيڪلو پيڊيا، پاڪستانيڪا: سيد قاسم محمود سال 1998ع ص (304) تي بُلها شاهہ جو جنم 1692ع ڄاڻايو آهي.)

بُلي شاهہ جي والد ”سخي شاهہ محمد درويش“ آچ گيلانيان ۾ رهندو هو. مذهبي تعليم جي ابتدا آچ مان شروع ڪئي. پر هڪ روايت موجب. ابتدائي تعليم مولانا غلام مرتضيٰ قصوري ۽ مولانا غلام محي الدين قصوري ڪان حاصل ڪئي. قرآن مجيد ناظره پڙهيو. ۽ انهي ڪان سواءِ گلستان بوستان، منطق، نحو، معاني، ڪنز قدوري ۽ شرح و قايع جا سبق پڙهيا.

بُلي شاهہ شاهہ عنايت قصوريءَ جو نالو ٻڌندي ئي سندس ديدار لاءِ لاهور روانو ٿيو. جنهن ڪان تمام ئي گهڻو متاثر ٿيو. اُمتي هئڻ جي باوجود بہ بلها شاهہ پنهنجو مُرشد بڻايس. شاهہ عنايت ذات جو آرائين ۽ قصور علائقي جو رهواسي هو. پاڻ مرشد طرفان رکيل نالو بُلهي شاهہ سڏرايائين. سڄي عمر شادي نہ ڪئي.

بُلي شاهہ مرشد پاران رکيل نالي کي ساراهيندي. وڏي فخر سان هي بيت چيو تہ:

جهڙا سانون سيد آکي، دوزخ ملن سزائيان،
جهڙا سانون آرائين آکي، بهشتين پينگان پائيان.

ترجمو: (جيڪو اسان کي سيد چوي. ان جون جايون دوزخ ۾ هونديون.
جيڪو اسان کي آرائين چوي اهو بهشت جي پينگهن ۾ لڏندو).

يقينن اسان جا صوفي بزرگ وڏي ۾ وڏا مذهبي اڳواڻ هئا. اهي دنيا جي هر ڪميونسٽ ڪان زياده ترقي پسند ذهن رکندا هئا. ڪيڏا نہ بهترين شعر اسان کي سمجهاڻي ڏين ٿا تہ:


www.sindhsalamat.com



راتين جاڳين ڪَرين عبادت، راتين جاڳن ڪتي، تينون اُتي.

بُلي شاهہ جي وفات 1785ع 1199هہ ۾ ٿي، جڏهن تہ انگريز محقق (مسٽر آسبورن) ۽ خزينہ الافياءَ 1757ع، 1171هہ ڄاڻائي آهي.

بُلي شاهہ جي ڪلام ۾ 156 ڪافين جو تعداد سمايل آهي. ڪافين ڪان علاوه مختلف صنفون بہ ڪلام ۾ اچن ٿيون. جن ۾ اٺواره باران ماهہ دوهيڙي، سي حرفي، گنڍان، سرفهرست آهن.

جيئن شاهہ سائين سُر رام ڪلي ۾ ڏينهن جي حوالي سان شاعري ڪئي آهي. بُلها شاهہ. اٺواره ۾ هفتي جي ڏينهن جي لحاظ سان انهن ڏينهن جي ديني حيثيت ڄاڻائي آهي.

جڏهن شيعہ. سُني جو تضاد اُڀري ٿو. اُنهن ڏينهن ۾ مغل تحريڪن جي وڪڙ ۾ گروهہ بندي جو شڪار ٿيڻ لڳا. تڏهن بُلها شاهہ انهي تضاد کي پنهنجي شاعري ۾ هيئن بيان ڪيو تہ:

(نہ آءُ مومن آهيان نہ ڪافر نہ ئي سيد، آءُ ڪٿي بہ قيد ناهيان منهنجا چوڏنهن طبقا ئي روشن آهن). آءُ سيني ڪان فارغ آهيان. جيڪو چوان سو درست مجيندا.

بُلي شاهہ اهڙن مذهبي تعصبن ڪان آجو هو. پنهنجي مُرشد جي هدايت موجب ”حق ۽ سچ“ چوڻو هو.

شاهہ سائين ۽ بُلي شاهہ جي ڪلام ۾ هڪجهڙائي آهي. جيڪي ڳالهيون شاهہ سائين شاعري ۾ قطب آنديون آهن. هُو بهُو بُلهي شاهہ جي شاعري ۾ ڏسجن ٿيون.

بُلي شاهہ بہ شاهہ لطيف جيئن: مُلن لاءِ هي لفظ قطب آندا آهن تہ: (چو ٿو ڪتابن جون ٻورين پڙهين، پنهنجو دماغ ڌوهن سان ڀرين. پوءِ شڪل وچئي ٿي ٻٽبي جلادن جهڙي. ان ڪان اڳيان تہ اجا بہ اڙانگو سفر اٿئي!).

بُلي شاهہ بہ شاهہ سائين جيئن سسئي مان تمام گهڻو متاثر ٿو ڏسجي.

شاهہ لطيف ۽ بُلي شاهہ جو ڪاهوڙي هڪ ئي آهي. پنهي وٽ ڏور منزل تي پيرين پيادي پهچڻ ئي اصل مقصد حاصل ڪرڻ آهي.

**حوالو:**- هيرا تہ ڏسو: سهڙيندڙ بخشل باغي 2011ع. 2. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ پاڪستاني ٻولي جا صوفي شاعر: ڪمال ڄامڙو، طارق عزيز شيخ: 1998ع 3. اسلامي شاهڪار انسائيڪلو پيڊيا سيد قاسم محمود ص 401. 4. جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري.



www.sindhsalamat.com
Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ”مخدوم محمد معين ٺٽوي رحہ“

(1093ھہ- 1161ھہ)

مخدوم محمد معين ٺٽوي جي ولادت مخدوم محمد امين جي گھر ۾ 1093هجري مطابق 1682ع ۾ ٿي. مخدوم محمد امين وڏو عالم ۽ ديندار هو. جنهن جي شادي ٺٽي جي مشهور شاعر مير منشي فاضل خان جي ڌيءَ سان ٿي. جنهن مان مخدوم محمد معين جو جنم ٿيو. ننڍپڻ ٺٽي ۾ ئي گذريو. مخدوم محمد معين کي ”مخدوم ٺارو دل“ بہ سڏيندا هئا. مخدوم محمد معين شروعاتي تعليم ٺٽي مان ئي حاصل ڪئي. مختلف علم تحصيل جا سبق حاصل ڪندي. تصوف جي تعليم ميان ابوالقاسم نقشبندي کان ورتي ۽ وڌيڪ تعليم لاءِ دهلي طرف روانا ٿيا. جتي حضرت شاهہ ولي الله جي صحبت نصيب ٿي. پاڻ ڪافي سال شاگرد ٿي حديث، فقہ جي ڄاڻ، علميت ۽ صحبت مان فيض جا نڪتا حاصل ڪيا. ۽ ڪافي اڳتي نڪري ويا. جو بقول شاهہ ولي الله جي تہ:

”بيشڪ تحقيق جي ضمن ۾ تون شير تي سوار ٿي ويو آهين“

مخدوم محمد معين ابن عربي جي رسالي ”فصوص الحڪم“ کي دل جان سان پڙهندي سندس ”صوفيانہ مسلڪ“ جو حامي ٿي پيو. علم ۽ فضيلت جا گڻ ڏسي ماڻهن ”ميون ٺارو“ جهڙي لقب سان ياد ڪندا هئا ۽ مخالف ماڻهو ڳالهيون ٻڌي فتوائون حاصل ڪري دِل ۽ من کي ٺاريندا هئا ۽ مخدوم محمد معين ”بيراڳي“ جي بدران ”ميون ٺارو“ سڏڻ شروع ڪيو.

شهنشاهہ لطيف بہ علم ۽ ادب جا گڻ ڏسي سندس خدمت ۾ اچي حاضر ٿيندو هو ۽ قرب واريون ڪچهريون ڪري واپس ويندو هو. انهن قرب وارين ڪچهرين ۾ بدين جي سانول فقير ونگي جي جمال شاهہ شاهہ ڪريم ٻُلڙي واري جي زمان شاهہ، ڀٽيهل جي دودي نهڙي ۽ ڪاري جي ابراهيم آڏيلي کي پنهنجو دلي دوست سمجهي اچي مانجهاندو ڪندو هو. شهنشاهہ لطيف انهن بزرگن سان رهاڻيون رچائي. دِلي دوست مخدوم محمد معين ”مخدوم ٺاري“ جو مهمان ٿيندو هو. جو هي پيئي بزرگ شريعت جا صاحب، تصوف جي تارازي ۾ راتين جو راتيون ۽ ڏينهن جا ڏينهن پيا ترندا هئا. ايتري قدر جو ڪافي ڏور انهين منزلن تان دِل گهريا دوست بزرگ کھي اچي ٺٽي ۾ قرب واريون ڪچهريون ڪندا هئا ۽ اهڙي ريت شهنشاهہ لطيف، مخدوم محمد معين ۽ لاڙ جي بزرگن جون رهاڻيون ٺٽي جو شهر جي ئي مرڪز رهيون.

مخدوم محمد معين کي شهنشاهہ لطيف جي صحبت ايترو تہ مائل ڪيو جو هي بيت چوڻ لڳو ۽ بيتن ۾ ”بيراڳي“ تخلص طور قطب آندو. ۽ (5)







پنج ڪتاب جيڪي تصوف تي مشتمل هئا. شهنشاهہ لطيف جي اثراتن هيٺ رهي لکيائين. ايتري قدر مخدوم محمد معين شهنشاهہ لطيف جو”فدائي“ هو. ”جو خود شهنشاهہ لطيف سان ملڻ لاءِ ”پٽ شاهہ“ ويندو هو. ۽ شهنشاهہ لطيف بہ ٺٽي ايندو هو“. مخدوم صاحب رسالو ”اويسي“ بہ شهنشاهہ لطيف لاءِ لکيو هو.

مخدوم محمد معين ٺٽوي کي راڳ ۽ سماع ۾ تمام گهڻو مزو ايندو هو. ايتري قدر جو راڳ ٻڌندي ئي وفات ڪيائين. سندس وفات 1161 هجري مطابق 1748ع ۾ ٿي. وفات وقت شهنشاهہ لطيف موجود هو، سندس جنازي نماز بہ شهنشاهہ لطيف پڙهائي ۽ واپس موٽندي پاڻ فرمايائون تہ: ”ٺٽي اڄڻ مخدوم صاحب جي ڪري ٿيندو هو. اڄ کان اڄڻ بند ٿي ويو. مخدوم صاحب جي آخري آرامگاهہ مڪلي ٽڪري تي ئي حضرت ابوالقاسم نقشبندي جي پيراندي کان آهي. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو مُرشد سيد سعيد الله سورتي بہ مخدوم محمد معين جي مجتائن مان هو. مخدوم صاحب ڪافي ڪتاب بہ لکيا. تقريباً (105) ڪتاب ٿماهي مهراڻ آڪٽوبر نومبر ڊسمبر 2013ع صفحي 71، 72، 73 تي الفابيٽڪل فهرست ڏني ويئي آهي. جن مان ڪجهہ ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

انوار الوجد من منع المجد، بياض الحديث، ثبت الاسانيد، رسالة اوسية شرح ديوان حافظ، شرح المثنوي المعنوي، لباب الاسرار ۽ وصل الاصل في ابطال النقل وغيره آهن.

مخدوم محمد معين ٺٽوي هڪ ئي وقت ۾ علم تفسير، حديث، فقہ، تصوف، فلسفہ منطق، نحو، معاني، بيان، نجوم، موسيقي، ڪيميا ۾ ڪافي مهارت رکندو هو. تقريباً تصنيفون عربي ۽ فارسي ۾ آهن.

”مددي ڪتاب“


1. لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ: پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا ص 361=. (Ph.d ٿيسز)
2. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سوانح حيات ۽ علمي خدمتون: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري (Ph.d ٿيسز).
3. فڪر لطيف: تنظيم فڪر و نظر سنڌ سکر.
4. لطيف سائين جا لاڙ تان پيرا: محمد سومار شيخ.
5. تذڪره مشاهير سنڌ (حصہ اول) مولانا دين محمد وفائي.
6. ٿِماهي مهراڻ آڪٽوبر ڊسمبر 2013ع.








Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ”ميون محمد مبين چوٽياروي“
(1100ھ- 1196ھ)

ميون محمد مبين چوٽياروي جهڙي ڀلاري بزرگ جو جنم 1100 هجري مطابق 1689 ع ۾ اوپائي نالي بزرگ درويش جي گهر ۾ ٿيو، (ڪتاب سنڌ جا درسگاهہ: داد سنڌي ص 22) تي ميون محمد مبين جو والد (اوپائيو) ڄاڻايو آهي. جڏهن تہ ڊاڪٽر عبدالرسول قادري (ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، سوانح حيات ۽ علمي خدمتون) ص 196 تي ميون محمد مبين بن مجاهد بن اوپايو ڄاڻائي ٿو.

ميون محمد مبين ٺٽي مان تعليم حاصل ڪئي. ميون شاهہ عنايت رضوي سان تمام گهڻي محبت هوندي هئي. ايتري قدر جو هڪ دفعي رضوي صاحب ميون محمد مبين کي مخاطب ٿيندي چيو تہ ”ابا ڏيئو ٻرندو رهندو ۽ جي وٽ سنهي ٿي، تہ بہ اُجهامندي ڪو نہ“.

ميون محمد مبين مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ سان گڏ تعليم حاصل ڪئي، پاڻ صرف و نحو ۽ علم فقہ جو وڏو ڄاڻو هو. اندازاً 1140 هجري مطابق 1728 ع ۾ ٺٽي مان مڪمل تعليم حاصل ڪري پنهنجي آبائي ماڳ ”چوٽياريون“ ۾ موٽي آيو. ساڳئي سال ۾ دستاربندي ”ٿي. پاڻ ڳوٺ ”چوٽياريون“ ۾ هڪ ننڍو مڪتب بہ کوليو، جنهن ۾ تعليم جي شمع کي روشن ڪيو. ڪجهہ عرصي کان ننڍڙو مڪتب ”سنڌ جي عظيم درسگاهہ“ بڻيو.

ميان صاحب جي 1140هجري ۾ ننڍڙي مڪتب. جڏهن وڏي درسگاهہ جي شڪل اختيار ڪئي تہ ننڍڙي مسجد مان شفت ڪري. وڏي جاءِ ۾ آندو ويو. درسگاهہ گڏ هڪ ڪتبخانو بہ قائم ڪيو ويو، پاڻ زندگي جا پنجاهہ سال هن درسگاهہ جي خدمت ڪندي گذاريا، عربي ۽ فارسي تي تمام گهڻو عبور هو. پاڻ هميشہ ”مسڪين محمد مبين“ لک پڙهہ ۾ ڪم آڻيندو هو.

چوٽياري درسگاهہ ۾ پري پري کان شاگرد اچي تعليم حاصل ڪندا هئا. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جهڙي ڀلاري بزرگ بہ ”محمد مبين“ جي هن درسگاهہ ۾ سندن رهبري ۾ علمي ۽ فڪري تعليم حاصل ڪئي، چوٽيارين جي ڪتبخاني ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو بياض. جيڪو مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي پنهنجي هٿن سان لکيو هو. اجا تائين موجود آهي.

ميون محمد مبين ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ شهنشاهہ لطيف همعصر هئا. ميون محمد مبين ڪيريو (درسگاهہ چوٽياري جي باني) 5 محرم



www.sindhsalamat.com



سن 1196 هجري مطابق 21 ڊسمبر 1781 ع ۾ هن فاني دنيا مان موڪلاڻي ڪئي. ڪيس ”چوٽياريون“ جي مقام ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. جتي سندس مزار عام و خاص لاءِ زيارت گاهہ آهي.

”شهنشاهہ لطيف“ اڪثر سانوڻ ۾ ميون محمد مبين وٽ ويندو هو. هڪ ڀيري گڏجي ماني کاڌائون ۽ پوءِ صحبت ۾ ويٺا تہ گهڻو ويهي رهيا ۽ ڪافي دير ٿي ويئي. جڏهن شهنشاهہ لطيف موڪلايو. تہ ميين مبين چيو تہ : ”جهڙ ڦڙ آهي ترسي پئو“.

شهنشاهہ لطيف جواب ۾ چيو تہ” ”رداءِ جا رضا جي سا اوڇڻ آديسين“. پوءِ موڪلائي روانو ٿيو. اِها ڳالھ سٽ رسالي جي ”سُر رام ڪلي“ جي هڪ بيت ۾ موجود آهي.

مددي ڪتاب
1. شاهہ جو رسالو شاهہ جو ڪلام جلد پهريون: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 1989 ع ص:56
2. سنڌ جا درسگاهہ: دادا سنڌي. ادبي بررڊ: 2014 ع.
3. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سوانح حيات ۽ علمي خدمتون: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري.
4. جوهر تقويم: سال 2006 ع. ضياءَ الدين لاهوري 2004 ع.

## ”ميان صاحبڏنو فاروقي“
(1101ھ-1192ھ)

درازا شريف جي درگاهہ جو سلسلو خواجہ محمد حافظ المعروف ميان صاحبڏنو کان شروع ٿئي ٿو، ميان صاحبڏنو جي ولادت سن 1101هجري مطابق 1689 ع ۾ ٿي. حضرت سچل سرمست رحہ پنهنجي ڏاڏي ۽ درگاهہ درازا شريف جي باني ميان صاحبڏني کي پنهنجي چيل ڪلام ۾ ادب ۽ احترام سان ياد ڪيو آهي. جيتوڻيڪ هن وقت درگاهہ درازا شريف کي حضرت سچل سرمست جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي.

ميان صاحبڏنو کي ”موراڳي“ ”سوائي“ بہ چيو ويندو هو، هڪ روايت موجب تہ ميان صاحب هڪ دفعي گهوڙي تي سوار ٿي نوڪري تي وڃي رهيو هو. جو ڪوٽڙي ڪبير ۽ ڏيوٽي جي وچ تي هڪ مجذوبہ عورت رستو



www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

روڪيندي چوڻ لڳي تہ ”صاحبڏنہ! خدا توکي ڳولي ٿو. ۽ تُون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟

ميان صاحب اهو لفظ ٻڌي اچي جهنگ وسايو، چاليهن چلن ڪيڻ ڪانپوءِ حضرت خواجہ عبدالله جيلاني اچي پنهنجي مريد ڪيو، سندس فيض مان مُرشد ڪان خلافت جو خرقو حاصل ڪري. پنهنجي مُرشد جي چوڻ تي پنهنجي خاندان جو هر فرد سجاده نشين ٿي سندس بيعت ڪئي.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جڏهن درازان ۾ آيو، تہ ڪيڙن جي پاڙن ۾ هڪ غار ۾ ميان صاحبڏنو کي مخاطب ٿيندي چيو تہ ”ادا يار کي لڪائڻ نہ گهرجي“. نيٺ ڪڍائي ٻاهر وهاريائين. ٻي روايت ۾ تہ شاهہ صاحب ئي ”خواجہ صاحب کي سلوڪ جي راهہ تي هلڻ جي ترغيب ڏني“. وري حضرت سچل سرمست رحہ پنهنجي ڏاڏي ميان صاحبڏني جي سلوڪ واري راهہ تي هلڻ ۾ ”شاهہ عبيد الله جيلاني ۽ بيبي رابعہ بصري“ جو ذڪر ڪري ٿو.

خواجہ محمد حافظ عرف ميان صاحبڏنو فاروقي هڪ بلند پايي جو شاعر هو. شاعري ۾ پاڻ کي ڪِٿي ”صاحبڏنو“ تہ ڪٿي ”حافظ“ جو لفظ تخلص طور استعمال هيٺ آندو آهي. خواجہ صاحب سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ۾ بهترين شاعري ڪئي. پاڻ هڪ هنڌ هيئن فرمائي ٿو تہ:

ڪامل پنهنجي ڪانڌ، اوهان خبر آندي خاصي،
اڌو ٿيو نہ عشقي، اها بات نہ اوهان باسي،
آهيو اوهان بہ اداسي، پر ڪاريءَ مس ڪارا ڪيو.

خواجہ صاحب کي 2 پٽن جي اولاد ٿي. ميان صلاح الدين حياتي ۾ ئي وفات ڪري ويو، ۽ ميان عبدالحق سندن وفات بعد گادي نشين ٿيو، جنهن جي تربت حضرت سچل سائين واري روضي ۾ آهي.

ميان صاحبڏنو فاروقي 1192 هجري مطابق 1778ع ۾ موڪلاڻي ڪري وڃي ابدي آرامي ٿيا، سندس آخري آرام گاهہ درازا شريف ۾ آهي. وفات وقت عمر 91 سال هئي.

ميان صاحبڏني جي فرزند حضرت خواجہ عبدالحق 1120 هجري مطابق 1708ع ۾ پيدا ٿيو. زندگي جو (94) بهارون ڏسي 1214 هجري 1799ع ۾ وفات ڪئي.

خواجہ عبدالحق جي مزار تي سچل سائين جون هي سٽون اُڪريل آهن:



www.sindhsalamat.com



مرشد ڪامل حقيقت يار، وارث دين احمد مختيار،
گوهر بحرانہ واحد، ليس في الدار غيره ديار،
سال تاريخ اوست مظهر حق، ميم ماومن ازميان بردار. (1214هہ).

شهنشاهہ لطيف جي اچڻ وقت خواجہ صاحب هڪ غار ۾ ويٺو هو، شاهہ صاحب غار مٿان بيهي چيو تہ: ”هٿ پڪل گدري جي بوءِ اچي ٿي“ پوءِ اندر وڃي خواجہ صاحب سان مليو. ۽ چيائين تہ: ”يار کي لڪائڻ نہ گهرجي“ پوءِ روح رهاڻيون ڪيون. پوءِ انهي هنڌ جايون ۽ مسجد ۽ کوهہ کوٽايو ويو“.

مددي ڪتاب

1. سچل سرمست ۽ اُن جا هم عصر شاعر: ڊاڪٽر مخمور بخاري (Ph.d) ٿيسز (مقالو) 2011ع

2. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي دؤر ۾ تصوف جا سلسلا: ڊاڪٽر عابد مظهر 3 جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري 2004ع.

## “مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ”

(1104هہ-1174هہ)

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جي پيدائش 10 ربيع الاول 1104 هجري مطابق 19 نومبر 1692ع خميس جي رات لاڙ طرف ”ميرپور بٺوري“ ضلعي ٺٽي ۾ ٿي مخدوم صاحب جا وڏا پهريان سيوهڻ ۾ اچي رهيا. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي والد عبدالغفور پنهور بہ سيوستان (سيوهڻ) جي عالمن مان هڪ هو. پاڻ سيوهڻ مان لڏي ”بٺوري“ ضلعي ٺٽي م اچي رهيو.

مخدوم محمد هاشم جو نسب نامو: مخدوم هاشم بن عبدالغفور بن عبدالرحمان بن عبداللطيف بن عبدالرحمان بن خير الدين السندي البتورائي ثم البهرام پوري ثم التتوي.

مخدوم صاحب فارسي، صرف ونحو ۽ فقہ جي ابتدائي تعليم پنهنجي والد وٽ پڙهيو. وڌيڪ تعليم لاءِ ٺٽي جو رخ ڪيائين. ڇهن مهينن جي عرصي ۾ مخدوم محمد سعيد وٽ عربي تعليم ۽ شرح جا سڀ سبق ياد ڪيائين. سندن ذهانت ڏسي شهر جا وڏا عالم حيران ٿي ويا. ۽ پوري شهر جا ماڻهو سندس حد کان وڌيڪ عزت ڪرڻ لڳا.

مخدوم صاحب نون سالن جي عمر ۾ عربي، فارسي علم حديث ۽ باقي ڪتاب مخدوم ضياءَ الدين ٺٽوي وٽ پڙهي پورا ڪيا. اوچتو مٿان والد





www.sindhsalamat.com

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

صاحب عبدالغفور 1113 هجري مطابق 1702ع ۾ وفات ڪري ويو. ڪيس گهڻو صدمو رسيو. آخرڪار علم حديث ۽ تفسير جي سعادت 1135 هجري 1722ع حرمين شريفين جي سفر دوران حجاز مقدس جي عالمن کان حاصل ٿي. پاڻ حج به ڪيو. مڪي شريف ۽ مديني شريف جي عالمن کان علمي ڄاڻ ملي ۽ عالمن وٽان سَنَدُون به حاصل ڪيائين.

مخدوم صاحب جن عالمن کان تعليم حاصل ڪئي. انهن ۾ سنڌ جا عالم سڳورا هيءُ آهن. مخدوم صاحب جو پهريون استاد والد صاحب عبدالغفور هو. ان کانپوءِ مخدوم سعيد ٺٽوي، مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي، رحمت الله ٺٽوي، مخدوم معين ٺٽوي: مولانا دين محمد وفائي جي بقول ته مخدوم محمد هاشم، ٺٽوي صاحب عربستان ۾ جن استادن کان علم حاصل ڪيو. انهن ۾ شيخ عبدالقادر حنفي مڪي. هن بزرگ جي وفات 1138 هجري 1726ع ۾ ٿي.

شيخ عيد بن علي مصري. سندس تعلق مصر ملڪ سان هو. هن بزرگ 1140 هجري مطابق 1728ع ۾ وفات ڪئي.

شيخ ابو طاهر محمد مدني: هي بزرگ مخدوم صاحب ۽ شاهه ولي الله جو به استاد رهيو.

ميان نور محمد ڪلهوڙي پنهنجي دؤر حڪومت ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي کي وڏو قاضي ۽ شريعت جو نگران مقرر ڪيو. ميان غلام شاهه ۽ ميان سرفراز ڪلهوڙو درويش صفت ۽ علم دوست حڪمران هئا. جن عالمن ۽ عارفن جي قدرداني ڪئي.

مخدوم صاحب حرمين شريفين جي سفر کان موٽندي سن 1136 هجري مطابق 1723ع ۾ "سورت بندر" ۾ قادري سلسلي جي بزرگ "سيد سعد الله سُورتي" کان روحاني تعليم حاصل ڪئي. پورو هڪ سال سندس خدمت ۾ رياضت ۽ عبادت ۾ گذاريو. ۽ خلافت جو خرقو ڊڪي سَند حاصل ڪئي. ۽ پنهنجي مُرشد کان اجازت ملڻ بعد صفر 1137 هجري آڪٽوبر 1724ع ۾ ٺٽي واپس آيو.

سيد سعد الله سورتي 1099 هجري 1688ع ۾ غلام محمد سلوني جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ جڏهن حرمين جي زيارت کان موٽندي "سورت" ۾ اچي رهيو. ان ڪري ئي ڪيس "سورتي" سڏيو وڃي ٿو. "سورت" هندستان ۾ گجرات ضلعي جو هڪ شهر آهي. سيد سعد الله سورتي 27 جمادي الاول


www.sindhsalamat.com



1138 هجري مطابق 1726ع ۾ "سورت" ۾ ئي وفات ڪئي.

مخدوم صاحب پنهنجي والد صاحب جي وفات کانپوءِ ميرپور بٺوري کان لڏي اچي "بهرام پور" ۾ رهيو ۽ پاڻ ماڻهن کي بدعتن ۽ غير شرعي ڪمن کان روڪڻ لڳا. پر ماڻهن ڪجهه به ڪين ٻڌو. پاڻ مجبورن "بهرام پور" کي ڇڏي ٺٽي ۾ اچي رهيا. اُتي هڪ مدرسي جو بنياد رکيائون. "اگر محلي" ۾ مدرسي جو نالو "دارالعلوم هاشميه" رکيو. جنهن ۾ ڪيترائي علم جا پروانا خدمت ۾ اچي حاضر ٿيا. ۽ فيض وٺڻ لڳا. پري پري کان ماڻهو اچي مدرسي ۾ پڙهڻ لڳا.

مخدوم صاحب هر جمع تي جامع مسجد خسرو (دابگران واري مسجد) يا "دبگير مسجد" ۾ اچي وعظ فرمائيندو هو. پاڻ هڪ برک عالم ۽ استاد هئا. سندن هَاڪ پوري سنڌ، هند، عرب ۽ عجم ۾ مشهور هئي. مخدوم صاحن کان جن بزرگن تعليم حاصل ڪئي. اُنهن ۾: سيد شهمير شاهه مٽياروي، مخدوم مئيڏنه نصرپوري، مخدوم عبدالرحمان (وڏو فرزند). سيد محمد صالح شاهه جيلاني گهوٽڪي وارو، مخدوم ابوالحسن صفير ٺٽوي مدني، مخدوم عبداللطيف (ٻيو نمبر فرزند). شاهه فقير الله علوي شڪارپوري. مخدوم عبدالله منڊرو (نرئي وارو). مخدوم عبدالخالق ٺٽوي. مخدوم نور محمد نصرپوري شيخ الاسلام مراد سيوهاڻي. عزت الله ڪيريو (چوٽيارين) جو رهاڪو هو. حافظ آدم طالب علم ٺٽوي. نور محمد خسته "تڪڙائي". مخدوم صاحب جا شاگرد هئا.

مخدوم صاحب سنڌي عربي ۽ فارسي ٻولي ۾ ڪتاب لکيا. عربي جا ڪتاب "جامعة الازهر" يونيورسٽي مصر جي نصاب ۾ پڙهايا ويندا آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مخدوم صاحب جي هڪ عربي ڪتاب مان ڪتابن جو تعداد عربي، فارسي ۽ سنڌي ۾ (105) ڄاڻايا آهن. عربي ۾ 74 ڪتاب، فارسي ۾ 21 ڪتاب ۽ سنڌي ۾ 10 ڪتابن جا نالا ڄاڻايا آهن.

سنڌي ڪتابن ۾: زاد الفقير، قوت العاشقين، راحت المؤمنين، سايه نامه، بناء اسلام، تفسير هاشمي، تحفته التائبين، اصلاح مقدمة الصلوات. تنبيه نامو، عربي ۾ مظهر الانوار، فاڪهة البستان. فرائض الاسلام. الوصية الهاشميه، بياض هاشمي، ڪفايته القاري.

فارسي ڪتابن ۾ : حيات الصائمين، مدح نامه سنڌ، اصلاح مقدمة الصلواة وغيره.


www.sindhsalamat.com

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي عمر 70 سالن جي قريب ٿي تہ 16 ربيع الاول 1174 هجري تي تيز بخار ٿيو، پاڻ 6 رجب المرجب خميس جي ڏينهن 1174 هجري مطابق 9 فيبروري 1761ع ۾ هن فاني جهان مان موڪلائي ڪئي. مخدوم صاحب کي غسل سيد عبدالقادر شيرازي، ميان محمود، سعد الله، فخر الدين، ابراهيم رنگريز ۽ حافظ آدم طالب علم ڏنو. جنازي نماز مخدوم محمد باقر پڙهائي. ڏهہ هزار ماڻهن جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي. سندس آخري آرام گاهہ مڪلي ٽڪري تي آهي.

مخدوم صاحب کي بہ فرزند ۽ هڪ نياڻي جي اولاد ٿي. فرزندن ۾ مخدوم عبدالرحمان هي قرآن پاڪ جو حافظ وڏو عالم ۽ صوفي هو. 51 سالن جي عمر ۾ 5 ربيع الاول 1181 هجري مطابق پهرين آگسٽ 1767ع ۾ وفات ڪئي.

**مخدوم عبداللطيف:** هي مخدوم صاحب جو ٻيو نمبر فرزند هو. ولادت 14 شعبان 1144 هجري ۾ قرآن پاڪ جو حافظ، حديث جو وڏو عالم هو. 45 سالن جي عمر ۾ 17 ذوالقعد 1189 هجري ۾ ٺٽي ۾ وفات ڪئي. مڪلي جي ٽڪري تي والد صاحب جي پيراندي ۾ دفن آهي.

شهنشاهہ لطيف ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي همعصر بزرگ آهن. ٻنهي بزرگن جي ملاقاتن جو سلسلو ۽ روح رهاڻيون 54- 1153 هجري تائين قائم رهيون. مخدوم صاحب شهنشاهہ لطيف سان دلي طرح پيار ڪندو هو. ايتري قدر جو پنهنجي پٽ جو نالو بہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي نسبت عبداللطيف رکيو هئائين.

**حوالا:** 1. مخدوم هاشم ٺٽوي سوانح حيات ۽ علمي خدمتون: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري
2. فڪر لطيف، تنظيم فڪر وَنظر سنڌ (سکر). 3. جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري.

## ”شاهہ ولي الله رحمة الله عليہ“

(1114هہ-1176هہ)

عظيم محدث ۽ جيد عالم حضرت شاهہ ولي الله جي پيدائش 10 فيبروري 1703ع مطابق 4 شوال-1114 هجري دهلي ۾ ٿي. والد صاحب جو اسم گرامي شاهہ عبدالرحيم هو. شاهہ ولي الله جو اصل نالو عظيم الدين







(قطب الدين) شاهہ ولي الله هو. شروعاتي تعليم پنهنجي والد شاهہ عبدالرحيم کان حاصل ڪئي. ستن سالن ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪيو. سورهن سالن جي عمر ۾ مامي عبيد الله بن محمد ڦلتيءَ جي نياڻي سان شادي ٿي. جنهن مان ڇهن ڄارن جو اولاد ٿيو. سال 1720ع ۾ جڏهن سترهن سال جا ٿيا. تہ والد شاهہ عبدالرحيم هن جهان مان موڪلائي ڪئي. والد صاحب جي وفات کان پوءِ پاڻ مسند سنڀالي. ٻہ ڀيرا حج جي سعادت نصيب ٿي. پاڻ حديث جي علم ۾ وڏي مهارت رکندا هئا.

1722ع بمطابق 1134 هجري ۾ قائم ڪيل مدرسي ۾ درس وتدريس جو ڪم شروع ڪيو. سندس خاندان ۾ وڏا اولياءَ الله، عالم، زاهد ۽ مفڪر پيدا ٿيا. 1143 هجري مطابق سن 1730ع ۾ حرمين شريف جي سعادت نصيب ٿي.

1732ع شاهہ ولي الله جڏهن حرمين شريف کان واپس آيا تہ ان وقت حالتون تمام خراب هُيون، مرهٽن، سکن جي لُٽ مار، نادر شاهہ جون ڦهري ڪارروايون مسلمانن لاءِ عذاب بڻيل هُيون، پاڻ هندستان ۾ رهي هر حالت کي مُنهن ڏنو. مسلمانن لاءِ هر طرح جون ڪوششون ورتيون.

1150 هجري مطابق 1737ع ۾ 36 سالن جي عمر ۾ قرآن شريف جو (فتح القرآن) نالي سان فارسي ۾ ترجمو ڪيو. سندس پوءِ ڪيترن ئي علمي ۽ ادبي تحريڪن جنم ورتو. انهن علمي ۽ ادبي تحريڪن ۾ شاهہ ولي الله جو وڏو حصو رهيو آهي.

پاڻ عربي ۽ فارسي ۾ بہ شرحون لکيون، فقہ ۽ تصوف جي علم تي ڪافي مهارت حاصل هئي. انهي سبب پاڻ تصوف تي. بهترين ڪتاب ”حجة الله بالغ“ لکيو.

مولانا شاهہ عبدالعزيز، مولانا رفيع الدين، قاضي ثناءَ الله پاڻيپتي، شاهہ عبدالغني ۽ مولانا شاهہ عبدالقادر جهڙا جيد عالم، سندس مشهور شاگردن ۾ شمار ٿين ٿا. پاڻ ڏکئي وقت ۾ بہ مسلمانن جي رهبري ڪئي.

شاهہ ولي الله ڪافي سارا ڪتاب بہ لکيا. سندس لکيل ڪتاب ”حجة الله بالغ“ ايترو تہ مقبول ٿيو. جو دنيا جي مشهور يونيورسٽين جي درسي ڪتابن ۾ پڙهايو وڃي ٿو. سندس لکيل ڪتابن ۾ 26 ڪتاب فارسي ۾ ۽ 25 ڪتاب عربي ٻولي ۾ لکيل آهن.

شاهہ ولي الله جي ڪافي ڪتابن کي ”ولي الله ايڪيڊمي“ حيدرآباد







Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سنڌ شايع ڪيا آهن.

پاڻ قرآني علمن کان علاوه انسانيت جا چار بنيادي اخلاق پيش ڪيا آهن. انهن چئن اخلاقن ۾ اعليٰ فهم ۽ فڪر سمايل آهي. پاڻ ٽن اصولن ۾: خود پهتل جفا ڪش ۽ ڪفايت شعار ٿيڻ ۽ پاڻ کي اسراف کان بچڻ جو سبق ڏنو آهي.

شاهہ ولي الله (محدث دهلوي) 19 محرم الحرام 1176 هجري مطابق 10 اگسٽ 1762ع ۾ وفات ڪئي.

**حوالا:**

1.( شاهہ ولي الله جا سنڌي هم عصر: معمور يوسفاڻي: 2004ع)
2.(دنيا ڪي عظيم لوگ: سيده اعجاز بانو رضوي: 1992ع)
3.(دنيا جون 100 عظيم شخصيتون: محمد عثمان پٽي)
4. جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري.

## سيد محمد صالح شاهہ: ”لوءِ صاحبان وارو“

(1122هہ-1182هہ)

سيد محمد صالح شاهہ جي ولادت 1122 هجري مطابق 1710ع ۾ حضرت سيد پير موسيٰ شاهہ جي گهر ”لوءِ صاحبان“ ۾ ٿي. ڪنيت ”شرف الدين“ ”ابو جمال“ ۽ لقب ”مُتقي“ هو. پاڻ ننڍي هوندي کان ئي پرهيزگار ۽ سخاوت جا ڪوڏيا هئا.

سندس شروعاتي دؤر والد صاحب جي رهنمائي ۾ گذريو ۽ بعد ۾ ٻارهين صدي جي وڏي محدث. علم جي ڄاڻو ۽ بزرگ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليہ وٽ حاضر ٿيا. ۽ مدرسي ۾ تعليم جا سڀ سبق ياد ڪيائون. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جو مدرسو پوري سنڌ ۾ تعليم جي حوالي سان اوّل صف ۾ شمار ٿيندو هو. جتان ڪافي عالم ۽ بزرگن تعليم مڪمل ڪري پنهنجي ماڳ اچي ماڻهن کي اسلام جي تعليم کان واقف ڪيو.

سيد محمد صالح شاهہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جهڙي پياري بزرگ کان تعليم پوري ڪري فيض مان فيضياب ٿيو. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي اُن وقت ”صحيح بخاري شريف“ جو قلمي نسخو پنهنجي هن پياري شاگرد کي پنهنجي هٿن مبارڪ سان ڏنو ۽ اجازت ڏني تہ وڃي پنهنجي حاصل ڪيل تعليم مان ماڻهن کي اسلام جي ترغيب ڏي. ۽ خراب ڪمن کان آجو ڪراءِ. سيد محمد صالح شاهہ وٽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي طرفان





ڏنل ”بخاري شريف“ اڄ بہ پوين وٽ صحيح سلامت موجود آهي.

سيد محمد صالح شاهہ پاڻ شريعت جو صاحب ۽ طريقت جو ڪامل ولي هو. سندس والد صاحب پير موسيٰ جي رهنمائي هيٺ بہ ڪافي وقت گذريو. والد صاحب کان بہ گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو هئائين. حضرت پير موسيٰ شاهہ ڇنڇر جي ڏينهن 8 ذوالحج 1173 هجري بمطابق 22 جولاءِ 1760ع ۾ دار البقا طرف موڪلاڻي ڪئي ۽ جامع مسجد لڳ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. حضرت پير موسيٰ شاهہ جي وفات بعد 1173ع هجري ذوالحج مهيني ۾ سيد محمد صالح شاهہ کي سجاده نشيني جي مسند تي ويهاريو ويو. پاڻ ڪافي ماڻهن کي علم جي لاٽ ڏني ۽ ڪافي مريد سندس فيض مان فيضياب ٿيا.

سيد محمد صالح شاهہ جامع مسجد ۾ توسيع ڪري اتريون گُنبذ ۽ حصو تعمير ڪرايائون بعد ۾ سيد محمد عابد شاهہ بہ مسجد جي ڏاکڻي گنبذ ۽ ان جي حصي کي تعمير ڪرايو. جامع مسجد ”لوءِ صاحبان“ جيڪا ٽن گنبذن تي مشتمل آهي. هي 84 ٿنين واري مسجد جنهن جي هڪ هڪ سِر تي قرآن پاڪ جو ختم ٿيل آهي. 1148 هجري 1735ع ۾ جڙي مڪمل تيار ٿي.

جامع مسجد کي اِهو بہ شرف حاصل آهي جو شهنشاهہ لطيف ملتان کان واپس ڪاشي سرون ساڻ ڪري. پيڙي رستي هن سر زمين ۾ قدم رکيا ۽ عصر جي نماز فرض حضرت پير موسيٰ شاهہ جي اسرار تي پيش امام ٿي پڙهائي هئائون.

سيد محمد صالح شاهہ زندگي جون (60) بهارون پوريون ڪندي 11 شوال 1182 هجري. مطابق 17 فيبروري 1769ع ۾ رحلت فرمائي. سندس مقبرو وڏي خانقاهہ ۾ موجود آهي.

مددي ڪتاب

مولانا: 1. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، سوانح حيات ۽ علمي خدمتون: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري
2. مون ۾ آهين تون: سيد مُرشد گيلاني
3. جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري.

## ”سلطان الاولياءَ خواجہ محمد زمان لنواري وارو“.

(1125هہ- 1188هہ).

سلطان الاولياءَ خواجہ محمد زمان جي پيدائش 22 رمضان المبارڪ 1125 هجري. بمطابق پهرين آڪٽوبر 1713ع خميس تي حاجي



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

عبداللطيف نقشبندي جي گهر ۾ ٿي. سندس ابا ڏاڏا عربستان جا وينل هئا. اُتان اچي سنڌ ۾ ٺٽي جي پسگردائي ۾ رهيا. سندن پرهيزگاري ڏسي آسپاس جا ماڻهو مريد ٿيڻ لڳا.

ننڍي هوندي ئي خواجه محمد زمان قرآن پاڪ جي تعليم پنهنجي والد صاحب کان ورتي ۽ قرآن مجيد جو ختم به پورو ڪيو. ظاهر علم حاصل ڪرڻ لاءِ ٺٽي جي مخدوم محمد صادق نقشبندي جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. مخدوم محمد صادق هڪ جيد عالم هو.

مخدوم محمد زمان پاڻ عربي پڙهڻ شروع ڪيو، شيخ محمد (ابوالمساڪين) ڏسندي ئي خواهش ظاهر ڪئي ته خواجه صاحب کي پنهنجو مريد ڪيان. خواجه صاحب ظاهري علم ۽ سلوڪ جا سڀ اسباب سڪي اچي خدمت ۾ حاضر ٿيو. شيخ صاحب راضي ٿيندي چيو ته ”خدائي راهه ۾ پاءُ محمد زمان مريدي جي لڙهه ۾ شامل ٿيو. ڪيس طريقت جي تعليم جو اجازو ڏنم ته شريعت ۽ طريقت تي قائم رهندو“.

پوءِ پنهنجي دستار مبارڪ لاهي خواجه صاحب جي سر تي رکيائين. ڪيس پنهنجي مسند تي ويهاري پنهنجي مريدن کي حڪم ڏنائين ته هٿ هٿ ۾ ڏيئي خواجه صاحب جي بيعت ڪريو ۽ شيخ محمد اِهو به چيو ته جيڪو سندس بيعت نه ڪندو. اهو منهنجو مريد نه آهي.

خواجه صاحب فرمايو ته: ”قديم مشائخن مان ڪنهن به اڄ تائين اهڙي قسم جو مجازو نه ڏنو آهي. جو پنهنجي جيئري هڪ مريد کي مسند تي ويهاري“. مُرشد جو حرمين وڃڻ بعد خواجه محمد زمان ڪجهه وقت سندس خانقاهه تي رهيا ۽ گهڻن ئي ماڻهن کي فيض ڏنائون. پوءِ پاڻ ٺٽي کان اچي لواري شريف ۾ رهيا.

مخدوم محمد زمان جو والد شيخ عبداللطيف نقشبندي سن 1149 هجري 1736ع ۾ هن جهان مان موڪلاڻي ڪئي. هڪ سال بعد 1150 هجري 1737ع ۾ خواجه صاحب نئون شهر آباد ڪيو. جنهن جو نالو ”لواري“ رکيائون.پاڻ لواري ۾ پنهنجي رب سان ايتري قدر ته مشغل هوندا هئا. جو ساري رات مراقبي ۾ ويهي تهجد ۽ فجر جي نماز سومهڻي جي وضوءَ سان ادا ڪندا هئا. ڪافي سارا سال ائين ئي گذاريائون. مسافرن وانگي مسجد ۾ اڪيلا ويٺا هوندا هئا. شام جي وقت گهر وڃڻ پسند ڪندا هئا. ماني کائڻ بعد وري واپس مسجد جو مُنهن ڪندا هئا. سندس فيض جي خوشبوءِ ساري مُلڪ ۾ پکڙجي ويئي، هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو اچڻ لڳا.


www.sindhsalamat.com



شهنشاهه لطيف جهڙو اولياءَ الله ۽ عظيم شاعر پيري ۾ اچي پنهنجي شاگرد جي شاگرد وٽ زيارت لاءِ آيو ۽ چورائي موڪليائينس ته اجازت ملي ته اندر اچون. خواجه صاحب خادم کي چيو ته: ”شاهه صاحب کي وڃي چئو ته هڪدم ترسو، اسين پاڻ اوهان جي استقبال لاءِ اچون ٿا“. شاهه صاحب خود هليو آيو ۽ چيائين ته:

سامي سفر هليا، ڪو پروڙي پنڌ،
جن هيٺاهان ڪنڌ، آئون نه جيئندي اُن ري.

خواجه صاحب چيو ته:

ڪين آهين، ڪين ٿيندي، وڃين ڪين ڪماءِ،
لاڳاپا لوڪ جا، ”لا“ سين سڀ لهراءِ،
سامي پوءِ سلنداءِ، ڳالهه پريان جي ڳجهه جي.

ڪافي سارن بيتن جي ڏي وٺ ٿي. ڳچ وقت روح رهاڻيون ڪيون، جڏهن شهنشاهه لطيف موڪلايو ته خواجه صاحب خليفت جي چادر ڍڪايائون، چون ٿا ته شاهه صاحب وفات محل وصيت ڪئي هئي ته: ”هي چادر مون کي ڪفن ۾ ڏجو“. پوءِ اها چادر ڪفن جي مٿان وڌائون. ۽ دفن بعد وري سندس قبر مبارڪ تي پڙ ڪري چاڙهيائون.... ميان غلام شاهه ڪلهوڙي پنهنجي ديوان خانچند جي هٿان ”لواري“ جي جاگير مخدوم صاحب کي لکت ۾ ڏياري موڪلي. مگر مخدوم صاحب وٺڻ کان انڪار ڪيو.

حضرت خواجه محمد زمان جن جي مريد مان چاليهه ڄڻا ڪمال صاحب ۽ پنهنجي وقت ۾ بي مثال هئا. انهن چاليهن مان چار ڄڻا سندن خاص خليفا هئا. جن ۾ شيخ عبدالرحيم گرهوڙي، حاجي ابو طالب اگهمي، شيخ حاجي محمد صالح، حافظ هدايت الله خواجه صاحب پنهنجو مڪان جوڙائي اُن ۾ اڪيلا رهڻ لڳا ۽ چيائون ته: ”وضو بنا ڪو به اندر نه اچي ۽ سواءِ مراقبي جي پيو نه ڪي ڪري نه ڪي ڳالهائي“. اڪثر ساري رات اُن هجري ۾ ويهندا هئا ۽ فرمايائون ته ”هر ڪنهن جمعه رات سئو ڀيرا پيغمبر صلعم تي دردو پڙهن“. سندس 2 ملفوظات: ابيات سنڌي ۽ ملفوظات باقي جون عربي شرح مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي لکيون. 4 ذوالقعد ڇنڇر 1188 هجري بمطابق 6 جنوري 1775ع ۾ 63 سالن جي عمر ۾ پنهنجي مالڪ مهربان جي ڏرتي ۾ وڃي ابدي آرامي ٿيا.

عارف ۽ عُشاق، ڀَسڻ گُهرن پرين جو،
جنت جا مشتاق، آڃا اوراهان ٿئا.




www.sindhsalamat.com

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سامي هَلَن هيڪلا، پاڻ چڏيائون پوءِ،
پُڇن لالن لوءِ، ڪُلهي ڪينَرڪين جو.

حوالا:

1. ابيات سنڌي: خواجہ محمد زمان لواري وارو
2. لطيف جا لاڙ تان پيرا محمد سومار شيخ 1986 ع
3. تذڪره مشاهير سنڌ جلد 2، 3 مولانا دين محمد وفائي ص 366
4. جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري.

## صوفي سلام الله شاهہ "ٽر ڏٽي"

(1130هہ-1183هہ)

صوفي سلام الله عرف "ٽر ڏٽي بادشاهہ" جي پيدائش 6 محرم الحرام 1130 هجري مطابق 28 نومبر 1717ع ۾ ٿي. والد صوفي شاهہ عنايت شهيد 40 ڏينهن بعد صفر ڪيو. چوندا آهن تہ الله پاڪ جي نيڪ بندن کي پهريان ئي خبر پوندي آهي. مالڪ جي پار سُتت هلڻو آهي. جڏهن حضرت صوفي صاحب جي شهادت جو وقت نزديڪ آيو، تڏهن پاڻ اندر حويلي ۾ ويا. اُن وقت شاهہ سلام الله پينگهي ۾ سمهيل هوا. پاڻ پنهنجو تاج مبارڪ لاهي مٿانئن رکي صاحبزادي کي هنج ۾ کنيائون. اُن وقت هدايت ڪيائون تہ شاهہ سلام الله جي ننڍي هوندي شادي ڪرائي ڇڏجو. شهادت کان ڪجهہ ڏينهن اڳ شاهہ سلام الله کي ناناڻن موڪليو ويو. جيڪي گجرات ۾ رهندا هئا. شاهہ سلام الله جڏهن ميرانپور واپس آيو تہ اُن وقت عمر 15 سال هئي. پاڻ جواني ۾ ئي ڪفني پائي ٺٽي ۾ شاهہ عبداللطيف ٺٽوي جيڪو وڏي ڄمار جو هو کان فيض حاصل ڪيائون. اجازت وٺي ميرانپور واپس آيا. ڪنهن کي بہ ٻڌائڻ بنا سفر جي تياري ڪري نڪري پيو. "راول" نالي فقير ڪاڌ خوراڪ پائي ڪٽي پويان هلڻ لڳو، ٽر جا گس ڏيندي جيسلمير جوڌپور کان چڪر ڪاٽيندا. "ڏيرا ٽر" ضلعي خيرپور جي پٽ (تجل شريف) کان اوپر طرف پنهنجو آستانو اڏيائون. زندگي جون يارنهن بهارون هڪ هنڌ گُذاري هاٹوڪي پٽ تي اڇي باقي ڏينهن گذارڻ جو پڪو پهہ ڪيو. پاڻ رياضت ۾ ڪافي تڪليفون برداشت ڪيون. ۽ ڪافي وقت بيخوديءَ جي عالم ۾ غرق ٿي ويندا هئا. سندن فقير ڏک تڪليف ۾ هميشہ گڏ گڏ رهيا. جڏهن پاڻ "تجل" جي بستي کي برسائڻ لاءِ فقيرن کي چيو تہ اها ڳالهہ نور محمد ڪلهوڙي کي پهتي تہ صوفي سلام الله ساڳي طرح زور وٺي ويو آهي تہ پوءِ اسان هلاڪت ۾ ايندا سين. هنن جو اصل کان ئي حسد فقير صاحبن سان



www.sindhsalamat.com

شهنشاهه لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو

هو. ڪيس شهيد ڪرڻ لاءِ تجويز سوچي. ٽي ڊبليون، زهر قاتل جون ڏنائون، جو اُهو شخص ڪٽي صوفي سلام الله وٽ جيئن ئي پهتو تہ پاڻ فرمايائون تہ "ابا جيڪا توکي امانت ملي آهي سا اسان کي ڏي". اُن شخص دهشت وچان ٽيئي ڊبليون اڳيان رکيون، پاڻ هڪ ڊبلي مان ڦڪي پريائون. ۽ هڪ ڊبلي بدن کي مليائون. ۽ هڪ ڊبلي مٿي ۾ وجهي. چادر پائي سمهي پيا. ٽن پهرن بعد اُٿي ويٺا. اهڙي حالت ڏسي اهو ماڻهو ڏاڍو شرمسار ٿيو، موٽي سموري حقيقت حاڪم اڳيان بيان ڪئي. نور محمد ڪلهوڙي جيڪا سازش ڪئي سا صوفي سلام الله ناڪام ڪري ڇڏي.

صوفي سلام الله ڪڏهن ڪڏهن شهنشاهہ لطيف جا بيت ٻڌندو هو تہ "پسند بہ ڪندو هو. ۽ دهرائيندو بہ هو". جڏهن ڪو بہ بيت مريد ٻڌندا هئا. تہ اچي صوفي سلام الله کي ٻڌائيندا هئا. شاهہ سائين جو بيت "(ٻڌندڙ ٻوڙن ڪي، ڪي هاتڪ هٿ وجهن)" پاڻ اهو بيت بہ ٽي دفعا دهرايو ۽ فرمايائون تہ: "ڪنهن جو بہ سهارو نہ وٺجي. نہ تہ اُهو سهارو ڏيندڙ پيهر مهڻو ڏيندو". پوءِ پاڻ فرمايائون تہ:

"ٻُڏندي ٻوڙن ڪي، تون هاتڪ هٿ مَ لاءِ،
سيان ائين چونداءِ، تہ اسان تو اڪاريو".

جڏهن اهو بيت شهنشاهہ لطيف کي ٻڌڻ ۾ آيو تہ پاڻ فرمايائون تہ "اهڙي عظيم انسان سان ملڻ گهرجي". پاڻ سلام الله سان جهوڪ ملڻ آيو. اُن وقت سلام الله تخيل جي دنيا ۾ ويٺل هو. ٻنهي بزرگن جي پورا ٽي ڏينهن ٽي راتيون روح رهاڻيون ٿيون. مٿين بيت تي بحث مباحثو بہ ٿيو. شاهہ سائين پنهنجي لفظن تي قائم رهيو. ٻنهي بزرگن جي رهاڻ پوري لاڙ ۾ اڄ ڏينهن تائين ڪچهرين ۾ بيان ڪري ياد تازي ڪرائي ويندي آهي. ان ڪچهري کانپوءِ صوفي سلام الله جهوڪ کان موڪلائي (تجل شريف) روانا ٿيا. "اتي هر هڻڻ دوران". آخري وصال وقت فقيرن کي فرمايو تہ اسان کي هت تجل واري پٽ دفن ڪجو، پر اسان جا عزيز اسان جو لاش ميرانپور ڪٽي ويندا.

صوفي سلام الله 25 ذوالحج 1183 هجري مطابق 22 اپريل 1770 عيسوي تي وفات ڪئي. (پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي مانجهي: ڪتاب صوفي شاهہ عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر ۾ جيڪا Ph.d ٿيسز) سال 2010ع ۾ ڇپي، وفات جو عيسوي سال 1766ع ڄاڻايو آهي. جڏهن اسان هجري سال سان عيسوي سال ڏسنداسين تہ 1183 هجري ۾ 1770 عيسوي سال بيهندو. جيڪو درست ۽ صحيح آهي نہ ڪي 1766ع.

صوفي سلام الله کي "تجل" ۾ ئي دفنايو ويو پر ڪجهہ ٿوري ئي



www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

عرصي ۾ لاش ڪيرائي جهوڪ جي سر زمين آندو ويو ۽ اُتي ئي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. سائين غلام مهدي جي بقول تہ ”صوفي سلام جا هڏ جهوڪ ۾ ۽ سڏ تجل شريف ۾ آهن“.

صوفي سلام الله جنهن جاءِ تي پهريان دفن ٿيل هو. اُن جاءِ تي هڪ ٿلهو جوڙائي ڇڏيائون. مير سهراب خان ٽالپر پنهنجي دؤر ۾ ٿلهي واري جاءِ ”تجل“ تي روضو جوڙايو. جتي صُوفي سلام الله جا تبرڪات رکيل آهن. ۽ انهي جاءِ کي ”تجل شريف“ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. ۽ هر سال 25 کان 27 ذوالحج تي ساليانو ميلو لڳرايو وڃي ٿو. هندستان پاڪستان جي صوبن: بلوچستان پنجاب (ملتان) ۽ سنڌ جا مريد گڏ ٿي سلامي پريندا آهن.

صُوفي سلام الله کان پهريان ڪو بہ سنڌي شاعر ”شهنشاهہ لطيف“ جي بيت کي نہ وراڻيو هو. صوفي صاحب ئي هو. جنهن سان ملڻ لاءِ شهنشاهہ لطيف ميرانپور (جهوڪ) ۾ مليا. ۽ روح رهاڻيون ڪيون.

حوالا:- 1. لطيف سائين جا لاڙ تان پيرا: محمد سومار شيخ:
2. صوفي شاهہ عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر: پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
3. جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري:

## ”حضرت پير سيد وارث شاهہ رحہ“

(1130هہ- 1199هہ).

حضرت پير سيد وارث شاهہ جي ولادت باسعادت 5 ربيع الثاني 1130 هجري مطابق 22 جولاءِ 1718ع ۾ سيد گُل شير شاهہ جي گهر ۾ ”ضلع شيخوپورا“ جي علائقي ”چنبديالہ شيرخان“ ۾ ٿي. (ڪلام: حضرت سيد وارث شاهہ: مولانا غلام حسن قادري: 2014ع انس پبليڪيشنز لاهور).

حضرت سيد وارث جي والد جو اسم گرامي سيد گل شير ٻتيهين پيڙهي ۾ حضرت سيدنا علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنہ سان وڃي ملي ٿو. (ڪلام حضرت وارث شاهہ: مولانا غلام حسن قادري: جولاءِ 2014: لاهور) جڏهن تہ سيد وارث شاهہ مشائخ قادريہ، سيد قطب شاهہ جو پٽ هو. (اسلامي شاهڪار انسائيڪلو پيڊيا: سيد قاسم محمود ص 1539) تي ڄاڻايو آهي.

منشي گوپال داس ”تاريخ گوجرانوالا“ ۾ بيان ڪيو آهي تہ مغل بادشاهہ اڪبر جي زماني ۾ شير خان پٺاڻ نالي هڪ شخص شاهي ملازم هو. جنهن ضلع شيخوپورا جي اٺن (8) ميلن تي هڪ ڳوٺ ٻڌو. جنهن جو نالو ”شيرڪوٽ“ رکيو ويو.

حضرت سيد وارث شاهہ ابتدائي تعليم جنديالا شير خان جي



www.sindhsalamat.com



مقامي مسجد مان حاصل ڪئي. بعد ۾ ”قصور“ شهر ۾ حافظ غلام مرتضيٰ جو ”مخدوم قصور“ جي لقب سان مشهور هو. جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. جنهن کان گهڻو ڪجهہ پرايو. جو پنهنجي استاد کي پنهنجي تصنيف ”هير وارث شاهہ“ ۾ هڪ شعر ۾ هينئن ڄاڻايو آهي تہ: وارث شاهہ جنڊيالا جي رهڻ واري ”مخدوم قصور“ جو شاگرد آهي“.

ڊاڪٽر فقير محمد فقير لکيو آهي تہ حضرت بابا بُلي شاهہ ۽ حضرت سيد وارث شاهہ ٻيئي ڄڻا حافظ غلام مرتضيٰ جا شاگرد هئا. جڏهن حافظ صاحب کي خبر پيئي. تہ وارث شاهہ ”هير“ لکي آهي تہ ناراض ٿي پيو. سيد وارث شاهہ ”قصور“ اچي پنهنجي اُستاد کي ”هير“ جا ڪجهہ شعر پڙهي ٻڌايا تہ حافظ غلام مرتضيٰ کي شعر ٻڌندي ئي مٿان وجداني ڪيفيت طاري ٿي ويئي.

حضرت سيد وارث شاهہ ڪافي ٻولين تي مهارت رکندڙ هو. جنهن ۾ عربي، فارسي، پنجابي، هندي، سنسڪرت، بلوچي، سنڌي ۽ ٻين ٻولين کي سکيو. جن تي کيس ڪافي عبور حاصل هو. طبي علم جي بہ ڪافي ڄاڻ هئي ۽ موسيقي ۾ بہ مختلف راڳن جي بخوبي ڄاڻ هئي. جنهن جو اظهار پنهنجي شاعري ۾ ڪيو آهي. پاڻ فقہ، تفسير حديث و تاريخ، تصوف و عرفان جهڙن عِلمن ۾ هميشہ بهترين ڄاڻ رکندڙ هئا. علم موسيقي علم نجوم ۽ علم طب اندر ۾ سمايل هو.

حضرت سيد وارث شاهہ ڪافي ملڪن ۽ شهرن جو سير سفر بہ ڪيو. جن ۾ حجاز مقدس. فلسطين، مصر، شام، عراق ۽ ايران جهڙن ملڪن مان سفر ڪندي برصغير پاڪ و هند جي علائقن: ڪشمير، ڪلڪتہ، آگرا، مدراس، دهلي، بمبئي، پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪافي علائقن ۾ سير سفر ڪيو ۽ روحاني فيض بہ حاصل ڪيو.

حضرت سيد وارث ”پاڪ پتڻ“ مان بيعت حاصل ڪئي، واپس اچي ڪجهہ عرصو لاهور ۾ رهيا ۽ بعد ۾ وري قصور شهر جو رخ ڪيو. قصور شهر ۾ رهڻ دوران ”ملڪہ هانس“ جو رخ ڪيو. جتي پاڻ مسجد شريف ۾ ”هير وارث شاهہ“ جي تصنيف جي لکڻ جي شروعات ڪئي ۽ اُتي ئي لکي پورو ڪيو. پاڻ ”قصہ هير رانجها“ ۾ فرمائين ٿا تہ تمام گهڻن تاريخي جاين جو سفر ڪيو. (هير وارث شاهہ) لکڻ کان پهريان. تاريخي عمارتن کي ڏٺو. جن جو تعلق اِن قصي سان هو. ”تخت هزارا“ بہ وڃڻ ٿيو. اُتي رانجهي جي مسجد ۽ غسل خاني کي ڏٺو. ۽ رانجهي جي مسجد ۾ ڪجهہ ڏينهن ”اعتڪاف“ بہ ڪيو.

پاڻ دوستن سان گڏجي ”جهنگ سيال“ بہ ويا. جتي ”هير“ جي ڳوٺ ۾ ماڻهن کان هير جي رهڻي ڪهڻي متعلق بہ ڄاڻ ورتي. هير جي ڳوٺ ۾ هڪ پوڙهي عورت (ڀاڳ ڀري) کان سموري حقيقت جي ڄاڻ ملي. جهنگ سيال



www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪنز العبرت، قمر المنير، بدرالمنير، نور الابصار، خرينہ اعظم، تفسير يوسف، هفت بهشت، غزوات، خزية الابرار، شجاعت سيد الانام خلفاءِ راشدين، سنگ نامو، ايمان مجحل ۽ مفصل، نڪاح جي ترتيب ۽ ورثو، ڪتابن ۾ شمار ٿين ٿا.

مخدوم عبدالله "نرئي" واري بزرگ تقريباً 88 سالن جي ڄمار ۾ 37/1236 هجري بمطابق 1821 ع ۾ موڪلاڻي ڪئي. سندس آخري آرام گاهہ ڪڇ طرف ڳوٺ "ستريون" ۾ آهي.

**مددي ڪتاب**

1. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي دؤر ۾ تصوف جا سلسلا: ڊاڪٽر عابد مظهر 2012ع
2. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سوانع حيات ۽ علمي خدمتون: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري سال 2006ع
3. مقالات خانائي: ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي: سال 2006ع
4. هي جز اسانهين: ڊاڪٽر اسد جمال پلي:

## "شهيد مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحہ"

(1152هہ-1192)

ڀلاري بزرگ:مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جا وڏا جيسلمير مان لڏي اچي شاهہ ڳڙهہ ۾ رهيا. ڪجهہ عرصو رهڻ بعد سنڌ جو رخ ڪيائون ۽ ڦرين ڦرين اچي راڻيپور جي بستي ۾ وارد ٿيا. خيرپور رياست جي شهر راڻيپور ۾ مخدوم سعد الله مگريو جي گهر ۾ عبدالرحيم گرهوڙي جي پيدائش ٿي. پيدائش جو سال 1152 هجري مطابق 1739 ع آهي. اِها تصديق (شمس العلماءِ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو ڪلام گرهوڙي ص -14) روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو- سال 2005ع) ۾ ڪئي آهي. عبدالرزاق راز ۽ ڊاڪٽر عبدالرسول قادري بہ "راڻيپور" جنم هنڌ ڄاڻائين ٿا جڏهن تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پيدائش جو هنڌ "واڙ" تعلقو ڪپرو ضلعو سانگهڙ ڄاڻايو آهي. جيڪو گهٽي ڀاڱي صحيح نہ آهي.

مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جو والد صاحب راڻيپور جي سرزمين ڇڏي اچي ميرپور خاص جي علائقي ۾ رهيا. گرهوڙي صاحب ظاهري علوم ميرپورخاص ۾ اچڻ بعد حاصل ڪيو. چوٽيارين جيڪو هڪ علم جو هڪ وڏو مرڪز هو. ميين محمد مبين (جنم 1100 هري) وٽان ظاهري تعليم جون سڀ منزلون حاصل ڪيون ۽ سيني ڪان اصول توڙي فروغ ۾ گوءِ ڪٽي ويو.

پاڻ ظاهري علومن سان آراستہ هوندي بہ هميشہ باطن ڏي مائل هوندو


www.sindhsalamat.com



هو ۽ خواهش هوندي هُيس تہ ڪو باڪمال روحاني بزرگ ملي تہ اُن جو دامن وٺان. هڪ روايت موجب تہ پاڻ ٻارهن مهينا شاهہ عنايت الله صوفي رحہ جي خاص خليفي ميان ابن سمي "اوڙاهہ" جي صحبت ۾ جهوڪ شريف تي گذاريائين ۽ وٽانئس گهڻو فيض پرايائين. آخر ۾ خليفي ابن سمي گرهوڙي صاحب کي چيو تہ. "اسان کان جيڪو ڀڳي سا ڪئي سون. هاڻ لنواري شريف وڃو، جتي اوهان جي عقده ڪشائي ٿيندي.

گرهوڙي صاحب لنواري جي بزرگ سلطان اولياءُ خواجہ محمد زمان لنواري جي خدمت ۾ رهي گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو ۽ بيعت بہ ڪئي جن مٿس روحاني راز پلٽيا ۽ فرمايائونس تہ: اهو سڀ قطب آهي". گرهوڙي صاحب حضرت سلطان اولياءِ جو وڏو خليفو هو. زماني جي عجائبين ۽ بي نظير هستين مان تي گذريو آهي. اُن بعد ڪيس پنهنجي وطن ڏانهن موٽي وڃڻ جو امر ٿيو ۽ پاڻ اچي ميرپورخاص ۾ رهيو. گرهوڙي صاحب علم جي زيور سان ايترو تہ سينگاريل هو. "جو سنڌ جو وڏو جيد عالم سڏيو ويو". وڏا وڏا عالم فاضل ۽ فتوائون ڏيندڙ بہ نالو ٻڌي حيران ۽ پريشان ٿي ويندا هئا. پاڻ سموري زندگي دين اسلام جي خدمت ڪندي گذاري ۽ سدائين دل ۾ شهادت جي تمنا هوندي هئي. ڪٿي ڪو غلط ڪم ٿيندي ڏسندا هئا تہ اُتي جو اُتي اُن جون پاڙون پٽي ڇڏيندا هئا.

خيرپور رياست جي ٽرواري علائقي ۾ مهاڏيو جي مڙهي هئي. اِنهي مڙهي جو بنياد 500 هجري مطابق 1107 ع ۾ پيو. ٻارهين صدي هجري جي آخر ۾ مهاڏيو جي مڙهي جو مهنت سوامي دت گرنالي هو. جو پنهنجي ننڍي ڀاءُ گرت گر جي حمايت سان وڏي هستي رکندو هو. گرهوڙي صاحب کي جڏهن غلط ڪمن جي سُڌ پيئي پاڻ لنواري واري رستي ويندي ڪن دوستن کان ٻڌو تہ ان مڙهي تي اڳي کان بہ وڌيڪ غلط ڪم ٿي رهيو آهي. سوچيائين تہ "بتخانو ڊاهڻ ضروري آهي". حاضرين مان هڪ درويش کي خواجہ گُل محمد صاحب ڏي موڪليائين تہ وڃي احوال پهچائي ۽ پاڻ پوئتي موٽيو. انهي درويش خواجہ صاحب جي حضور ۾ پهچي عرض ڪيو تہ گرهوڙي صاحب مون کي اماڻڻ وقت هيٺيون بيت روئي پڙهيو:

جنهن کن ٿوپايا ڪوڏ مان، تنهن کي ڪجاڙو؟
ماڻس ستاڙو، پڻس نالو ڪين ڪي.

خواجہ صاحب سنيهو سُڻي، ڏاڍو افسوس ڪيو ۽ فرمايائون تہ "حضرت گرهوڙي پنهنجي عمر جي پُڄاڻي ڏني آهي".

گرهوڙي صاحب وڏي آواز سان "آهي ڪو غازي جو جهاد في سبيل


www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

Gul Hayat Institute

الله ۾ سر ڏيئي". ايُانڪ نَعبُدُ و اياڪ نستعين" جا نعرا هڻڻ لڳو. گرهوڙ ڪان پهرين منزل "رڪُن ڊِليار" وٽ ڪيائون جو ڪپري ڪان 5 ميل اوپر ۾ آهي. اتي ٽيپن وٽ "سرينهن" جي وڻ هيٺ نارياٿون. مارو ۽ الياس ٽيپو پئي پائر جهاد لاءِ تيار ٿيا. الياس ڪي گهر جي سار سنڀال لاءِ ڇڏيائون. مارو ڪي ساڻ ڪنيائون، راڙ جي سيدن ۾ آيا. پر سيدن هلڻ ڪان انڪار ڪيو. ڪامل نالي ڪوري ساٿ ۾ شامل ٿيو. آخرڪار راڙ ڪان رڙهي اچي مهاڏيو جي مڙهي ڪي ويجهو ٿيا. سامي ۽ سندس پاءُ گرت گر مڙهي جا اڳواڻ سنڀاليندڙ هئا. گرهوڙي صاحب جا چار ئي شرط "سامي" قبول ته ڪيا. مجاهدن ۽ هندن جي لڙائي شروع ٿي وئي. گرهوڙي صاحب "اياڪ نعبُدُ واياڪ نستعين" واري آيت پئي دُهرائي. ايتري ۾ سامي دت گر ڪاري گهوڙي تي چڙهيل ڪتاري چيلهه سان ٻڌل ۽ نيزو هٿ ۾ لشڪر اڳيان گهوڙي کي ٽپائيندو ڪڏائيندو نظر آيو. رامڻ ٽالپر جي بندوق سان سامي گهوڙي تان ڪريو. پر هڪ ٽنگ رڪيب ۾ ڦاسي پيئي. 72 مسلمانن انهي لڙائي ۾ حصو ورتو. دشمن جا ڪي ماڻهو جن ۾ لڪاني چانهين گرهوڙي صاحب تي بندوق ڇوڙي پر بندوق ڦاٽي پيئي. بندوق اڇلي ٻڙڇيون هنيائين. ستابي گجو ترار جا ڌڪ هنيا. هنگورئي ۽ راڄڙ مٺس ڪهاڙين جي وار ڪئي.

مارو ٽيپو جڏهن هي حال ڏٺو تڏهن ڊوڙندو ڊوڙندو "ابو ابو" ڪري گرهوڙي جي مٿان اچي پيو ۽ انهن ساڳين نامرادن ڪيس ترار هڻي ماري وڌو. گرهوڙي صاحب ايڏن زخمن هوندي به ٽي ڏينهن جيئرا رهيا. سامي جي لشڪر تي اهڙي راهي مصيبت ڪڙڪي جو سڄو لشڪر ناس ٿي ويو ۽ گرهوڙي صاحب جا ڪيترائي ماڻهو شهيد ٿي ويا. پاڻ پنهنجي لشڪر کي حُڪم ڏنائون ته مڙهين کي ڊاهيو ۽ بُتن کي پڃي پورا پورا ڪري ڇڏيو. پوءِ انهي جاءِ تي مسجد نهرايائون.

گرهوڙي صاحب جي شهادت جو واقعو 1192 هجري 1778ع ۾ پيش آيو. سندس لاش مبارڪ کي (گرهوڙ شريف) جي زمين ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. شهادت وقت عمر مبارڪ 40 سال هئي.

مهاڏيو جي مڙهي واري شهر جو نالو مٽائي. "دينپور" رکيو ويو. اُتي جا مجاور اڃان به گرهوڙ درگاهه تي ايندا آهن ۽ هر سال اُتان جي "کجور نذراني طور کڻي ايندا آهن.

مير احمد خان شاهاڻي مزار مٿان مقبرو جوڙايو. گرهوڙي صاحب ڪافي ڪتاب به لکيا ۽ شاعري ۾ به پاڻ اڳيرا رهيا آهن، سندس شاعري سُرن تي مشتمل آهي.





شهنشاهه لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو

سُر ڪلياڻ، سريمن ڪلياڻ، سر رام ڪلي، سُر آسا، سُر بروو، سُر سسئي، سُر سهڻي، سُر مومل راڻو، سُر ڪاموڏ، سُر ڪيڏارو، سُر سارنگ، سُر رپ، سُر ڏهر، سُر ڪاپائتي، سُر پرڀاتي، سُر ڪارايل، سُر ڌناسري ۽ اڀيات متفرقه تي شاعري پنهنجا جوهر ڏيکاري ٿي.

گرهوڙي صاحب جي لکيل ڪتابن ۾: فتح فضل (عربي) شرح ابيات (سنڌي-عربي) رساله گل نما (فارسي). مڪتوبات (فارسي) ۽ مجموعه رسائل (سنڌي)، هن مجموعي ۾ فقه، تصوف ۽ اخلاقيات جي موضوع تي چاڻ ڏنل آهي. حقيقت محمدي وغيره سرفهرست آهن.

پاڻ شهنشاهه لطيف جي واڪاڻ ٻڌندي ٻڌو ته لطيف جي بيتن ۾ قرآن شريف سمايل آهي. تڏهن پاڻ فرمايائون ته:

آهي عبداللطيف تي، رضامندو رحمان،
جوڙي جنهن قرآن، سنڌي ۾ صحيح ڪيو.

چوٽيارين جي مدرسي ۾ مبين محمد مبين ڪيريو (وفات 1196 هجري) وٽ جڏهن شهنشاهه لطيف پهتو ته نوجوان عبدالرحيم گرهوڙي کي ڏسي، شهنشاهه لطيف پاڻ سان گڏ ويهاري رهاڻ رچائي ۽ موڪلائڻ محل گرهوڙي صاحب کي "هڪ لٺ، هڪ ترار ۽ هڪ جمني". جيڪا ڪيس هڪ ڪوهه مان ملي هئي. حوالي ڪيئي. پاڻ اِنهي ايراضي ۾ هڪ پٽ تي ويهي چلو ڪڍيو، جنهن جا نشان اڃان تائين موجود آهن. "ترار ۽ جمني" درگاهه جي گادي نشينن وٽ اڃان تائين موجود آهي.

چون ٿا ته گرهوڙي صاحب پنج شاديون ڪيون. هڪ پٽ جي اولاد ٽيس جو ننڍي هوندي ئي گُذاري ويو. چار نياڻين جي اولاد ٿي. هڪ نياڻي پنهنجي ڀائٽي عبدالله کي پرڻائي ڏنائين. باقي ٽي نياڻيون سيد حاجي قطب علي شاهه، سيد پير شاهه ۽ سيد ڪرم علي شاهه کي پرڻائي ڏنائين. انهن نياڻين مان ئي سيد گهراڻو وڌيو. جو اڄ تائين گادي نشين سيد ٿيندا پيا اچن.

"ڪلام مان چونڊ"

اڇن جي اوطاقَ، مون سارِيندي سُپرين،
مون جهڙي مشتاق، ڏِسيو لاهي ڏڪڙا. (سُر بروو).

ويهي تِير وَساءِ، ساٿيهِي سَجَڻَ جا،
سپَرَ سُورَ ڪنڍِياءِ، مَرَڻُ باس ته مِير ٿِيين. (سُر يمن ڪلياڻ)

پڙهيو سپ وسار، وسريو الف ياد ڪر،







Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

تہ سندن والد پاڻ اڳي پھريون نقشبندي ۽ پوءِ قادري طريقي ۾ داخل ڪيو. سيد محمد راشد (روضي ڌڻي) نقشبندي سلسلي جي بزرگن ۾ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحہ ۽ قادري طريقي جي رهبر حضرت محبوب سبحاني سيد عبدالقادر جيلانيءَ سان پنھنجو روحاني رشتو قائم ڪيو. سندن اولاد ”راشدي“ جي نالي سان مشھور آهي. سندس جو خاندان علم و فضل، شرافت ۽ وجاهت جي لحاظ کان سنڌ جي ناميارى خاندان ۾ سڃاتو وڃي ٿو.

سيد محمد راشد (روضي ڌڻي) جو نسبي سلسلو (36) پيڙهي ۾ سيدنا حضرت علي ڪرم الله وجهہ سان ملي ٿو، اڳ ۾ جيڪي گادي نشين گذريا تن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

”پاڳارا پيرن جي گادي جو سلسلو“

1. پير سيد صبغت الله شاهہ رحہ ثاني عرف (راجا سائين)
2. پير سڪندر علي شاهہ رحہ عرف (شاهہ مردان شاهہ ثاني)
3. پير صبغت الله شاهہ ثاني رحہ عرف (سورهيہ بادشاهہ)
4. شاهہ مردان شاهہ اول رحہ ”المقلب“ (ڪوٽ ڌڻي).
5. علي گوهر شاهہ ثاني رحہ المقلب (محفہ ڌڻي).
6. جزب الله شاهہ رحہ المقلب (تخت ڌڻي).
7. علي گوهر شاهہ اول رحہ المقلب (بنگلي ڌڻي).
8. پير صبغت الله شاهہ اول رحہ المقلب (تجر ڌڻي).
9. پير سيد محمد راشد رحہ المقلب (روضي ڌڻي).

سيد محمد راشد (روضي ڌڻي) جا اٽڪل يارنهن سئو خليفا هئا. جيڪي مختلف جڳهن تي خانقاهون قائم ڪري رشد ۽ وهدايت سان گڏوگڏ تصوف جي تند تنواريندا رهيا.

حضرت پير سيد محمد راشد (روضي ڌڻي) جمع جي ڏينهن پهرين شعبان 1233 هجري مطابق 6 جون 1818ع ۾ هن جهان مان موڪلاڻي ڪئي ۽ جسم مبارڪ کي ”رحيمڏنو ڪلهوڙو“ ۾ متي ماءُ حوالي ڪيو ويو. پوءِ علي گوهر شاهہ ”اصغر“ سندن ۽ پنھنجي والد سيد صبغت الله شاهہ جي پيتي قبرن مان ڪيرائي ڪري موجوده ”ڪنگري“ جي مقام تي دفن ڪرايو. جيڪو هاڻي ”پير ڳوٺ“ جي نالي سان مشهور آهي.

حضرت سيد محمد راشد ”روضي ڌڻي“ کي ارڙهن فرزند پيدا ٿيا. اُنهن مان چار فرزند سندن حياتي ۾ گذاري ويا. باقي چوڏهن صاحبزادن جا



شهنشاهہ لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو

نالا هيٺ بيان ڪجن ٿا.

1. سيد صبغت الله شاهہ 2. پير محمد شاهہ 3. پير هدايت الله شاهہ 4. پير محمد ياسين شاهہ 5. پير محمد بقاء شاهہ 6. پير محمد صادق شاهہ 7. پير محمد شاهہ 8. پير حامد شاهہ 9. پير محمد اسماعيل شاهہ 10. پير مهدي شاهہ 11. پير محمد احسن شاهہ 12. پيرغلام محي الدين شاهہ 13. پير مبارڪ شاهہ 14. پير شاهنواز شاهہ سندن فرزند ارجمند هئا.....

پير سائين روضي ڌڻي جي وصال کان پوءِ سندن فرزند، سيد صبغت الله شاهہ (اول) مسندنشين ٿيو. پاڻ (خليفہ الله) جي خطاب سان مشهور هئا.

پير سائين ”روضي ڌڻي“ پنھنجي گفتگو ۾: ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ ۽ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ کي سڪ سان ياد ڪندا هئا“. ۽ سندن بيت محبت سان پڙهندا هئا. هڪڙي ڏينهن مريدن مان ڪنهن شخص سندن حضور ۾ شاهہ ڀٽائي ۽ گرهوڙيءَ فقير بابت عرض ڪيو تہ: ”ڪهڙي طرح هئا“؟

پير سائين فرمايو تہ: ”شاهہ صاحب کي عشق ۽ محبت ۽ طلب جو بيحد شوق گهڻو هو“. ۽ ”گرهوڙي بزرگ وري حقيقت ۽ اسرار جا درياهہ هئا“.

سيد محمد راشد (روضي ڌڻي) سنڌ جو پهريون وڏو عالم ۽ قادري طريقي جو اڳواڻ هو. جنهن سڀ کان اڳ ”شهنشاهہ لطيف“ جي بيتن ۾ سمايل عارفانہ فڪر کي سڃاتو ۽ اُنهن کي اهميت ڏيندي پنهنجي وعظ ۽ نصيحت ۾ بيان ڪيو.

سيد محمد راشد ”روضي ڌڻي“ جي ”ملفوظات شريف“ پنهنجي اصلوڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿي. فاضل مترجم فقير قربان علي جي تحقيق موجب. ”ملفوظات شريف“ جي ڇهن حصن ۾ ”اٺويهہ سئو يارنهن“ روايتون آهن. چار مڪتوب خط، پنج وقتي وظيفا ۽ وصال بابت هڪ فصل شامل آهن. سڀ کان وڌيڪ روايتون ڪڙتي گنهور واري وڏي خليفي فقير محمود نظاماڻي جون بيان ڪيل آهن. جن جو تعداد (1093) آهي.

خليفو محمود نظاماڻي ملفوظات شريف ۾ لکي ٿو تہ: ”مان درگاهہ مبارڪ تي هوندو هئس. جڏهن فقيرن جون جماعتون ڪيترن طرفن کان اينديون هُيون تہ ڪين ڏسڻ سان ”پير سائين“ جن کي شوق ۽ ذوق غالب ٿيندو هو. منهن مبارڪ ڳاڙهو رتيءَ ورن ٿي ويندو هو. فقيرن کي وجد ۽ جوش اچي ويندو هو ۽ منجهن روح پئجي ويندو هو. پاڻ انهي وقت هي سنڌي بيت



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

فرمائيندا هئا:

پلي ڪئي پؤنرن، جي واس وڻ آئيا،
تنين کي ڪونرن، ڏنا هنڌ هيانو ۾.

حضرت سيد محمد راشد "روضي ڌڻي" جي شعر جون چند سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

جان جان جوءِ نہ پسن، جنهن لاءِ جوڳي ٿيا،
تان تان ڪاپڙين، ورهہ وهامي راتڙي.

آگم ڪيو اچن، سڄڻ ساوڻ مينهن جيان،
پاسي تن وسن، جي سپ ڇماندر سڪيون.

مددي ڪتاب: 1. سنڌ جا بَرَ، بَحَرَ ۽ پهاڙ: غلام رباني آگرو: 1997ع.
2. خانقاهہ پرچونڊي شريف جي ادبي تاريخ: ڊاڪٽر الهوسايو سومرو. 2015ع.
3. جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهور 2004ع.
4. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سوانح حيات ۽ علمي خدمتون: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري
5. شاهہ جو رسالو شاهہ جو ڪلام جلد پهريون: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: 1989ع ص 59

## "حضرت سيد محمد حسن شاهہ جيلاني"

(1193هہ- 1253هہ)

حضرت سيد محمد حسن شاهہ جيلاني جي ولادت 1193 هجري مطابق 1779ع ۾ ٿي. پاڻ شرقپور (شاهن جي وستي) جا رهاڪو هئا. سندن وڏا شاهدر لڳ "لاهور" جي نزديڪ رهن ٿا. پاڻ "سوئي شريف" جي مشهور خانقاهہ جا باني آهن. هي مشهور خانقاهہ تعلقي ڌهرڪي ضلعي گهوٽڪي ۾ واقع آهي.

سيد محمد حسين شاهہ جيلاني جڏهن سمجهدار ٿيا تہ مُرشد جي تلاش ۾ ملتان شريف، اُچ شريف، بغداد شريف ۽ مکي شريف کان مديني شريف پهتا. اُتي ڪين خواب ۾ سهڻي نبي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي زيارت نصيب ٿي ۽ ڪين سيد محمد راشد (روضي





ڌڻي) ڏانهن وڃڻ لاءِ حڪم مليو. حضرت سيد محمد راشد (روضي ڌڻي) سيد محمد حسن شاهہ جيلاني لاءِ فرمايو تہ:

"ڪجهہ خلفائن کي اُنهن جي خواهش مطابق خلافت ڏني ويئي، ڪجهہ کي مون پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان خلافت عطا ڪئي ۽ ڪجهہ کي الله تعاليٰ جو حڪم مليو تہ اُنهن کي خلافت ڏيو. هي پنجابي سيد (حضرت محمد حسن شاهہ جيلاني) منهنجي خليفن مان هِن ٽئين نمبر گروهہ سان واسطو رکي ٿو.

حضرت سيد محمد حسن شاهہ جيلاني پنهنجي مُرشد حضرت محمد راشد (روضي ڌڻي) کان فيض ورتي. حُڪم ملڻ سان (سوئي شريف) آيا. اُن وقت شرڪ ۽ بدعت عروج تي هئي ۽ ٻئي طرف انگريزن جي قابض ٿيڻ ڪري مسلمانن جي اخلاقي ديني ۽ روحاني حالت ابتڙ هئي. پاڻ ان حالت ۾ دين محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي آبياري جو ڪم شروع ڪيو: سيد محمد فاروق القادري جي بقول تہ حضرت سيد محمد حسن شاهہ جيلاني (مائي سوائي) جي درخواست تي پنهنجي مُرشد جي حُڪم تي 32/ 1231 هجري ۾ هن جاءِ تي قدم رکيو. (ص 57، 2005ع).

حضرت سيد محمد حسن شاهہ جيلاني جو نسبي سلسلو (25) پيڙهي ۾ سيدنا محي الدين شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليہ سان ملي ٿو. پاڻ شريعت جا پابند، صاحب تقويٰ وزهد ۽ عارف باالله هئا. دين جي تبليغ لاءِ اڪثر سفر ڪندا هئا.

روحاني خدمتن ۾: قرآن مجيد جي تعليم، قرآن مجيد جا حافظ پيدا ڪرڻ، ماڻهن کي راهِ حق ڏيکارڻ، غير شرعي عملن کان نفرت ۽ جهاد ڪرڻ، نشي آور شين کان پرهيز ڪرڻ شامل آهن.

"سيد احمد شاهہ بريلوي سِکن سان جنگ جوٽڻ لاءِ مالي اخلاقي ۽ افرادي مدد وٺڻ لاءِ درگاهہ سيد محمد راشد (روضي ڌڻي) تي آيو. ڪجهہ ڏينهن قيام ڪرڻ کان پوءِ سيد محمد حسن شاهہ جيلاني وٽ ملاقات ڪرڻ لاءِ "سوئي شريف" آيو ۽ ڪجهہ وقت رهيو.

حضرت حافظ محمد صديق (پرچونڊي شريف) جا بزرگ بہ حضرت سيد محمد حسن شاهہ جيلاني جي خليفن مان ذڪر لائق آهن. سندس جي ڪوشش سان درگاهہ "سوئي شريف" آباد رهندي ٿي اچي ۽ گادي نشين "سانول سائين" جي شادي ڪرائي ۽ اهڙي ريت سانول سائين جو اولاد پيڙهي بہ پيڙهي درگاهہ (سوئي شريف) جو مسندَ نشين ٿيندو پيو اچي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

حضرت سيد محمد حسن شاهہ جيلاني باني (سوئي شريف) جن جو وصال رات جي وقت 26 ذوالقعد 1253 هجري مطابق 27 فيبروري 1838 ع ۾ ٿيو.

(جڏهن تہ سيد محمد فاروق القادري ۽ ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي: وصال جي تاريخ 26 زوالقعد 1254 هجري بمطابق 1888 ع. تحرير ڪئي آهي) هجري سن ۽ تاريخ جي حساب سان عيسوي سن 1839 ع بيهڻ گهرجي. ٿي سگهي ڇپائي جي غلطي ڪري 1838 ع جي جاءِ تي 1888 ع لکيو ويو آهي.

حوالا:- 1. خانقاهہ پرچونڊي شريف جي ادبي تاريخ: ڊاڪٽر الهوسايو سومرو: سال 2015 ع، ص 54، 55، 56، 57.

2. جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري 2004 ع.

## "پير محمد اشرف شاهہ (ڪامارو شريف)"

(1214هہ- 1277هہ)

پير محمد اشرف شاهہ قريشي هڪ سٺو بزرگ شاعر ٿي گذريو آهي. پير غوث محمد شاهہ جي گهر ۾ سن 1214 هجري مطابق 1799 ع ۾ تعلقي ٺٽي باگي جي ڳوٺ ڪرم خان جمالي ۾ اک کولي. پاڻ قرآن پاڪ پڙهڻ بعد ابوالحسن جي سنڌي ڪي بہ مطالعي هيٺ رکيو. والد صاحب جيان پاڻ بہ هالن جي سيد محسن شاهہ جو ارادتمند ٿيو.

پير محمد اشرف شاهہ جڏهن بہ سفر جي تياري ڪندا هئا تہ پهريان ڪنگري ۾ پير صاحب پاڳاري جي خاندان سان سُٺا تعلقات هئا. اُتان روح رهاڻيون ڪري روهڙي ۾ فقير قادربخش بيدل جهڙي ڀلاري بزرگ سان بہ گفتگو ڪري اڄي لوءِ صاحبان ۾ ٽڪ پچيندا هئا، پرچونڊي شريف ۾ بہ روحاني ۽ صوفياڻي محفلن جا حوالا ملن ٿا. پرچونڊي شريف ۾ سندن ڪافيون، مداحون وڏي شوق ۽ ذوق سان ڳائجن ۽ ٻڌجن ٿيون. پاڻ پرچونڊي شريف کان ٿيندا. رياست بهاوالپور جو رخ ڪندا هئا ۽ ملتان شريف تائين پنهنجي سفر کي جاري رکندا هئا. بهاوالپور جي نواب محمد صادق اول سندس 700 ايڪڙ زمين نذراني طور ڏني.

انهي سفر دوران ڪافي ماڻهو مريد ۽ معتقد بڻيا. سندس ڪلام ۾ رب جي رضا تي راضي رهڻ جو سبق سمايل آهي. پاڻ پنهنجي شاعري ۾ شهنشاهہ لطيف وانگر (وحدت الوجود) جو ذڪر بہ ڪيو آٿس. سندس هڪ





ڪافي جيڪا پاڻ پنهنجي جوان پٽ جي شهادت تي چئي هئائين:

ڪافي: مچ عاشق تون، برسر جيڪا رب جي رضا.

1. ٿي شاڪر ڪر شڪر جا بڻي سا بڻي،
سا سپوئي حق جا واحد ڪي وٽي،
رهہ سدائين خوش تر، ماڻ صبر جا مزا.

(1230هجري 1815 ع) ۾ والد پير غوث محمد شاهہ جڏهن "بڪيرا" تعلقي ٺٽي الهيار ۾ وفات ڪئي تہ ڪيس جنازي کي آڻي "ڪاماري" ۾ آندو ويو ۽ اُتي ئي دفن ڪيو ويو. پنهنجي جوان پٽ کي جڏهن ڳوٺ "راڄو نظاماڻي" ويجهو شهيد ڪيو ويو تہ پاڻ قاتلن کي خون معاف ڪري پنهنجي پٽ کي بہ "ڪاماري" جي زمين ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو. انهن ڀلارن بزرگن جي ڪري ئي "ڪاماري" مان "ڪامارو شريف" سڏجڻ لڳو ۽ پاڻ ڪاماري شريف ۾ باقي زندگي جا ڏينهن الله تعاليٰ جي عبادت ڪندي گذاريا.

پير محمد اشرف جي والده جو مقبرو تعلقي ٺٽي باقي جي ديهہ "مينا" ۾ آهي. پير محمد اشرف شاهہ هڪ ڪامل ولي ۽ بزرگ کان علاوه پاڻ ڪافي مولود ۽ مداح جا بهترين شاعر هئا. سندن ڇپيل ڪلام کي 1914 ع ۾ حاجي پير خان محمد قريشي "خانقاهہ ڪامارو شريف" پاران ڇپرائي پڌرو ڪيو.

ڪاماري شريف جي هن قادر الڪلام شاعر بزرگ آچر جي رات عشاءَ وقت 14 ربيع الاول 1277 هجري مطابق 30 سيپٽمبر 1860 ع تي هن ڌرتي کي خيرآباد چئي موڪلاڻي ڪئي. ڪيس ٽنڊوالهيار جي "ڪامارو شريف" جي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

پير محمد اشرف کي هڪ نياڻي جي اولاد هئي. جنهن جي شادي پاڻ پنهنجي عزيز پير جان محمد سان ڪرائي هئي. وفات کان پوءِ پير جان محمد (درگاهہ) جا گادي نشين مقرر ٿيا ۽ مسجد جو ڪم بہ ڪرايو. پير محمد اشرف 1263 هجري 1847 ع ۾ مسجد جي تعمير ڪرائي هئي ۽ وقتن باوقتن مسجد جو ڪم ٿيندو رهيو. پير حاجي جان محمد، مسجد ۽ حال جو اضافو ڪري 1324 هجري ۾ اِهو ڪم مڪمل ڪرايو.

حوالا:-

1. تذڪره مشاهير سنده: مولانا دين محمد وفائي. سال 1991 ع.

2. خانقاهہ پرچونڊي شريف جي ادبي تاريخ: ڊاڪٽر الهوسايو سومرو Ph.d) ٿيسز: سال: جنوري 2015 ع ص 222، 223، 224، 225).

3. جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري: 2004 ع



Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جو پڙهڻ تي بار بار مجبوري ڪري ٿي.

خوش خير محمد فقير هيسباڻي (70) بهارون ماڻي 2 محرم 1294 هجري بمطابق 17 جنوري 1877ع ۾ وفات ڪري ڳوٺ ٽڳڙن ۾ مالڪ حقيقي جي حضور ۾ وڃي ابدي آرامي ٿيا. درياءَ جي پاڻ ڪري سندس لاش کي ڪيرائي "ڪرونڊي" تعلقي فيض گنج ۾ متي ماءُ حوالي ڪيو ويو. جتي هر سال 19، 18، 17 ذوالحج عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي.

خوش خير محمد فقير هيسباڻي جي ڪلام مان ڪافي:

جهلي تاب حسن جو ڏسي تجليون،
سارو جبل ويو ڪوهہ طور جليون.

تنهنجي پنبڻين جا پيڪان چوان،
اهي پالا بڙڇيون، بان چوان،
نت ابڙو سيف ايران چوان،
ڪيڏو ڪيس ڪرن ڪاريون ڪجليون.

خوش خير محمد جي وفات بعد سندس پٽ دُرمحمد کي گادي نشين مقرر ڪيو ويو. خوش خير محمد کي سچل سرمست بعد سنڌي ۽ سرائڪي جي بهترين ڪافي گو شاعرن بيدل، حمل فقير، مصري شاهہ جهڙن ڪافي گو شاعرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. سندس ڪلام جو ذخيرو 174 ڪافين تي مشتمل "ڪلام" "خوش خير محمد هيسباڻي" نالي ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي.

سنڌي سرائڪي ڪافي جون ڪجهہ سٽون:

سُهڻي صورت ويک سبحان کهون، اي جهان سارا لامڪان آيا.
جبريل سلام پيغام ڏيندا. اسان ڪلام اُتي اسلام آندا،
ڪنهن وحي دي واتون ڪو نہ سڻيا، احمد عربي دي ذوق زبان آيا.

حوالا:

صوفي شاهہ عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر: پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي مانجهي سال: 2010ع.
خانقاهہ پرچونڊي شريف جي ادبي تاريخ: ڊاڪٽر الموسايو سومرو جنوري 2015ع.
جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري.



شهنشاهہ لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو

## قادر بخش "بيدل"

(1230هـ- 1289هـ)

فقير قادر بخش "بيدل" هڪ صوفي شاعر بزرگ عالم هو، ٽالپرن جي دؤر ۾ سن 1230 هجري مطابق 1814ع ۾ ميان محمد محسن جي گهر ۾ پيدا ٿيو. پيدائشي شهر روهڙي آهي. سندس وڏا ملتان جا رهواسي هئا جيڪي اتان لڏي اچي روهڙي ۾ رهائش پذير ٿيا. بيدل سائين، حديث، قرآن، فلسفہ ادب ۽ تصوف جي تعليم باقاعده حاصل ڪيائين، سندس اصل نالو "عبدالقادر" هو.

بيدل سائين حضرت عبدالقادر جيلاني سائين جو احترام رکندي. پنهنجو نالو عبدالقادر کان قادر بخش رکيائين. سندس وڏا پاٽولڪو ڌنڌو ڪندا هئا.

سندس والد محمد محسن مير جان الله شاهہ جو مريد هو. ڪيس عرض ڪيائين تہ پٽ جي ضرورت آهي. مرشد الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ عرض رکيو جو مالڪ مهربان راضي ٿيو. جو سندس محمد محسن کي پٽ ڄائو جو دائي ڪيس اچي مبارڪ ڏني تہ پٽ ڄائو آهي. پير پيرن کان منڊو آهي. پاڻ اُن وقت مُرشد مير جان الله شاهہ وٽ ويٺا هئا. تنهن تي مير جان الله شاهہ چيو تہ "منڊو نہ چئوس، هو روهڙي جو جهنڊو ٿيندو".

بيدل سائين کي هڪ ڏينهن قلندر لعل سيوهاڻي جي سِڪ ٿي جو پاڻ روانو ٿي اچي سيوهڻ پهتو. اتان ايترو تہ فيض پرايائين جو اچڻ بعد شعر چوڻ لڳو. شعر جي ڏات پيءُ کان ورثي ۾ ملي هئي. پاڻ سيوهاڻي لعل جي شان ۾ هڪ مدح بہ چئي اٿس ۽ هڪ غزل بہ چيو اٿس. سندس عقيدت ڪيترن ئي سنڌي، فارسي ۽ سرائڪي غزلن ۾ ڏيکاري اٿس.

بيدل سائين پير ڳوٺ ۾ بزرگ ۽ شاعر پير علي گوهر شاهہ "اصغر" کي مثنوي معنوي جو درس ڏنائين ۽ بعد ۾ پريالي ۾ مخدوم محمد اسماعيل جي درگاهہ تي حاضري پري واپس روهڙي آيو. پاڻ وحدت الوجودي جو شاعر هو ۽ ڪلام ۾ بار بار "همہ اوست" جو ذڪر ڪيو آهي. صوفي بزرگن ۽ شاعرن کان تمام گهڻو متاثر ٿيو.

بيدل سائين 14 سالن جو هو تہ والد محمد محسن دارالبقا ڏي روانو ٿيو. پاڻ سير سفر ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ديدار ڪرڻ لاءِ ڀٽ شريف ويو. اتائين شاهہ عنايت الله جي زيارت لاءِ جهوڪ شرف پڻ ويو ۽ شاهہ عنايت جي باري ۾ نهايت جگر ڏاريندڙ غزل فارسي ۾ چيو آٽس. "ديوان



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944
Gul Hayat Institute

ديني غيرت ۽ جميعت، شريعت و طريقت ۾ هم آهنگي، خدمت خلق تي رکيو.

حافظ محمد صديق سڄي عمر پنهنجي مالڪ جي عبادت ڪندي گذاري. پاڻ شادي به نه ڪيائون. پنهنجي مريدن کي پنهنجي روحاني اولاد ڪري سمجهندا هئا. سادو ڪائڻ پسند ڪندا هئا. سنت نبوي مطابق "جبو مبارڪ" پائيندا هئا ۽ مٿي تي مخروط نما ڪپڙي جي نهيل ٽوپي پائيندا هئا. پرچونڊي شريف جي پوري جماعت ۾ اڄ تائين انهي لباس جي سڃاڻپ قائم و دائم آهي.

حافظ محمد صديق جي تصنيفن ۾: "رسالو سلوڪ جي": تصوف جي موضوع تي آهي. پاڻ روحاني ۽ صوفيانه اصلاحن کي رسالي ۾ آڻي. هيٺئين بيتن جي صورت ۾ ويس ڏڪايو آهي ۽ فرمائي ٿو ته:

ته جيڪي خلاصو سلوڪ جو، موقوف اِت ٿيو،
هڪ صفائي دل جي، نقش پاڪ پيو.

ملفوظات شريف: حافظ محمد صديق جا ملفوظات فارسي ۾ مولوي محمد شريف جمع ڪيا. اصل قلمي نسخي جو سڀ کان پهرين اردو ۾ "جام عرفان" جي نالي سان سيد محمد فاروق ترجمو ڪرايو ۽ سنڌي ۾ ترجمو 2008ع ۾ ڊاڪٽر عبدالوحيد انڊڙ "ملفوظات مالڪان المعروف گنجينئه عرفان" جي نالي سان ڪيو.

چاليهه حديثون، ڪنزالامت (مجموعه حديث): حافظ محمد صديق جو هي 66 منتخب حديثن جو مجموعو فارسي ترجمي سان آهي. علامه مير حسان الحيدري حديثن جي هن مجموعي کي "ڪنز الامت" جو نالو ڏنو آهي.

حافظ محمد صديق پرچونڊي جي فيض مان لکين ماڻهن فيض پرايو جيڪي وقت جا وڏا علماءِ مفتي ٿي گذريا آهن: حضرت حافظ محمد عبدالله المعروف هادي سائين، حضرت مولانا غلام محمد دينپوري، حضرت مولانا سيد تاج محمد امروٽي، حضرت مولانا عبدالغفار (خانگڙهه شريف) جليل القدر جهڙا بزرگ سرفهرست آهن.

حضرت حافظ محمد صديق 74 سالن جي عمر ۾ 10 جمادي الثاني 1308 هجري مطابق 21 جنوري 1891ع تي هن فاني جهان مان موڪلائي ڪري وڃي ابدي آرامي ٿيا. سندس وصيت مطابق مسجد شريف جي ڏاکڻي طرف ٿلهي تي (پرچونڊي شريف) ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. ٻن سالن بعد







1310 هجري مطابق 1893ع ۾ سجاده نشين حافظ محمد عبدالله مزار مبارڪ مٿان عاليشان روضو تعمير ڪرايو.

حافظ محمد صديق جي وفات بعد پرچونڊي شريف جو پهريون گادي نشين سندس پائٽيو حافظ محمد عبدالله المعروف (هادي سائين) کي ڪيو ويو. ڇو ته حافظ محمد صديق پنهنجي مُرشد جيان شادي نه ڪيائون، ان ڪري ڪو به اولاد نه هو. سندس پائٽيو حافظ محمد عبدالله کي وصال کان هڪ سال اڳ ۾ پنهنجي جماعت جي باري ۾ محبت ۽ شفقت سان اچڻ جي تاڪيد فرمائي هئائون ۽ کيس ظاهري باطني جي تعليم ۽ تربيت به ڏنائون ۽ شادي جو احتمام به حافظ محمد صديق خود ئي ڪيو هو. حافظ محمد عبدالله کي هڪ پٽ جي اولاد عطا ٿي جنهن جو نالو حضرت پير عبدالرحمان عرف پورل سائين رکيو جو والد جي وفات بعد گادي نشين مقرر ٿيو.

حافظ محمد عبدالله جو جنم 1283 هجري مطابق 1866ع ۾ ٿيو ۽ پاڻ 38 سال گادي تي فائز رهيا. اڱاري جي رات 25 رجب 1346 هجري مطابق 18 جنوري 1928ع ۾ 63 سالن جي عمر ۾ موڪلائي ڪئي. کيس حافظ محمد صديق جي مزار پرسان جاءِ ڏني ويئي. وفات بعد سندس پٽ حضرت پير عبدالرحمان عرف پورل سائين گادي جا ٻيو نمبر سجاده نشين مقرر ٿيا. حضرت عبدالرحمان عرف پورل سائين جي پيدائش 1310 هجري بمطابق 1892ع ۾ ٿي. روحاني ۽ باطني فيض پنهنجي والد حافظ محمد عبدالله کان حاصل ڪيو. حضرت مولانا احمد سائين (درگاهه خانگڙهه شريف) پنهنجي هٿن مبارڪن سان حضرت پورل سائين کي ٽئين ڏينهن تي درگاهه پرچونڊي شريف جي گادي تي ويهاري دستاربندي جي رسم ادا ڪئي.

حضرت پير عبدالرحمان عرف پورل سائين 9 جمادي الاول 1380 هجري مطابق 30 آڪٽوبر 1960ع تي آچر ڏينهن وفات ڪئي ۽ والد پرسان روضي اندر مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

درگاهه پرچونڊي شريف جو ٽيون سجاده نشين حضرت پير عبدالرحيم شهيد (جنم 1330هه 1912ع) مقرر ٿيو. پاڻ قرآن پاڪ جا 15 سيپارا حفظ ۽ 15 سيپارا ناظره پڙهيا. پاڻ 10 جمادي الاول 1380هه مطابق 31 آڪٽوبر 1960ع تي ٽيون نمبر گادي نشين مقرر ٿيا. والد صاحب کان ئي خرقو خلافت عطا ٿيو. هن صوفي درويش کي 21 سيپٽمبر 1971ع مطابق







Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مولانا امروٽي دين جي تبليغ ۽ اشاعت لاءِ وڏا ڪم ڪيا. قرآن پاڪ جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيائون. جنهن جو نالو ”الهام قرآن“ رکيائون. مولانا جي ڪيل ڪم ايترو تہ رنگ لاتو جو هزارن لکن جي تعداد ۾ اچي غير مسلم مسلمان ٿيا. پاڻ سنڌي ٻولي جا بهترين شاعر هئا. سندن شاعري ۾ ”حسن“ کي تخلص طور قطب آندو.

مولانا امروٽي ٽي شاديون ڪيون صرف هڪ پٽ جي اولاد عطا ٿي. جنهن جو نالو ”حسن شاهہ“ رکيو. حسن شاهہ 12 سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. مولانا پنهنجي سڪيلڌي پٽ جي جدائي سبب پنهنجو شاعري ۾ تخلص ”حسن“ کي ترجيح ڏني.

1. ”سورة ياسين“ ۽ ”سورة رحمان“ جو سنڌي ۾ منظوم ترجمو ڪري. قادري پريس محمود المطابع امروٽ مان ڇپرايائون ۽ ماهوار سنڌي رسالو ”هدايت الاخوان“ بہ جاري ڪيو ويو. سندس مڪمل رسالو (عرفان امروٽي عرف ڪليات) شايع ٿيل آهي.

2. حضرت مولانا تاج محمد امروٽي ”يوسف زليخان“ جي قصي کي ”پرت نامو“ جو نالو ڏيئي. مثنوي جي صورت ۾ لکيائين ۽ پنهنجي مرشد حافظ محمد صديق (ڀرچونڊي شريف) جي شان ۾ بہ ڪوڙ سارا بيت چيائين سندس چيل شاعري مان هڪ بيت نموني طور ڏجي ٿو.

جڏهن پاڻ پيدا ٿيو. عالم ٿيو اظهار،
طه ياسين تنهنجي شان ۾، نازل آهن نروار،
ايڏو اجهو آسرو، اُمت جو آڌار،
جائي تنهين جام جي، ڀڳا ڪوٽ ڪفار،
حامي هن ”حسن“ کي ڏيو دلاسو دلدار.

3. مولانا تاج محمد امروٽي 72 سالن جي عمر ۾ 5 نومبر 1929ع مطابق 3 جمادي الثاني 1343 هجري تي هن فاني جهان مان موڪلاڻي ڪئي.

حضرت مولانا امروٽي صاحب، حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي شان ۾ مان تان قربان ٿيندي شاعري ۾ هن ريت اظهار فرمايائون تہ:

تُنهنجي عشق اُتاريا خيال سندا، سنڌي سامان ڪنا،
جند جان جُثو، مڏيون مال سڃا، قربان لکين هڪ مان نہ رڳو.
پاڻ هڪ هنڌ وري هينئن ٿو فرمائي.


www.sindhsalamat.com



سڄڻ جي سُونهن کي پڌرو، اکين دل سان ڏسڻ گهُرجي،
پيائي کي ڇڏي هڪدم، هِڪائي هڪ ٿيڻ گهُرجي.

حوالا:-

1. (خانقاهہ ڀرچونڊي شريف جي ادبي تاريخ: ڊاڪٽر الهوسايو سومرو)
2. انسائيڪلو پيڊيا پاڪستانيڪا: سيد قاسم محمود: 1998 ص-187).
3. (جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري).

## ”خواجہ غلام فريد“ (سرائڪي بزرگ شاعر)

(1261هہ-1319هہ)

خواجہ غلام فريد جو جنم ديرا غازي خان جي سر زمين ڳوٺ مٺڻ ڪوٽ (چاچڙان شريف) ۾ 26 ذوالقعد 1261 هجري بمطابق 26 نومبر 1845ع ۾ ٿيو. جڏهن پاڻ چئن سالن جو ٿيو. 1849ع ۾ والده بہ وفات ڪري ويئي. والد صاحب جو نالو مولانا خدابخش المعروف حضرت محبوب الاهي هو. مولانا خدابخش سُتت ئي 1853ع مطابق 1269 هجري ۾ هن فاني دنيا مان رحلت ڪئي پوءِ سندس پرورش وڏي ڀاءُ غلام فخر الدين ڪئي ۽ خواجہ غلام فريد کي مُرشدي جو سڳو بہ وڏي ڀاءُ غلام فخر الدين ٻڌو. خواجہ غلام فريد جو تاريخي نالو خورشيد عالم رکيو ويو. پر خواجہ غلام فريد نالي سان شهرت ملي. 8 سالن جي عمر ۾ قرآن مجيد جي مڪمل تعليم ڪرڻ کانپوءِ عربي ۽ فارسي ۾ ثانوي تعليم شروع ڪئي. پاڻ ننڍي هوندي کان ئي ذهين ۽ هوشيار هئا. نواب صادق محمد خان والي رياست بهاولپور سندس خاندان جو ابن ڏاڏن کان عقيدتمند هو. سندس پراسرار خواهش تي خواجہ غلام فريد پنهنجي مامي غلام محمد ۽ استاد مولانا قائم الدين سان گڏجي نواب صادق وٽ پهتا. نواب صاحب سُٺي خدمت چاڪري ڪئي ۽ دعاءِ فيض ورتو.

ماءُ ۽ پيءُ کان پوءِ سندس جو سهارو وڏو ڀاءُ مولانا غلام فخر الدين بہ 1288 هجري بمطابق 1862ع ۾ هن جهان کان موڪلاڻي ڪئي. خواجہ غلام فريد جي 18 ورهين جي هن عرصي ۾ سندس وڏي ڀاءُ جي موت جهوري وڌو. پنهنجي ڀاءُ جي وفات کانپوءِ مسند سنڀالڻو پيو. 28 ورهين ۾ دنيا کان علحدگي اختيار ڪري شهنشاهہ لطيف وانگي جيئن پٽ کي وسايو، تيئن غلام فريد روهي جي جهنگ ۾ پرسڪون دڙي کي


www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پنھنجو آستانو ٺاھيائين. زندگي جا پورا 18 سال ھڪئي جڳھہ تي رياضت ۽ عبادت ۾ گذاريائين. ھڪ سئو ڪان وڌيڪ ماڻھن سان گڏ 1292 ھجري 1875 ع ۾ خواجہ غلام فريد کي حج جي سعادت نصيب ٿي. پاڻ قافلي جي صورت ۾ ملتان ڪان لاھور، لاھور ڪان دھلي ۽ دھلي ڪان اجمير شريف. ممبئي رستي عربستان ويا. پاڻ مختلف شھرن ۾ پنھنجي مريدن سان ھر شھر ۾ عظيم ھستين جي مزارن تي حاضري ڏني ۽ ملاقاتون ۽ روح رھاڻيون ڪيون. انھي سفر دوران پنھنجي ڪنھن بہ مريد کي خرچ ڪرڻ نہ ڏنو. خود خرچ برداشت ڪيائين. اُن وقت ۾ بہ 36 ھزار روپيا رستي جو خرچ آيو. حج تان واپس اچڻ بعد باقي زندگي جا ڏينھن مٺڻ ڪوٽ ۾ گُذاريائين.

حياتي جي آخري ڏينھن ۾ مٺن پيشابن جو مرض ٿي پيو ۽ خارش جي ڦرڙين جي جھوري وڌو. تان جو ھن سرائڪي زبان صوفي شاعر بزرگ سال 1901 ع ۾ جولاءِ جي 24 تاريخ ۽ ربيع الثاني جي 7/6 تاريخ 1319 ھجري ۾ 56 سالن جي عمر ۾ ھن فاني دنيا ڪان موڪلاڻي ڪئي. سندس قبر مبارڪ مٺڻ ڪوٽ ۾ آھي. جتي ھر سال 3 ڏينھن عرس مبارڪ وڏي ڌام ڌوم سان ملھايو ويندو آھي.

سندس والد صاحب مولانا خدابخش کي جيئن، اردو، پنجابي، سنڌي، سرائڪي، فارسي ۽ عربي ٻولين تي خاصو عبور حاصل ھو. تيئن خواجہ صاحب پنھنجي ڪلام ۾ سنڌ ۽ سنڌي ثقافت کي سھڻي انداز ۾ شاعري جو روپ ڏنو آھي. رياست ٻھاولپور جو والي نواب صادق محمد خان (چوٿون) سندس مريد ھو.

بلوچستان جو سردار نواب قيصر خان مگسي، خواجہ غلام فريد جو وڏو عقيدتمند ھو. ھُو جڏھن بہ خواجہ صاحب سان ملڻ ايندو ھو تہ سنڌ جا راڳي ۽ وڄتا پاڻ سان گڏ وٺي. سندس حاضري ۾ شريڪ ٿيندو ھو.

خواجہ غلام فريد جي ڪلام ۾ 271 ڪافيون آيل آھن. جيڪي وچوڙي جي آلاپ ۾ چيون اٿس. سندس ڪلام ۾ شاھہ لطيف جي ھڪجھڙائي نظر اچي ٿي. سندس صوفين جيئن ھڪ ئي خيال نظر ايندو ھو. پاڻ ھڪ ھنڌ ھيئن فرمائي ٿو.

ھر صورت وچ يار دا جلوہ ڪيا آسمان زمين،
احدا ھابڻ احمد آيا موھين چين بچين.



www.sindhsalamat.com



خواجہ غلام فريد بہ شاھہ سائين جيئن ”سسئي“ کي پنھنجي ڪلام ۾ وڌيڪ ڳايو آھي. 66 ڪافيون پنھنجي ڪلام ۾ سسئي کي نروار ڪن ٿيون ۽ ڪلام ۾ (5) ڪافيون مومل راڻي واري قصي لاءِ وقف ڪري ڇڏيون اٿس.

**حوالا:-**

اسلامي شاھڪار انسائيڪلو پيڊيا سيد قاسم محمود ص 1241)
شاھہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ پاڪستاني ٻولين جا صوفي شاعر: ڪمال جامڙو طارق عزيز شيخ نومبر 1998 ع.
جوھر تقويم: ضياءَ الدين لاھوري.

## ”صوفي رڪيل شاھہ“

(1262ھہ-1359ھہ)

صوفي سيد رڪيل شاھہ جو جنم 18 ربيع الاول 1262 ھجري بمطابق 15 مارچ 1846 ع ۾ ٿيو. والد صاحب جو اسم گرامي ميان نور محمد شاھہ ھو. جيڪو بلوچستان جي ڳوٺ حليم شاھہ تعلقي ميرپور جو رھاڪو ھو. سيد نور محمد شاھہ ڪجھہ عرصو رھڻ بعد باقي زندگي جا ڏينھن درگاھہ فتح پور (گنداوا) ۾ اچي گذاريا. صوفي رڪيل شاھہ بہ ننڍپڻ جا ڏينھن فتح پور ۾ گذاريا. 8 سالن جي عمر جا ٿيا تہ قرآن پاڪ جي تعليم لاءِ مولوي وٽ ويھاريو ويو. جتي پاڻ قرآن پاڪ جي تعليم ڪان علاوہ عربي ۽ فارسي جي تعليم بہ حاصل ڪئي. 14 سالن جي عمر ۾ جرڳي جي رڪنيت مليس. سندس خاندان ۾ عزيز شاھہ، ميان اول شاھہ ۽ ميان عبدالنبي شاھہ بہ نالي وارا بزرگ ٿي گذريا آھن.

سيد رڪيل شاھہ کي پنھنجي وڏي ڀاءُ عبدالنبي شاھہ چيو تہ ”اسان کي تلقين ڪرڻ جو امر ڪونھي تنھن ڪري پنھنجي امانت حاصل ڪرڻ لاءِ شاھہ عنايت شھيد جي درگاھہ (جھوڪ شريف) وڃي پنھنجي امانت حاصل ڪر“.

ميان عبدالنبي ڪجھہ ڏينھن بعد ئي گذاري ويو. رڪيل شاھہ چوٿين ڏينھن تي ٽيجھي جي رسم پوري ڪري جھوڪ شريف ڏانھن روانو ٿيو. روھڙي ۾ جان الله شاھہ رضوي جي درگاھہ تي حاضري ڀري پوءِ پنھنجي مُرشد جي مڪان طرف روانو ٿيو. جھوڪ جي درگاھہ تي پھچي گادي جي مسند تي ويٺل عبدالستار صوفي جي ھٿ تي بيعت ڪري ذڪر جو ورد



www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ورتائين. ڪجهہ عرصو رهڻ بعد مُرشد جي فيض مان فيضياب ٿي واپس فتح پور پهتو. مالڪ جي رياضت ۽ عبادت ۾ زندگي گذارڻ لڳو. سندس روح جي رمز ۽ حق جي طلب شاعري مان نمايان نظر اچي ٿي. پاڻ سنڌي، سرائيڪي، بلوچي ۽ فارسي ۾ شاعري ڪئي.

ميرانپور جا مگتا، ڪر پرين جي پچار،
دست وتم دلبر جو، اجهي عبدالستار،
سڪ پڄايم سندرو، ڏينهن چڱي ڪنهن وار،
اندر ۾ هو جي تند تنوار، "رڪيل" اٿم نئون نئون يار جي.

"سرائڪي ڪافي"

هر مظهر وچ يار يگانا، صورت بشري اندر دا ترت تڙاوڻ،
صوفي صاف تي رند سڏاوڻ، مار طبل شاهي اعليٰ شان،
بانگ الستي تي جسم جڳايا، حال "رڪيل" اهو فيض هلايا،
عبدالستار ٿي سر سمجهايا، محنت پاڄهون نهين عشق آسان.

صوفي رڪيل شاهہ کي چئن پٽن جي اولاد ٿي. 1. سخي عبدالغني شاهہ 2. محمد ڪامل شاهہ 3. صوفي معصوم شاهہ 4. صوفي سائين چيزل شاهہ.

سيد صوفي رڪيل شاهہ 97 سال جي عمر ۾ 1359 هجري مطابق مئي 1940ع ۾ وفات ڪئي. سندن آخري آرامگاهہ "فتح پور" بلوچستان ۾ آهي.

حوالا:- 1. ياد رفتگان: مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ: پيو ڇاپو 1994ع ص 120- 121).
2. صوفي شاهہ عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر: پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي مانجهي. 2010ع. ص 523، 524، 525)
3. جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري 2004ع.

## حضرت پير سيد مهر علي شاهہ رحہ

(1275هہ- 1354هہ)

حضرت پير مهر علي شاهہ (گولڙا شريف) جن جي ولادت باسعادت پهرين رمضان المبارڪ 1275 هجري بمطابق 14 اپريل 1859ع سومر تي ٿي. والد صاحب جو اسم گرامي پير سيد نذر دين شاهہ (اجي صاحب) هو.





پوٺهاري زبان ۾ والد کي "اجي" چيو ويجي ٿو. پاڻ (اجي صاحب) جي لقب سان مشهور هئا.

پير نذر دين شاهہ هڪ جيد عالم ولي الله هو، پنهنجي سموري زندگي الله تعاليٰ جي عبادت ڪندي گُذاري. سندس نسبي سلسلو 25 واسطن سان غوث الاعظم رحمة الله عليہ ۽ 36 واسطن سان حضرت امام حسن رضي الله تعاليٰ عنہ سان ملي ٿو.

حضرت پير مهر علي شاهہ چئن جي عمر ۾ عربي جو پهريون قاعدو پڙهڻ شروع ڪيو. تقريباً هر وقت پڙهڻ سان لڳاءُ هوندو هو. هڪ دفعي پاڻ خانقاهہ جي پر ۾ جهاڙين ۾ وڃي قاعدو ڪڍي سبق ياد ڪري رهيا هئا. گرمي جي موسم هئي. اُتي ئي ننڊ اچي ويئي. اتفاق سان پير سيد فضل دين شاهہ نماز ظهر جو وضو ڪري رهيا هئا. جڏهن ٻاهر نڪتا تہ نذر وڃي پير مهر علي شاهہ تي پيئي. جو قاعدو سيني تي پيل هو ۽ ننڊ ۾ هئا. ڪڻائي گهر پهچايو. پير مهر علي شاهہ جو شوق شروع کان ئي تعليم سان هو. ۽ پنهنجي رب کي ننڍي عمر کان ئي ريجهائڻ شروع ڪيو.

پير مهر علي شاهہ "مدرسي" ۾ مڪتبي تعليم دوران ئي روزي ۾ رهندا هئا ۽ سخاوت جا ڪوڏيا هئا. پاڻ پڙهڻ کان علاوه ٻارن کي وري پڙهائيندا بہ هئا. پاڻ پوءِ شڪر ڪوٽ ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. ڏينهن جو انگ شريف پڙهڻ ويندا هئا. ۽ شام جو "شڪرڪوٽ" ۾ ٻارن کي سبق ياد ڪرائيندا هئا. هڪ ئي وقت (شاگرد ۽ استاد) رهيا.

پير مهر علي شاهہ جي شڪر ڪوٽ ۾ هڪ درويش بزرگ بابا نور ماهي سان ملاقات ٿي. بابا نور ماهي هر يارهين شريف تي حضرت غوث الاعظم رحمة الله عليہ جي نالي هڪ دنبو ذبح ڪندو هو. هڪ دفعي جڏهن پاڻ دنبو وٺي رستي ۾ اچي رهيا هئا تہ اُن دُنبي سان وري لاڏ ڪوڏ بہ ڪري رهيا هئا. پير مهر علي شاهہ اهو لڪاءُ ڏسي هلڪي سيٽي وڄائي تہ بابا نور ماهي مخاطب ٿيندي چيو تہ "اي منهنجي محبوب جا دُنبا" تہ پير مهر علي شاهہ پاڻ اُن کي ڏسڻ لڳا. ايتري ۾ بابا نور ماهي خلوص محبت واري لهجي ۾ چيو تہ:

"جو انسان علم حاصل ڪرڻ جي بعد ڪجهہ تقسيم نہ ٿو ڪري
اُهو اُن وڻ جيئان آهي جيڪو ميوو نہ ٿو ڏي".

انهي محبت پرين لفظن مان پير مهر علي شاهہ تي بيحد اثر ٿيو. پاڻ



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

”انگہ شريف“ ۾ مولانا سلطان محمود رحہ جي مدرسي ۾ ابتدائي سال رهيا. حصول علم حاصل ڪيو ۽ خوش نويسي سکڻ لاءِ منشي غلام احمد ساڪن وٽ رهي سکڻ جو شوق حاصل ڪيو. مُنشي صاحب کي خوش نويسي ۾ خطن لکڻ تي تمام گهڻو عبور حاصل هو. پير مهر علي شاهہ ”علي ڳڙهہ“ ۾ بہ پڙهڻ ۾ مصروف رهيا ۽ سهارن پور ۾ سندس قابليت ۽ ذهانت ڏسي وڏا علماءَ ڪرام اچي بحث مباحثو ڪندا هئا. پاڻ مولانا احمد علي رحمة الله عليہ کان بخاري شريف ۽ مُسلم شريف ٻنهي جي سَند حاصل ڪئي. اُن وقت عمر 20 سال هئي ۽ 1295 هجري 1878ع سال هو. ننڍي عمر ۾ تمام وڏي درجي تي پهچي چڪا هئا.

پاڻ پنهنجي استاد حضرت مولانا احمد علي رحہ کان حديث جي سَند حاصل ڪرڻ ۽ اجازت ملڻ بعد گهر واپس آيا. ۽ ”گولڙا شريف“ جي مسجد ۾ درس ۽ تدريس جي عمل کي شروع ڪيو. (50) جي قريب شاگردن ديني تعليم حاصل ڪئي. پاڻ حضرت خواجہ شمس الدين سيالوي رحمة الله عليہ جي هٿن تي دست بيعت جي اعزاز سان خلافت جو فرقو حاصل ڪيو. پاڻ خواجہ شمس الدين سيالوي جا آخري خليفا هئڻ جو بہ اعزاز حاصل ڪيو. خواجہ صاحب پنهنجي سڀني شاگردن مان وڌيڪ پير مهر علي شاهہ کي عقيدت ۽ احترام سان ڏسندا هئا ۽ ڪافي سارن اعزازن سان نوازيو. خواجہ صاحب جي هوندي ڪنهن کي بہ اجازت نہ هئي تہ ڪنهن ٻئي جي هٿ تي بيعت ڪئي وڃي. خواجہ شمس الدين سيالوي جي باقاعده حڪم تي هزار جي قريب معروف عالم مولوي سيد احمد بہ ”سيال شريف“ ۾ حضرت پير مهر علي شاهہ جي هٿ تي بيعت ڪئي. ڪافي سارا عقيدت مند حضرت پير مهر علي شاهہ کي قدر منزل عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا. انهي درگاهہ سان شاگرد ۽ استاد جو رشتو قائم ۽ دائم رهيو ۽ پير مهر علي شاهہ جي استاد مرشد خواجہ شمس الدين سيالوي رحمة الله عليہ 24 صفر 1300 هجري بمطابق 4 جنوري 1883ع تي انتقال ڪيو.

پير مهر علي شاهہ ڪافي ڪتاب بہ لکيا: جن ۾ تحقيق الحق في ڪلمة الحق، اعلاءِ ڪلمة الله، خطن ۽ تحريرن جو مجموعو ”مڪتوبات طيبات“ شايع ٿيا.

1307 هجري 1890ع پاڻ حج بيت الله جي زيارت ڪئي. خواجہ



www.sindhsalamat.com

شهنشاهہ لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو

عبدالرحمان بہ گڏهو. حضرت پير مهر علي شاهہ جي ننڍي ڀاءُ پير ملايت شاهہ کان روايت آهي تہ هڪ دفعي شادي جي تقريب ۾ پهچڻ لاءِ ريلوي استيشن پهچڻو هو. مڪمل تياري ٿي چُڪي هئي. مگر پير مهر علي شاهہ واپس گُهرايو ۽ چيائين تہ اِن گاڏي ۾ نہ وڃو. ڏاڍو زور ڀريو ويو مگر وڃڻ کان روڪيائين. آخرڪار اُها ريل گاڏي هلي وئي ۽ لالا موسيٰ جي قريب هڪ ٽرين سان ٽڪرائجي وئي ۽ ڪافي سارو نقصان ٿيو ۽ بعد ۾ ئي سچي حقيقت جي وجہ معلوم ٿي وئي.

هڪ دفعي اراتمند بيان ڪندي فرمايو تہ جڏهن هو روس ۾ هيو تہ خواب ۾ پير مهر علي شاهہ رحمة الله عليہ جي زيارت نصيب ٿي. ۽ پاڻ فرمايائون تہ: هانگ ڪانگ ۾ تنهنجي گهران چوري ٿي آهي. اُنهي وقت سفارتخاني جي معرفت گهر رابطو ڪيو تہ معلوم ٿيو تہ واقعي چوري ٿي وئي آهي. پر ڪجهہ ڏينهن بعد سامان واپس مليو. سفارتخاني جو پورو عملو حيران ٿي ويو.

حضرت پير مهر علي شاهہ 29 صفر المظفر 1356 هجري بمطابق 12 مئي 1937ع تي شام جي وقت گولڙا شريف ۾ وفات ڪئي.

ٻئي ڏينهن ربيع الاول جي پهرين تاريخ تي شام جو ساڍي ڇهين بجي مولانا مولوي قاري غلام محمد جنازي نماز پڙهائي جنازي نماز ۾ تقريباً پوڻا ٻہ لک ماڻهو شريڪ ٿيا، اِن موقعي تي محڪمہ ريلوي اسپيشل ٽرينون هلايون جو ڪافي تعداد ۾ مريد اتي جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيا.

پير مهر علي شاهہ جي وصال کان پوءِ سندس پٽ پير غلام محي الدين المعروف ”بابوجي“ رحمة الله عليہ جي خواهش تي مدينہ منوره جي نقشي تي روضو تعمير ڪرڻ جي شروعات ڪرائي. مسجد شريف جي ٿلهي جي برابر ڪيو ويو. ڪجهہ ماڻهن کي پاڻ خواب ۾ ارشاد فرمايو تہ مون تي بوجھ چو وڌو ويو آهي. پوءِ پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري شام وقت تابوت کي 6 فوٽن تي رکيو ويو، جو تہ پهريان 20 فوٽ تابوت هيٺ ٿي چڪو هو.

شام جي وقت تابوت نڪرڻ وقت ايتري تہ خوشبوءِ فضا ۾ ڦهلجي وئي جو ڪافي ڳوٺن جا ماڻهو رات جو اچي گڏ ٿيا.بزرگ مهر علي شاهہ جي روضي مبارڪ جي تياري ۾ 20 سال لڳا. سنگ مر مر سان روضو تعمير ڪيو ويو. سنگ مر مر جوڌپور رياست مڪرانہ مان گهرايو ويو. حضرت پير غلام محي الدين المعروف (بابوجي) جي ولادت 1309 هہ ڊسمبر 1891ع ۾ ٿي ۽



www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

وفات پهرين جمادي الثاني 1394 هه مطابق 22 جون 1974 ع ۾ ٿي. سندس کي والد صاحب سان گڏ رکيو ويو.

حوالا:- 1. سيرت حضرت پير مهر علي شاهہ: مولانا ناصر حسين قادري عطاري سال 2014 ع لاهور).
2. (اسلامي شاهڪار انسائيڪلوپيڊيا: سيد قاسم محمود)
3. (انسائيڪلوپيڊيا پاڪستانيڪا: سيد قاسم محمود ص: 784)
4. (جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري).

## "محمد محسن بيڪس"

(1275هه- 1298هه)

بزرگ شاعر فقير قادر بخش "بيدل" جو فرزند فقير محمد محسن (بيڪس) جو جنم 28 جمادي الثاني 1275 هجري بمطابق2 فيبروري 1859 ع ۾ روهڙي ۾ ٿيو. هن پنهنجي استاد آخوند عبدالله کان تربيت حاصل ڪئي. جيڪو پنهنجي وقت جو هڪ وڏو مدبر عالم ۽ بزرگ هو. بيڪس پنهنجي والد صاحب کي مرشد ڪري. هنن لفظن ۾ ظاهر ڪيو آهي. جڏهن سندن وفات ٿي:

بيدل مُرشد منهنجو، سائين غريب نواز هو،
بيڪس خادم دَرَ جي کي، عشق جو آغاز هو.

جڏهن "بيدل" سائين وفات ڪئي تہ اُن وقت بيڪس جي عمر 14 سال هئي. بيڪس پنهنجي شاعري ۾ حسن ۽ عشق جي رازن کي تمام سهڻي نموني ۾ شاعري جو روپ ڏيئي پيش ڪيو آهي. حقيقت ۾ 23 سال ٿورڙي عرصي ۾ جيڪا هن اسان کي شاعري ڏني آهي. سا بهترين ڪمال درجي جي آهي. سندس شاعري ڏوهيڙن ۽ ڪافين تي مشتمل آهي. بيڪس پنهنجو پاڻ کي تمام صاف سٿرو رکندو هو. ايتري قدر جو ڏينهن ۾ بہ ٽي دفعا تيل ڦليل سان وهنجندو هو. سنڌ جي سُجاڻ پٽڪو سندس ايترو تہ پسند هو جو پائڻ ۾ اُن کي وڏي ترجيح ڏيندو هو ۽ مٿي تي سدائين پاتل رهندو هو. گلابي ۽ مڪس رنگ جي پٽڪي کي گهڻو ٽڪو استعمال هيٺ آڻيندو هو. ملتاني گهيتلو بہ پيرن جي سونهن هئي. پاڻ گهٽ ڳالهائڻ کي ئي پسند ڪندو هو.

بيڪس رياضت ۽ عبادت جو قائل هو. ڪيس روح کي راحت ڏيڻ لاءِ رات جي وقت اڪيلائي ۾ جهونگاريندو هو. هن بزرگ شاعر جي "ڪنعيي



شهنشاهہ لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو

لعل" سان بيحد محبت هوندي هئي. جو هن کان پري نہ ٿيندو هو. سندس سچي محبت ايترو تہ گهمايو. جو صبح کان شام تائين مستي جي عالم ۾ پيو هميشہ ياد ڪندو هو.

بيڪس اِن محبت کي پنهنجي ڪلام ۾ شاعري جو روپ ڏيئي ڪيڏو نہ فدا ڪري ڇڏيو اٿس ۽ چئي ٿو تہ:

حال واقف يار همدم، هُج هميشہ همقدم،
دم نہ هڪڙو ٿي تُون ڌار، آءٌ تہ پرچون پاڻ ۾.

سندس شاعري ۾ درد جي شدت ۽ حسن جي حقيقت سمايل آهي. پاڻ سنڌي، سرائڪي، هندي ۽ فارسي ۾ شاعري ڪئي. پيءُ ۽ پٽ (2) اهڙا نالا آهن جو هڪ ئي نالي طور گڏ ڇپيا وڃن ٿا. يعني (بيدل بيڪس).

بيڪس ننڍي عمر 23 سالن جي ڄمار ۾ 5 رمضان المبارڪ 1298 هجري بمطابق پهرين آگسٽ 1881 ع ۾ هن فاني جهان کان موڪلاڻي ڪئي. سندس موڪلاڻي تي شاعر نواب شاهہ سڪايل پر درد نظم چيو. "ديوان بيڪس" سيد عبدالحسين شاهہ موسوي، سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪيو آهي:

شاعري جون سٽون:

هِئَن نہ لائق هوءِ، مارڻ مسڪينن کي،
چوري ڇڏي ڇپرين، متان پڇتائين پوءِ،
هِيئَن نہ گهريو هوءِ، بيڪس کي بيران ڪَيئي.

آهون ۽ دانهون، ويچاريءَ وڏيون ڪيون،
ونيو گس گوندر جا، پڳائين پانهون،
پنهون آڳاهون، سڏ نہ سٽي مئي جا.

حوالا:- 1. صوفي شاهہ عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر: پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي مانجهي 2010ع
2. ڳالهيون منهنجي سنڌ جون: شوڪت خواجائي 1999ع.
3. روهڙي جا روشن ستارا: ڊاڪٽر هدايت پريم. 2011ع.
4. مضمون ۽ مقالا: سهيڙيندڙ: خانم خديجہ دائود پوٽو. 1978ع.
5. سيوهڻ صدين کان: خير محمد برڙو سيوهاڻي.



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## "حضرت مولانا احمد سائين (خانپڙهہ شريف)".

(1290ھ-1352ھ)

حضرت مولانا احمد سائين جو جنم 1290 هجري مطابق 1873ع ۾ خانپڙهہ ۾ ٿيو. والد صاحب جو اسم گرامي حضرت مولانا عبدالغفار هو. ديني تعليم پنهنجي والد صاحب کان حاصل ڪئي. وڌيڪ تعليم لاءِ پرچونڊي شريف، فتح پور ۽ لوءِ صاحبان گهوٽڪي ۽ حصول تعليم جي سلسلي ۾ همايون شريف ۽ درويش نائچ مان حاصل ڪئي.

حضرت مولانا احمد سائين اٽڪل 22 سال تعليم جي حصول ۾ وقف ڪيا. 1325 هجري مطابق 1907ع ۾ والد صاحب جي وفات کان ٽئين ڏينهن دستاربندي واري رسم: حافظ محمد عبدالله (شيخ ثاني) (پرچونڊي شريف) واري پنهنجي هٿن مبارڪن سان ادا ڪئي.

حضرت مولانا احمد سائين 30 سالن جي عمر ۾ حضرت ميان عبدالله (هادي سائين) پرچونڊي شريف واري کان خلافت جو خرقو حاصل ڪيو. پاڻ ديني تعليم کان علاوه دين جي تبليغ، پرچار بہ ڪندا هئا ۽ پاڻ دين جي باري ۾ ڪتاب لکي عام ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش بہ ڪندا هئا. شاعري سان بہ سُٺي دلچسپي رهي پنهنجي چيل ڪلام ۾ مداح، مناجات ڪافيون ۽ مولود سرفهرست جاءِ والارين ٿا. سندس چيل مولود تمام گهڻو مشهور آهن.

حضرت مولانا احمد سائين جي سي حرفي ايتري تہ مشهور آهي جو صبح جي وقت خاص ڪري عبادتگاهن ۾ پڙهي وڃي ٿي. سي حرفي جي شروعات هنن اڊائي سٽن جي ٿلهہ سان ٿئي ٿي.

اول پيو تون آخر پيو تُون، باطن پيو تون ظاهر پيو تُون،
بيشڪ تون آ بيرنگ بيچون، خاوند خالق ارض سماءِ،
لَا اِلاه اِلّا الله.

انهي سي حرفي جو ذڪر (الف) کان وٺي (ي) تي ختم ٿئي ۽ آخري هنن سٽن سان سي حرفي جي پڄاڻي ٿئي ٿي.

حسبي ربي جل الله، ما في قلبي غير الله،
نُور محمد صلي الله، مڪہ مدينہ بيت الله،
لَا اِلاه اِلّا الله، محمد رسول الله. (صلي الله عليہ وآلہ وسلم).

حضرت مولانا احمد سائين پنهنجي مرشد سان عقيدت ۽ محبت



www.sindhsalamat.com

شهنشاھہ لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو

جو اظهار پنهنجي شاعري ۾ ڪيو آهي، پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان هڪ پٽ جي اولاد نالي ميان محمود پيدا ٿيو. ميان محمود جي پيدائش 1315 هجري مطابق 1897ع ۾ ٿي.

حضرت مولانا احمد سائين 63 سالن جي ڄمار ۾ اڱاري رات 23 شوال 1352 هجري مطابق 27 جنوري 1935ع ۾ هن فاني جهان مان موڪلاڻي ڪئي. سندس آخري آرام گاهہ خانپڙهہ شريف ضلعي گهوٽڪي ۾ آهي. حضرت مولانا محمد قاسم مشوري ۽ ميان عبدالغفور مهر جهڙن ڀلارن بزرگن ڪي پاڻ خرقہ خلافت جهڙي نعمت سان نوازيو.

حضرت احمد سائين جي ڇپيل ڪتابن ۾ (مشڪوات شريف) سنڌي ۾ حديث شريف جو ترجمو:

هن سنڌي ترجمي کي "مرات الشريح" جو نالو ڏيئي حضرت پورل سائين (پرچونڊي شريف) (8) جلدن ۾ پنهنجي خرچ تي ڇپرائي پڌرا ڪيا. بياض احمدي ۾ 127 ڪافيون آهن جيڪو 89 صفحن تي مشتمل آهي ۽ آخر ۾ 8 ڪافيون ۽ غزل شامل ٿيل آهن. حضرت احمد سائين ننڍا رسالا بہ ترتيب ڏنا جن کي "مظهر" جو نالو ڏنائون. پرچونڊي شريف جي پهرين سجاده نشين جي تعريف ۾ سندس چيل شعر:

وَهہ ڪجلا تنهنجا تجلا، گهور ڪيون دل گهائين ٿا،
زهر عبادت تقويٰ طاعت، وسريا پيا سڀ وَسلا،
هڪو مَسئلا يار پڙهايا، مَحو ٿيا پيا مَسئلا،
اڳي هياسي عقل اڪابر، هاڻي ٿياسي ڪَملا.

حوالا:- خانقاهہ پرچونڊي شريف جي ادبي تاريخ: ڊاڪٽر الهوسايو سومرو ص 179-180.

جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري 2004ع.

## "محمد فقير ڪتياڻ"

(1292ھ-1360ھ)

بزرگ شاعر محمد خان جي ولادت حيدر خان ڪتياڻ جي گهر ڳوٺ سليمان ڪتياڻ تعلقي هالا ۾ سن 1876ع بمطابق 1292 هجري ۾ ٿي. سندس وڏا افغانستان کان لڏي سنڌ ۾ اچي رهيا. فوج ۾ هوندي بهادري ۽ ڪاميابين تي ڪين جاگيرون مليون. 1914ع ۾ جرمن واري



www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944
Gul Hayat Institute

ڳوٺ حسين پيلي (گهوٽڪي) ۾ آهي. جتي هر سال عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي. ڪيس ڏورانهين علائقن مان مريد اچي درگاهہ تي حاضري ڀريندا آهن.

**مددي ڪتاب:**

1. ياد رفتگان: (مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ پيو ڇاپو 1994ع)

جو هر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري: 2004ع.

## "صوفي فقير جاڻ چن سائين"

(1312هہ-1416هہ).

صوفي جاڻ چن جو جنم 1895ع بمطابق 13/ 1312 هجري سنڌ جي هڪ ڳوٺ ٽرڙي هاجران ۾ ٿيو. پاڻ صوفي شاعر هو. سندس شاعري ۾ محبت ۽ اُلفت نظر اچي ٿي. ڦوهہ جواني ۾ مجازي محبت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جا چڪر ڏياري، پاڻ مُرشد مهدي سائين جي سڪ ۾ شاهپور جهانيان پهتا، جتي مُرشد جو ديدار ٿيڻ، اُهي پنڌ پيچرا، غمن وارا گس، هڪ لحظي ۾ لهي ويا. مُرشد جو سامهون ديدار درشن: شاعري جي روپ ۾ سمائجي ويو، ڪومايل گل ٽري پيا، پکين جا وار چڻ مٿان ڇانءُ ڪري گرمي کي روڪي، ٿڌڙي هوا جو جُهوڪون ڏيندا رهيا. سڀ عجب اسرار من ۾ سانڍي مُرشد کي هينئن منٿ ڪئي.

چن جاڻ گهوري، ڏنو سر سوري،
اڇليائين اڏي تي، تڪي نہ توري،
اٿم اميدون، هوندم قبر تي.....

فقير جاڻ چن غريبن جو يار. اڙين جو آڌار، هڪ سچوءَ کرو انسان هو، هميشہ سچ جي سڙڪ ورتائين. پوءِ ڀل ڪو ڪيڏو وڏو اڳواڻ ڇو نہ هجي، مد مقابل سامهون ٿي حق سچ وارا چيل لفظ، سندس اڳيان ڪنڊن بجاءِ گُل ٿي نڪتا، حقيقت ۾ پاڻ هڪ سماج سڌارڪ ٿو ڏسجي، حق ۽ سچ جو پيروڪار هو.

فقير جاڻ چن کي جڏهن سرڪار زمين ڏني تہ پاڻ اُها زمين جيڪا (150) جريبن تي مشتمل هئي. غريبن ۾ ورهائي ڇڏي. پاڻ صوفي رنگ ۾ سمايل هو. گيڙو ڪپڙا، ڳچي ۾ ڇڙا، پيرن ۾ ڇير ٻڌي، مالڪ اڳيان محبت جا گيت ڳائي، مالڪ کي ريجهائڻ، سادو ڪائڻ، سادو اٿڻ ويهڻ ئي هڪ صوفي جي سوچ آهي. جيڪا مالڪ محبوب اڳيان عجز انڪساري ۾ پيش ڪري



www.sindhsalamat.com



صوفي ٿي ڪري ثابت ڪري ڏيکاري.

فقير سائين کي جڏهن مرشد مهدي سائين اجازت ڏني تہ پاڻ سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان جو سير سفر ڪيو، ڪيترائي طالب ڪيائين، جن ۾ فقير حب علي، منٺار علي، حُر علي، حميد علي، پتنگ علي، سامان علي، نثار علي جن سندس حق ۽ سچ جو فيض ورتو.

پاڻ هڪ ڏينهن مهدي سرڪار جي درٻار ۾ پهتا، مهدي سائين کي جيڪو ڏيٺو هو، سو ڏنائين ۽ چيائين تہ "هي عشق جو آب اٿيئي جو تاحيات رهندو"! جنهن کي سيني سان لائي فقير هينئن پيش ڪيو.

محبوب منهنجي جا آهن، مظهر نوان نوان،
مثل بي مثال، بہ نظارا نوان نوان.

فقير کي پنجتن پاڪ سان عشق هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪلام چوندي ئي وجد واري ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي. سدائين اکين مان ڳوڙها هڪ سمنڊ جيئن ڇوليون هڻندا رهندا هئا. ايتريقدر جو سونهاري بہ آلي ٿي ويندي هئي. سندس چيل ڪلام ڇئن جلدن ۾ هڪ ڪتابي صورت ۾ "حق اثبات" جي نالي سان مارچ 1997ع ۾ شايع ٿيو.

فقير سائين هڪ صدي جو سفر پورو ڪري 24 ڊسمبر 1995ع بمطابق 1416 هجري تي هن فاني جهان کان موڪلاڻي ڪئي. سندس آخري آرام گاهہ موندر لاڪا تعلقي وارهہ ويجهو نصير آباد لاڙڪاڻي ۾ آهي.

**حوالو:-**

ڪتاب سونهان منهنجي سنڌ جا ليکڪ سليم چنا سال 2014ع.

جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري 2004ع

## "چيزل شاهہ"

(1332هہ- 1404هہ)

صوفي درويش چيزل شاهہ جي پيدائش جمادي الثاني 1332 هجري مطابق: مئي 1914ع ۾ ٿي. والد صاحب جو اسم گرامي صوفي سيد رکيل شاهہ هو. شروعاتي تعليم پنهنجي والد کان (فتح پور بلوچستان) ۾ ئي حاصل ڪئي. ديني تعليم کان علاوه عربي، فارسي ۽ اردو جي تعليم مولوي پير بخش شاهہ وٽان پرائي پنهنجي پيءُ سان گڏ درگاهہ (جهوڪ شريف) تي هر سال سماع جي محفل ۾ پهچي صوفي ذڪر ۽ فڪر ۾ ماٺهن کي جهومائي



www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

چڏيندا هئا ۽ سموري محفل ۾ واهہ واهہ جا گيت گونجي اٿندا هئا. پاڻ پنهنجي پيءُ جي هٿ تي بيعت ڪئي. بزرگ رڪيل شاهہ وڏي مٽيا ۽ مريدي وارو هو چيزل شاهہ بہ پيءُ واري واٽ وٺي جهوڪ جي سر زمين ۾ طالبي ۽ مريدي جا سبق سکيا، بزرگن جي محفل ۾ ويهي فيض مان فيضياب ٿيو.

سيد رڪيل شاهہ جي لاڏاڻي ڪان پوءِ پاڻ گادي جا سجاده نشين مقرر ٿيا، ذڪر ۽ سماع ڪان پوءِ فقيرن سان ڪيل ڪچهري بہ ڪافي ماڻهن کي (فتح پور) جي درگاهہ تي اچڻ تي مجبور ڪيو. ڪيس ڪافي مريد جهر جهنگ ۾ سندس چيلّ بيتن ۾ ڪافين کي جهونگارڻ لڳا. چيل ڪلام ۾:

جان جلي وئي جندڙي ساري، برهہ پيڙ اچي ٻاريو آ،
آ برهہ جا پڙڪا، ڪن جي ڪڙڪا، ساهہ کي سورن ساڙيو آ.

چيزل شاهہ بہ شاديون ڪيون جن مان ٽن پٽن جي اولاد مالڪ جي حضور مان عطا ٿي. جن ۾ سائين صادق علي شاهہ، نياز حسين شاهہ، رڪيل شاهہ عرف علي اڪبر شاهہ.

چيزل شاهہ جي چيل ڪلام جي ذخيري کي ڪتابي صورت ۾ آٽي "بحر عميق" جي نالي سان ڇپرايو ويو. پنهنجي والد صاحب ڪان فيض ملڻ ۽ پنهنجي شاعري ۾ رڪيل شاهہ کي "رڪيل" جي نالي سان هينئن نروار ڪري شاعري جو روپ ڏيئي ساهہ ۾ سانديو.

ڪر سجدو سر قتلام ميان،
ڏس ري کي يي لام، ميان.

صوفي چيزل شاهہ 15 شعبان 1404 هجري مطابق 16 مئي 1984ع اربع ڏينهن تي وفات ڪئي. آخري آرمگاهہ ڳوٺ فتح پور "گند ا واهہ" رياست قلات بلوچستان ۾ آهي.

صوفي چيزل شاهہ سندس صوفياڻيون صدائون بيت جي صورت ۾ آٽي. هينئن بيان فرمايون آهن.

آ ذوتي الف ڪون، واندا ڪين ويهن،
ڦريون پنهنجي نفس کي، ٿا پل پل پرزا ڪن،
ساموهن ٿيا سبحان کي، ٿاساري رات رڙن،
اٿي اسر ويل تي ٿا سيني سوز سڙن،
سڻا "چيزل" ٿا پورپون، جو دم دم دونهان درجا.

سندس چيل ڪلام جي مجموعي کي فتح چند ڪنعيا لعل



www.sindhsalamat.com



"بحرالعميق" جي نالي سان 1987ع ۾ حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڪلام ۾ چيزل شاهہ جون 186 ڪافيون 31 بيت ۽ بہ عدد ٽيهہ اکريون شامل آهن.

**حوالا:-** 1. ياد رفتگان: مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ پيو ڇاپو 1994ع.
2. صوفي شاهہ عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر: پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي مانجهي: سال 2010ع.
3. جوهر تقويم: ضياءَ الدين لاهوري.

| No: | (مضمون ۽ مقالا) | لکندڙ: ليکڪ، اديب، شاعر |
|---|---|---|
| 1 | مضمون: حبيب شاهہ جي حويلي ۽ شاهہ لطيف جو نِنڊپڻ | ولي محمد طاهر زادو |
| 2 | مقالو: شاهہ جا شيدائي ۽ سندن شرح جو معيار | محمد هنگورجو |
| 3 | مضمون: افراتفري، انتشار جو دؤر ۽ شاهہ | آغا سليم |
| 4 | مقالو: شاهہ جي عظمت جا اسباب | شمس العلماءَ علامہ دائود پوٽو |
| 5 | مقالو: شاهہ لطيف جي شاعري ۾ انسان دوستي | ڊاڪٽر شير مهراڻي |
| 6 | مقالو: شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ انسان دوست رويا | ڊاڪٽر مخمور بخاري |
| 7 | مقالو: تصوف ۽ تصوف جي بنيادي اصولن ۾ شارح شاعر | لطيف نوناري |
| 8 | مضمون: شاهہ عبداللطيف جي ڪلام ۾ اسلامي قدرن جي اهميت | عبدالرحيم ڏيٿو |
| 9 | مقالو: ڀٽائي ۽ وارث شاهہ ۾ عوامي رنگ ۽ فڪري هڪجهڙايون | اقرار پيرزادو |
| 10 | مضمون: شاهہ اُميد جو شاعر | آغا سليم |
| 11 | مقالو: نياز ۽ نوڙت، شاهہ جي نظر ۾ | سردار علي شاهہ "عاصي" |
| 12 | مقالو: ڪاڇي جي ڪنڌي ۽ شاهہ لطيف | عزيز ڪنگراڻي |
| 13 | مضمون: "اي نہ عورت هوءِ". شاهہ سائين جو فڪر ۽ فلسفو | ج، ع منگهاڻي |
| 14 | نظم: سڀ ڪجهہ تو مٿان گهوري ڇڏيان | ميون خان "موج" لغاري |



www.sindhsalamat.com



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

| | | |
|---|---|---|
| 53 | مقالا: "شاہ لطیف کے کلام میں سندھ اُور مکران کے مشترکہ ثقافتی ورثہ کی جھلکیاں": | حڪيم بلوچ |
| 54 | مضمون: سُر ڍهر سجاڳي جو سڏ | ڊاڪٽر اسد جمال پلي |
| 55 | مقالو: ڀٽائي جي شاعري ۾ رنگي جا رنگ | امين چانديو |
| 56 | مضمون: ڏک تنين کي ڏِک | آغا سليم |
| 57 | مقالو: شاهہ لطيف جو پهريون شارح ارنيسٽ ٽرمپ | ڊاڪٽر نواز علي شوق |
| 58 | مقالو: شاهہ جي رسالي ۾ ماءُ | ڊاڪٽر اسد جمال پلي |
| 59 | مقالو: شاهہ جستجو ۽ جدوجهد جو شاعر | مراد علي مرزا |
| 60 | مقالو: لطيف جي ڪلام ۾ انساني ڪردار جي پرک | پروفيسر محمد سليم ميمڻ |
| 61 | مقالہ: شاہ عبداللطیف بھٹائی پنجابی زبان و ادب کے تناظر میں | اختر وصال سليمي |
| 62 | مضمون: جي رُڃن راهہ پُڇن. | آغا سليم |
| 63 | مقالو: جانب تُون جيڏو آهين، شان شعور سين | سليم ڀٽو لطيفي |
| 64 | مقالو: ڀٽائي سائين جو ڪلام ڪير ٿر جون ٻوليون ۽ لهجا | جوهر بروهي |
| 65 | گلگت بلتستان کی شاعری پر شاہ عبداللطیف بھٹائی کے افکار کے وجودی اثرات | احسان شاهہ |
| 66 | مقالو: صوفي فڪر ۽ لطيف | محمد حسين ڪاشف |
| 67 | مقالو: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي نظر ۾ "هنج" پکي | نذير ناز |
| 68 | مضمون: کوہ نہ جُھاریں جکرو | آغا سليم |
| 69 | مقالو: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي وائي جو اڀياس ۽ موسمياتي تجزيو | ذوالفقار علي قريشي |
| 70 | مقالو: شاهہ جي ڪلام ۾ روحاني منزل جو ذڪر | ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ |
| 71 | مقالو: موسيقي ۽ شاهہ | ڊاڪٽر آفتاب ابڙو |





| | | |
|---|---|---|
| 72 | مقالو: شاهہ جي شعر ۾ انساني مزاج ۽ فطرت جي عڪاسي | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي |
| 73 | مضمون: مومل ۽ مينڌري جو ماڳ | معمور يوسفاڻي |
| 74 | مقالو: شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست ۾ نظرياتي فرق | ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو |
| 75 | مقالو: شاهہ لطيف جي شاعري ۾ فطرت جا رنگ | ڊاڪٽر رحمان گل پالاري |
| 76 | مقالو: شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال | ڊاڪٽر فهميده حسين |
| 77 | مقالو: موجوده دؤر ۾ شاهہ لطيف جي اهميت | محمد حسين ڪاشف |
| 78 | مقالو: سُر ڪيڏارو ۽ اُن ۾ سمايل عورت جو عظيم ڪردار | نذير ناز |
| 79 | مقالو: مارئي (حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي) جي سورمي | پروفيسر غلام احمد بدوي |
| 80 | مضمون: "شاہ عبداللطیف بھٹائی کا نظریہ تصوف اور وحدہُ لاشریک سے عشق" | محمد حسيب القادري |
| 81 | مقالو: راڻو شاهہ جي ڪلام جو اٺموٽ ڪردار | نواب ڪاڪا |
| 82 | مقالو: شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ سجاڳيءَ جو سڏ | ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو |
| 83 | مضمون: نوجوان ۽ شاهہ | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي |
| 84 | مقالو: لطيفي لفظن تي ويچار | پريتم پياسي |
| 85 | مضمون: شاهہ لطيف جي شاعري ۾ مومل جو ڪردار ۽ ڪاروڪاري جي رسم | ڊاڪٽر فهميده حسين |
| 86 | مقالو: ڪاهوڙي خفي سان | محمد حسين ڪاشف |
| 87 | مقالو: شاهہ لطيف ڀٽائي جا آئيڊيل جوڳيئڙا | نذير ناز |



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

| | | |
|---|---|---|
| 88 | مقالہ: شاہ لطيف زنده فطرت کے تابنده شاعر | اياز جاني |
| 89 | مقالو: شاهہ جي ڪلام ۾ سهپ ۽ صبر | ڊاڪٽر بشير احمد "شاد" |
| 90 | مقالو: شاهہ جي ڪلام ۾ خوشيءَ جو فلسفو | ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو |
| 91 | مقالو: شاهہ جي ڪلام ۾ زندگي جو فلسفو | ڊاڪٽر غلام علي الانا |
| 92 | مضمون: شاهہ صاحب ۽ اسان جون جوابداريون | جي ايم سيد |
| 93 | مقالو: مابعد جديديت ۽ صوفي مت (شاهہ جي شاعري جي پس منظر ۽ پيش منظر ۾) | ڊاڪٽر غفور ميمڻ |
| 94 | مقالو: ڪوڙي ڪاياڻون تنهنجون | طارق عزيز تنيو |
| 95 | مقالو: شاهہ جي رسالي ۾ گرامر ۽ اعرابن جو جائزو | استاد لغاري |
| 96 | مقالو: شاهہ لطيف جي ڪلام جي روشني ۾ حُسن ۽ جمال جو اڀياس | ڊاڪٽر غلام علي الانا |
| 97 | مضمون: شاهہ سائين جو ترائي تان پيرو ۽ سندس اوتارو | غلام شبير پيراهين |
| 98 | مقالو: شاهہ جي شاعري ۾ "وارن" جو ذڪر | ڪريم بخش چنا |
| 99 | لطيفي شعر ۽ مشاهدي جا رنگ | نذير ناز |
| 100 | مقالو: شاعر جو سماجي ڪردار | ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو |
| 101 | تحقيقي مضمون: بيت نہ پر آيتون، شاهہ جي دعويٰ | ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو |
| 102 | مقالو: شاهہ ۽ عشق | پروفيسر ستار سومرو |
| 103 | مقالو: ڀاڄارو ڀيلي ڏٺي | ڊاڪٽر غلام علي الانا |
| 104 | مضمون: مصور شاعر، لطيف ۽ سرڪيڏاري ۾ رنگ | قاضي منظر حيات |
| 105 | مقالو: شاهہ لطيف سنڌي ٻولي جو معمار (لسانياتي جائزو) | ڊاڪٽر غلام علي الانا |





| | | |
|---|---|---|
| 106 | مقالو: تاجدار تصوف ڀٽ ڌڻي بادشاهہ | عبدالوحيد انيڙ |
| 107 | مقالہ: شاہ عبداللطيف بھٹائی پر تعلیمی تحقيق ایک جائزہ | ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو |
| 108 | مقالو: شاهہ لطيف بابت حڪايتون ۽ روايتون | مير عبدالحسين سانگي |
| 109 | مضمون: پنهنجو آهين پاڻ آڏو عجيبن ڪي | فقير علي ڏنو نظاماڻي |
| 110 | مقالو: لطيف شناسي لاءِ نيون سوچون ۽ نوان قدم | ڊاڪٽر غلام علي الانا |
| 111 | مقالو: عدد ناهي عشق | ڊاڪٽر تهمينہ مفتي |
| 112 | مقالو: شاهہ جي شاعري ۾ اخلاقي قدر | نذير ناز |
| 113 | مقالو: سُر سامونڊي، وفا شعار ونيءَ جي محبت جو لازوال داستان | جاويد شيخ |
| 114 | مقالو: شاهہ لطيف ۽ سندس دؤر جون سماجي حالتون | ڊاڪٽر احسان دانش |
| 115 | مقالو: علم البيان جي روشني ۾ شاهہ لطيف جي ڪلام جو مطالعو | ڊاڪٽر غلام علي الانا |
| 116 | مقالہ: عورت تاریخ مذاہب اور فلاسافر کے آئینہ میں | ڈاکٹر محمود علی شاہ |
| 117 | مضمون: شاهہ لطيف "ڪاهوڙڪي ڪير" جو "لوڪ طبيب" | ذوالفقار خاڪي |
| 118 | مقالو: مارئي جي موت ۽ ملير جو تصور | بدر ابڙو |
| 119 | مقالو: سُررام ڪلي جي روشني ۾ جوڳ ۽ جوڳي پنٿ جو اڀياس | ڊاڪٽر غلام علي الانا |
| 120 | مضمون: "شاہ عبداللطيف بھٹائی کا پیام، جدید انسان کے نام" | محمد موسیٰ بھٹو |
| 121 | مقالو: شاهہ جو پيغام هر دؤر لاءِ | مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي |
| 122 | مضمون: شاهہ صاحب جي تخيل واري سنڌ | جي ايم سيد |
| 123 | مقالو: شاهہ لطيف سنڌ جي ماڻهن جي جذبن ۽ احساسن جو ترجمان شاعر | ڊاڪٽر غلام علي الانا |



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

| | | |
|---|---|---|
| 33. مُنهنجي مُئي کانپوءِ | (شاعري) | زخمي چانڊيو |
| 34. جيئڻ جنين ڪاڻ | (ڪهاڻيون) | اقبال بلوچ |
| 35. شهنشاهه لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو | (تحقيق) | غلام شبير پيراني |



شهنشاهه لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944